C-S
187

ناول

# حلیما

آسانند مامتورا

With Regards
to
Dr. C. D. Panjabi
[illegible]

459

R.G.S. Eng. High School
UNR-4.

17
M-5(112)
189



پیت پسنک

000063

آسانند مامتورا

389

اَرپيان ٿو

اُنهن کي

**جن جي پيڙا**

پرٿويءَ تي

**پرڪاش** آڻي ٿي.

R.G.S. Eng. High School
UNR-4.

"Pain is the protoplasm
of literature."

[هر ڪنهن رچنا جي جڙ پيڙا
جي گهرائين ۾ آهي.]

# حليما

(اَڄوڪو ناول)

پھريون ڇاپو مارچ - اَپريل ١٩٧٧
سال سترهون - پرچو ٽيون - چوٿون
قيمت ڇهه رپيا.
ساليانو چندو ڏهه رپيا
ڪونج پبليڪيشن، بمبئي-١

HALIMA - Novel

by : Asanand Mamtora

First Edition March - April 1977
Vol. 17 — No. 3-4.
This Issue Rs. 6-00
Yearly Rs. 10-00
Koonj Publications, Bombay-1.

---

هيءُ مخزن پرنٽر، پبلشر ۽ مالڪ شري پرڪاش ايچ-
موٽواڻي سنڌو آرٽ، روسي مهتا انڊسٽريل بلڊنگ،
جڙاج ڀائي لين، بمبئي-٤٠٠٠٠٨ (فون: ٣٩٢٢٢٣)
مان ڇپائي، شري هري موٽواڻي جي سمپادڪيءَ هيٺ
٤-گريٽ ويسٽرن بلڊنگ، اَپولو اسٽريٽ، بمبئي-٤٠٠٠٠١
مان پڌري ڪئي. (فون: ٢٦٢٢١٢)

نڪتل پستڪ جو مهورت ڪيو ويو!
مٿئين بزرگ آديبن جڏهن "شاعر" ناول جي اعليٰ
موضوع ۽ عالماڻي عبارت جي سراهه ڪري دنگ ڪيو،
تڏهن جيٺمل صاحب مونکي حڪم ڪيو ته جوان
ليکڪن يارن تون به ڪتاب تي ڪجهه ڳالهاءِ. پر آءٌ
انگريزيءَ جو ليڪچرار، گهڻا سنڌي پستڪ پڙهندي به
سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ جو هيراڪ نه هوس. تنهن هوندي
به ناول مونکي اهڙو پسند پيو هو جو دل ٻڌي ڳالهائڻ
شروع ڪيم. جيئن ته هن ناول ۾ هڪ هندو جوان جو،
هڪ مسلم ڪشميري جوانڙيءَ سان سچو پريم ڏيکاريل
آهي، جنهن مان ماستورا جي اُدار دلي ظاهر آهي. ٻيو
ته منجهس اونهو منو وگيانڪ چٽ ڪيل آهي، جو
سنڌي ناولن ۾ اڪثر عدم پيدا هوندو آهي ۽ صرف
ظاهري واقعا بيان ڪيل هوندا آهن. ليکڪ جا ويچار
آتموادي فيلسوفيءَ ڏانهن مائل آهن، ۽ سندس ٻولي
هنديءَ ۽ فارسيءَ جي مائيدار ملاوت واري آهي.
مطلب ته سنڌيءَ ۾ اهڙو منو وگيانڪ ۽ آدرشوادي
شاهڪار ناول ڪو نه نڪتو آهي. جيٺمل ۽ ٻين بزرگ
ليکڪن داد ڏنو ته پهرئين سنڌي ڀاشڻ ۾ ئي تون ته
چڱو خاصو ڳالهائي وئين ۽ ناول جو موزون تنقيدي
جائزو وٺي وئين. اهڙيءَ طرح ماستورا جي ناول مونکي
مادري زبان ۾ ڳالهائڻ سيکاري ڇڏيو. منهنجي سائنير

# مهاڳ

١٩٤١. ڪراچي. ڪن سنڌي اديبن جي هڪ انوکي محفل. "آشا ساهت منڊل" جي اتساهي سمپادڪ ديي سپاڻيءَ هن بندي کي به اُن محفل ۾ شامل ٿيڻ لاءِ نيند - پتر مڪو هو، ڇو جو منهنجو پستڪ "پريت جا گيت" ١٩٤٠ ۾ "رتن ساهت منڊل" پاران پڌرو ٿي چڪو هو ۽ آءٌ پڻ اُسرندڙ اديبن جي صف ۾ شامل ٿيڻ لائق ليکيو ويو هوس. اُن محفل جو مقصد: سپاڻي صاحب هڪ نئون اصلي لکيل ناول "شاعر" شايع ڪيو هو، جنهنجو مهورت ڪرڻ ٿي چاهيائين. ليکڪ آسانند مامتورا، جنهن پنهنجي ڪهاڻين جي مجموعي "جيوت: پريم ۽ پاپ جون ڪهاڻيون" معرفت (جو "ڪهاڻي ساهت منڊل" پاران ١٩٣٩ ۾ پڌرو ٿيو هو)، نازڪ جنسياتي مسئلن جي منوگياڪ ڇيد ڪرڻ لاءِ ڪافي شهرت حاصل ڪئي هئي، تنهن جو هن ناول جي پڌرائي ٿي تنهن ادبي حلقن ۾ چڱي دلچسپي پيدا ڪئي. پر ڪوتايل محفل ۾ پير پائڻ سان منهنجي تعجب جي حد ڪانه رهي جڏهن ڏٺم ته ڪاڪي ڀيرومل، جيٺمل پرسرام ۽ لعلچند امرڏنيمل پارا بزرگ نام - ڪنيا اديب اچي اُتي حاضر ٿيا هئا! سنڌي ساهت جي اتهاس ۾ اهو شايد پهريون موقعو هو جو ڪنهن نئين

جا ٿي - چار باب مونکي غير - دلچسپ ٿا لڳن. پر انهن بابن ۾ ئي هڪ انقلابي عورت زينت جو چٽو چٽيل آهي، جو حليما جي ابتڙ هوندي به انکري دلڪش آهي جو هوءَ سياسي سرگرميءَ ۾ اهڙي تہ مبتلا آهي جو سندس جنسياتي خواهشون بنهہ مري چڪيون آهن. سندس عاشق اڪيلائيءَ ۾ سائنس رات گذاريندي بہ شڪايت تہ ڪري: "ڪم نصيبان، هوءَ گهڙيل ئي ڪنهن اهڙي غيبي مٽيءَ مان آهي جو مٿس منهنجي دل جي آتش، منهنجي محبت جي تڙف، منهنجي جان جي جلن، ڪو بہ اثر نٿي ڪري... دنيا جي نون خيالن ۽ تحرڪن سندس ذاتي جذبن کي دٻائي، کيس اور جنس بنائي ڇڏيو آهي. هوءَ نہ مرد آهي نہ عورت، هوءَ صرف سماجواد جو مجسم آهي." ڪهڙو نہ اونهو منو وگيانڪ ڇيد!

پوءِ حليما جو سچو پيار هڪ رشت پشت هاريءَ سان، دريءَ مان پهرين نظر پوڻ سان ٿي ٿو وڃي، جنهن بابت چوي ٿي: "اکين سان اکيون مليون، هن جي اکين ۾ مون پنهنجي قسمت پڙهي ورتي. هوُ منهنجو ازل جو ساٿي هو، آءٌ جائي ئي سندس لاءِ هيس، ۽ هوُ منهنجي لاءِ... قدرت اسانکي هڪٻئي لاءِ خلقيو هو." مان (ملڪاڻي) توس حقيقت وادي آهيان ۽ اهڙي ازغيبي، ازلي پيار کي اسپاويڪ تو

۾ اُن زماني جي ڪنهن سنڌي اَديب جو اهڙو شاندار سنمان ڪونہ ٿيو هو، اَهڙي قدرشناسي، اَهڙي همت-اَفزائي ڪانہ ڪئي ويئي.

ماٽورا صاحب جو "حليما" پيون خود-ساختو ناول آهي، جنهنجو ماحول "شاعر" واري ڪشمير جي سؤرڳي سندرتا کان بلڪل نرالو آهي، سنڌ جي ڳوٺاڻن وڏيرن وارين حويلين ۽ ڪراچيءَ جي ليمپيئر روڊ جي هوٽلن وارو آهي. "شاعر" جو مکيہ ڪردار هڪ نايڪ (hero) آهي پر "حليما" جو مکيہ ڪردار هڪ نايڪا (heroine) آهي، جا پنهنجي ڏکن ڏڏي ڪهاڻي ورنن ڪري رهي آهي. لاوارث ڳوٺاڻي حليما سان، ١٤ سالن جي ڦٽندڙ جوڀن ۾، وڏيري جو پٽ جڏهن زناه ڪري عليحدہ موٽي ٿو وڃي ۽ ڪيس ڪچو مٽل ٻار ٿو ڄمي، تڏهن مسڪين نيڱر مجبورن وڏيري جي حويليءَ ۾ سندس سريت بڻجي ٿي رهي. اُنوقت سندس جسماني ڪيفيت جـو بيباڪ منووگيانڪ بيان ماٽورا نهايت نفيس ۽ چڀندڙ لفظن ۾ ڪيو آهـي، جو سچہ اگرو هوندي بہ سياويڪ آهي.

پر هن ذليل زندگيءَ مان بيـزار ٿي، حليما جڏهن انـگريز سرڪار خلاف سياسي ڪيترو جـي هڪ مخفي جماعت ۾ داخل ٿي ٿئي، ۽ پوليس جـي لاٺـي چارج ۽ ڪرفيو آرڊر جو مقابلو ٿي ڪري، اُن بابت ڪتاب

جنھن ڪيس ڏيءَ جيان اُجھو ڏنو ھو سو سمورو خون ٿي ويو. سنڌ ۾ آئي ته سندس دماغ کي چوٽ آيل ھئي ۽ ھوءَ گدو بندر جي اسپتال ۾ رکي ويئي، پر اتي به ساٿين کي اپيل ڪندي رھي: ”اي ھم وطنيو! جي توھان ڪڏھن به انسان جي برادريءَ ۽ برابريءَ جو سپنو لڌو آھي ته دل نه لاھيو. انھيءَ سپني کي مرڻ نه ڏيو. اھو سپنو ئي ته جيئڻ لاءِ واجبي سبب آھي.“

جمع پونجيءَ سنڌ جي مسلم زندگيءَ بابت ھيءُ ناول بيحد اُتساھ بخشيندڙ آھي، لکيل به عاليشان عبارت ۾ آھي، جنھن لاءِ مامتورا صاحب لک لک مبارڪون لھڻيون. اُميد ته ھيءُ ناول سنڌ ۾ توڙي ھند ۾، سرحد جي ٻنھي پاسي سنڌي پاٺڪن کي پسند پوندو.

**منگھارام ملڪاڻي**

ڪلڪتو - ٦ مارچ ١٩٧٧ع

سمجهان. پر مامتورا روحاني ۽ رومانٽي ويچارن وارو پرش آهي، تنهنڪري پنهنجا آدرش مباح هجن!

حليما عاشق سان پهريون ميلاپ هڪن عاليشان اکرن سان بيان ٿي ڪري: "بيءَ گهڙيءَ پاڻ کي رحمان جي آغوش ۾ پيڪڙيل ڏٺم. اُن رات مون محسوس ڪيو تہ وڏيري سان همبستر ٿيڻ بہ مان ڪچي ڪنواري ئي هئس. اڄ رات ئي منهنجي ڪنوارپڻي، رحمان جـي آغوش ۾ قولارجي، عورت جو روپ ورتو. ائين انهيءَ سهاڳہ جي رات مون محسوس ڪيو تہ محبت ۽ شهوت ۾ ڪهڙو ۽ ڪيڏو تفاوت آهي. شهوت باهہ آهـي ۽ محبت نُور" دل جي اونهائي مان پيدا ٿيل سچي پيار بابت اهڙو اعليٰ نظريو، تنهن ۾ مامتورا سان مان تهدل شامل آهيان.

باقي ڪهاڻي نهايت دک ـ اَنت آهـي. حليما ۽ رحمان جڏهن نڪاح وجهي پنهنجي ٿا نڪرن تڏهن وڏيري جا چاڙتا رحمان کي ماري ٿا ڇڏين ۽ حليما ويچاري هڪ ڏينهن ۾ سهاڳڻ مان ڏهاڳڻ بڻجي ٿـي پوي. هڪ هندو ڪٽنب پاڻ سان لاهـور ۾ وٺـي وين، پنهنجي ڌيءَ سمجهي اَجهو ٿو ڏئين، پر هوءَ ڪراچيءَ ۾ موٽي سماجوادي هلچل ۾ بهرو ٿي وٺي. ملڪ جي ورهاڱي ڪيس پاري ڌڪ وسايو. لاهور ۾ هندو - مسلم فساد ٿيا تہ هوءَ هڪدم اوڏانهن پڳي، پر اُهو ڪٽنب

هو صرف آکاڻيون لکي، ساهتيہ جي اُن شاخ ۾ ماهريت حاصل ڪري. شري مامتورا جون ڏهن کن چيديون، جدا جدا وشين تي لکيل آکاڻيون، مشهور ادبي مخزن "سندو" ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيون، جي بعد ۾ ٻن ڪتابي مجموعن ۾ ظاهر ٿيون ۽ جدا جدا ٻولين ۾ ترجمو ٿيون. هڪ مشهور ڪهاڻي "ڪڪي" انگلين ٻوليءَ ۾ به ڇپي.

١٩٤١ع ۾ شري مامتورا جو پهريون اصلوڪو ناول "شاعر" ظاهر ٿيو، جو سنڌي ساهتيہ ۾ حد-نشان تي قبول ڪيو ويو آهي. اُن کان اڳ سنڌيءَ ۾ به چار اصلوڪا ناول شايع ٿيا هئا پر "شاعر" پهريون ئي ناول هو جنهن سنڌي ليکڪن جي دلين ۾ احساس ڪمتريءَ جي اِن ڀاونا کي ٽڙي ڪڍيو تہ سنڌيءَ ۾ شاهڪار اصلوڪو ناول لکجي نہ ٿو سگهجي. هن ناول جي هر طرف کان خوب مرحبا ٿي، پنجن سالن ۾ ٻہ دفعا ڇپيو ۽ اَج بہ بلڪل ناياب آهي.

"شاعر" جي شاندار ڪاميابيءَ بعد، ليکڪ تي هر طرف کان زور پوڻ لڳو تہ هو وڌيڪ اصلوڪا ناول لکي ۽ انهن تقاضائن کي مان ڏيئي، ١٩٤٧ع ۾ شري مامتورا پنهنجو ٻيو اصلوڪو ناول "حليما" لکي پورو ڪيو، جو ماحول، ڪردارن خواه مسئلي ۾ پهرين ناول کان بلڪل مختلف هو. سنڌ جي وايومنڊل ۾ مسلم

# شري آسانند مامتورا

سنڌي ساهتيہ جي جهوني ۽ ٻرک ليکڪ، شري آسانند مامتورا جو جنم ١٩٠٣ع ۾ ڪراچيءَ جي جهوني شهر (اولڊ ٽائون) ۾ ٿيو. هنجي ذات (ٻوهر ڪتوري) ۾ اڳ ۾ ڪجهہ ودوان، ڪوي ۽ وڇاروان پيدا ٿيا هئا. ننڍپڻ کان ئي شري مامتورا جو لاڙو فيلسوفيءَ ۽ ساهتيہ طرف هو. قسمت سان، انگريزي اسڪول ۾ شري لالچند جڳتياڻي ۽ ڪاليج ۾ ڪاڪي ڀيرومل مهرچند جهڙن ماهر سنڌي داڻن وٽان تعليم حاصل ڪرڻ ۽ هنن جي متراٽا جو موقعو مليس، جنهن هنجي دل ۾ ساهتيہ لاءِ پريم کي پختو بڻائي ڇڏيو.

اڃا اسڪول جو وديارٿي هو جو ڇپڊا مضمون لکڻ لڳو، جن پڙهندڙن جو ڪافي ڌيان ڇڪايو. اُنهن مان هڪ مضمون، پروفيسر اجواڻيءَ ڪاليج جي مخزن ۾ ڇپيو، جيتوڻيڪ شري مامتورا اُن وقت ڪاليج جو وديارٿي بہ نہ هو. اِن ڳالهہ ليکڪ کي تمام گهڻو اُتساهت ڪيو.

ڪاليج جي زندگيءَ ۾ شري مامتورا ڪيترا ليک ۽ منووگيانڪ آکاڻيون لکيون، جن عالمن خواہ عام ماڻهن جو ڪافي ڌيان ڇڪايو. پرنسيپال گرڌناڻيءَ، هن جون ڪجهہ ڪهاڻيون پڙهي، هڪ صلاح ڏني تہ

نُورو جيئن ڪيس پنهنجي جهوپڙيءَ ڏي وٺي پئي ويو، تيئن هڪڙوئي سوال سندس من ۾ ور ور ڏيئي پئي اُٿيو. هن عجب کائي پاڻ کان پئي پڇيو: "دل جي گهرائين ۾ ڪهڙا گهاءَ لڳا اٿس جن هھڙيءَ نازڪ طبع ۽ حليم عورت کي سماجواد جو پرچارڪ بنايو آهي؟"

سندس هم-قدم رفيق هڪ ٽيهن ورهين جي عورت هئي. سندس منهن تي سندس ڏکن جي ڪهاڻي اُهڙين ته چٽين ريکائن ۾ لکيل هئي جو هڪ معصوم ٻار به اُها پڙهي ۽ پروڙي سگهي ها. نه رڳو نرڙ گهنجن سان گهايل هوس، پر سندس ڳلن ۽ ڳچيءَ تي به اُنهن جي پاڇولن جهڙا نشان نمودار هئا. سندس منهن تي جڙ ڪنهن هٺبد هاري چڙهي هئي. جڏهن ليڪچر ڏيندي ڏيندي، جوش ۾ ايندي هئي، تڏهن ڪنهن اُڏامندڙ لحظي لاءِ سندس منهن ۾ رت اَچي، ڦيري پائي، وري غائب ٿي ويندو هو. سندس اکيون — ها، سندس وڏيون، جرڪندڙ اکيون، اُنهن ۾ اَڻ ٽُٽي ٻهر

زندگيءَ تي، اُن وقت جي ٻرندڙ مسئلن تي لکيل هئي ناول اُن وقت لکجي پورو ٿيو جڏهن سنڌي مسلمان نئين دؤر جي چانئٺ وٽ پير رکي بيٺا هئا.

۱۹۴۷ ۾ هي ناول پريس ۾ ڇپجڻ لاءِ ويو، پر اوچتو حالتون تڪڙيون خراب ٿيڻ ڪارڻ اُن جي ڇپائي شروع نه ٿي سگهي. ورهاڱي کان پوءِ حالتون اهڙيون اُلجهيل رهيون جو سينئي کان هن شاهڪار ناول جي ياد ئي وسري ويئي! تازو، اتفاق سان ناول جو ذڪر ڇڙڻ تي، اِن جو مسعودو ڍير هيٺان نڪري آيو ۽ اِن کي شايع ڪرڻ جو شرف "ڪونج پبليڪيشن" کي حاصل ٿيو.

شري مامتورا پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو اسڪولن جي هيڊ ماستريءَ ۾ گذاريو، پهرين ڪراچيءَ ۽ پوءِ بمبئيءَ ۾. هن وقت، مکيه مشغولين کان پاڻ کي آجو رکي ٿو، تعليمي ۽ ساهتيڪ ڪارگذارين ۾ تمام گهڻي دلچسپي وٺندو رهندو آهي. اُڀرندڙ ساهتيڪارن جي تمام گهڻي همت افزائي ڪندو آهي. اهڙيءَ طرح ۷۳ سالن جي عمر ۾ به علميت ۽ آزمودي سان پنهنجي نهني نموني سنڌي جاتيءَ جي خدمت ڪندو رهي ٿو ۽ دعا آهي ته اِجا گهڻا گهڻا سال سنڌي ٻوليءَ کي اِن خدمت جو فيض ملندو رهي.

**بهاري لال**

"نورو، سچ ٻڌاءِ، تنهنجن ٻارن کي منهنجي ڪري تڪليف ته ڪانه ٿيندي؟" عورت سندس منهن ۾ نهاري چيو.

"نه، حليما. گهر ۾ صرف پيرسن امي ۽ ٻه ننڍا ٻار آهن. تون سولائيءَ سان اميءَ سان گڏ سمهي سگهندينءَ. ٻار اَج رات جو مون سان گڏ ٻئي ڪمري ۾ سمهندا."

"۽ تنهنجي گهرواري؟"

"هوءَ ويچاري ڇهه مهنا ٿيا ته رحلت ڪري ويئي." نوروءَ درد ڀرئي آواز ۾ چيو.

ٻئي وري چپ چاپ پنڌ ڪندا رهيا. دل ۾ سندس عورت جي يادگيري تازي ٿيڻ سان، نُورُوءَ جا خيال ٻه انهيءَ طرف لڙڻ لڳا. هو سندس بيڪسيءَ ۽ وفائيءَ جي نازڪ صورت دل ۾ چٽي رهيو هو ته حليما جو آواز ڪن تي پيس:

"هن جنگ جي ڪٺن سمي ۾ خرچ جو پورائو ڪري سگهين ٿو؟"

نوروءَ سندس منهن ۾ نهاري چيو، "البت مشڪلات سان. امي ويچاري ڪوئي سڪوئي پيٽي پورائي ڪري. گهٽتي صرف اِها اٿم جو قرض ادا ڪري نٿو سگهجي."

"قرض!" حليما اَچرج مان چيو، "قرض ڇو ڪنيئي؟"

"گهرواريءَ جي دوا درمل ۽ ڪفن دفن لاءِ لاچار قرض

مشعال پڻي پريا — سماجواد جي اَمر جوت جا، جنهن ڪنهن سنڌس همر - رفيق ۽ همڪار هڪ دفعي چيو هو.

نُورُو مان ميٺ ۾ سنڌس پرسان پڻي هليو. هو هن ڪان ڏهه ڪن سال وڏو هو. ٻئي ساڳئي ڳوٺ ۾ پلجي وڏا ٿيا هئا. نُوروءَ کي ڳوٺ ڇڏئي ويهه سال ٿي ويا هئا، جڏهن هوُ اٽڪل ويهن ورهين جو هو ۽ سنڌس همقدم رفيق ڏهن ورهين جي مس هئي. نورو جي تصور ۾ اُها ڏهن ورهين جي نينگر اَج ڇٽي صورت وٺي بيٺي. رنگ جي گوري، شڪل جي سڊولي، اکيون تاب ۽ مچلائيءَ سان پريل، هوءَ ريل ڇيل، اَلبيلي، پيٺي ڳوٺ ۾ ڦرندي هئي ۽ ڳوٺ جي هرهڪ پاتيءَ جي دل ۾ سنڌس معصوميت، مچلائيءَ ۽ مٺي سياءَ سنڌس لاءِ خاص جاءِ جوڙي ڇڏي هئي. هرڪو کيس ڏسي، خوش ٿيندو هو، ۽ ساڻس ڇرچي ڪرڻ، يا کيس ڪوڏائڻ ۽ ٺول ڏيڻ ۾ جا سنڌس پاڙيسرين کي سرهائي ٿيندي هئي سا نُوروُءَ جي دل تي تري آئي. نُوروُءَ ڪنڌ ڦيري، سنڌس منهن ڏانهن نهاريو. نوروءَ کي ائين پاسيو ته ڪنهن بيرحم انسان انهيءَ سونهن ۽ سرهائي جي دلڪش بت کي چيٺي ۽ مترڪو ڪٽي، ويهي بدزيبو ۽ بدصورت بنائڻ جي ڪوشش ڪئي هئي؛ رڳو اکيون سنڌس ناپاڪ هٿن جي ڇهاءَ کان بچي وييون هيون.

۾ قرض جو ڳٽ وڌو. ڏوهه سرشتي جو آهي. اسانکي سرشتو ڦيرائڻ گهرجي.“

”حليما، مان گذريل پندرهن ورهين کان سماجواد جو قائل ٿي رهيو آهيان، ليڪن مونکي اهڙا آرڪان ڪونه ٿا ڏسڻ ۾ اچن جو وسهان ته هن ديس ۾ زمين ۽ پيداوار جا ذريعا خانگي هٿن مان ڦري، عام جي هٿن ۾ ايندا.“

”سرمايه داريءَ جي عمارت جي پيڙهه اندران ئي اندران پوري ٿي رهي آهي. وقت پري ڪونهي جڏهن هڪ ٿيلهي سان اها غريبن ۽ بيڪسن جي ڳوڙهن سان اَڏيل عمارت اَچي پٽ پوندي.“

سج لٿي ڪو وقت ٿي ويو هو، ۽ جيئَن حليما ۽ نورو گهٽي لتاڙي، ڦريا، تئَن اولهه جي اُفق تي خون - آلوده شفق جو ڪهنبو نظارو سندن اکين اڳيان آيو هو.

ڪٽوئي پيو. پاڙي ۾ هڪ سوُد خور پٺاڻ رهندو آهي، هڪ ڏينهن، مان انهيءَ فڪر ۾ ويٺو هوس ته ڪيئن ڊاڪٽرن جون فيون ۽ دوائن جا خرچ پورا ته هو مون وٽ لنگهي آيو ۽ ڏاڍيءَ همدرديءَ سان مدد جي آڇ ڪيائين. مون، مجبورن، سندس آڇ قبولي ۽ حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو قرض کنيم."

"وياج ڪيترو ڏيندو آهين؟" حليما پڇيس.

"سوَ تي مهني ۾ پنج رپيا." نوروءَ ٻڌايس.

"گهڻا سوَ قرض کنيو اٿيئي؟"

"پنج سوَ." نوروءَ وراڻيو.

"مهني ۾ پگهار ڪيتري ملنئي؟"

"اَسي رپيا."

"انهن مان پنجويهه رپيا وياج جي ڀلي ڏين، ۽ باقي پنجونجاهه رپين سان هن ڪنور سمي ۾ پنهنجو ۽ اَميءَ ۽ ٻن ٻارن جو گذر ڪرين!"

"ڀيو چاروئي کهڙو آهي؟" نوروءَ نهايت بيڪسيءَ سان چيو.

"ها،" حليما وراڻيو، "موجوده پنگتي ۽ اقتصادي سرشتي اندر رهندي، ڀيو چاروئي کهڙو آهي؟ انهيءَ ۾ نه تنهنجو ڏوهه آهي، نه تنهنجي مالڪ جو، ۽ نه وري هن پٺاڻ جو جنهن همدرديءَ سان تنهنجي ڳچيءَ

چھري تي دنيا جا تمام ڏک ڇٽي ڇڏيا آهن.”

حليما هن جي اَڌ ۾ منهن ۾ نهاري، ڪو وقت ماٺ ۾ ٻڌجي ويئي. هن انهيءَ سوال مان نوروءَ جي سندس لاءِ همدردي محسوس ڪئي. ۽ سندس دکن جي ڪهاڻي ورهين کان سندس دل جي هيٺين تهن ۾ محفوظ رهي هئي. هن ڪڏهن به پنهنجي ڏکن ڏتيءَ زندگيءَ جي وقت پوري ڪهاڻي هيلتائين ڪانه ٻڌائي هئي. ماڻهوءَ خاص ڪري سندس همڪار رفيق طرح طرح جا اَنومان ڪيندا هئا، پر سچيءَ حقيقت جي مڄهاڻ ڪنهن کي به ڪل ڪانه هئي.

اَڄ حليما کي الائي ڪهڙي من - اُڇل ٿي جو پنهنجي جيون ڪهاڻي نوروءَ ۽ نوروءَ جي ٻيڙيءَ اَميءَ جي اڳيان بيان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويئي:

... ... ...

مون پنهنجي عمر جو اَڃا چوڏهون ورهيه مس پورو ڪيو هو ته هڪ ڏيهن زميندار جي پٽ منهنجي معصوميت جو وجهه وٺي مونکي ڪنواري نينگر مان عورت بنائي ڇڏيو. هو تازو عليگڙهه مان موٽيو هو، جتي هو ڪاليج ۾ پڙهندو هو. مهنو ڪن مونسان عيش ڪري، هو مون کي انهيءَ جي نتيجي لوڙڻ لاءِ پنيان ڇڏي، واپس عليگڙهه هليو ويو. جڏهن، ڪن مهنن پڄاڻان، منهنجي حالت لڪڻ جي حد کان مٿي چڙهي

رات جي ماني کائي، حليما، نُورو ۽ اُمي، جهونپڙيءَ جي آڳنڌ ۾ ويٺا هئا. ٻار اندر ڪمري ۾ سمهيا پيا هئا ـــ اونده ۾. روشنيءَ لاءِ نه گاسليٽ پورو مليو ٿي ۽ نه وري اُن جي ميسر ڪرڻ لاءِ نوروءَ کي سمرٿي ئي هئي.

نوروءَ جي پيرسن ماءُ حليما کي ڏاڍيءَ اُڪير سان ملي. ٻئي ساڳئي ڳوٺ جون هيون ۽ ڪيس حليما نالي هڪ ننڍڙيءَ هرد لعزيز لينگريءَ جي يادگيري اَڃا تازي اڀري هئي. خوش خيريافت بعد، هن ڪانئس ڳوٺ جو حال احوال پڇيو، پر حليما ٻڌايس: "مونکي ڳوٺ ڇڏئي ٻه اَٺ ڏهه سال ٿيندا."

نورو نهايت بيچين پئي ڏٺو. هڪي نه ويٺي سک ٿي آيو نه بيٺي آرام. آڳنڌ ۾ اَچ وڃ پئي ڪيائين. نيٺ، حليما جي اڳيان اَچي ويٺو ۽ چيائين: "حليما، تنهنجو معصوم چهرو، جڏهن تون نوَن ڏهن ورهين جي هئينءَ، اَڃا منهنجي دل ۾ چٽو بيٺو آهي. زماني جي ڪهڙن ظلمن، گردون جي ڪهڙن گردشن، تنهنجي

"......" اميءَ کيس وچ ۾ ئي روڪي چيو، "وڏيرا، اسانکي ڪجھ ڪين کپي. اسين رب جي ڏني تي راضي آهيون. توهين جيڪي چئو ٿا تنهن مان جائي اهو ڪجھ ٿيندو جنهن کان بچائڻ لاءِ توهانکي گهرجي ته اسانجي مدد ڪريو. توهانجو فرزند عليگڙھ مان موٽندو. حويليءَ ۾ حليما جو پوءِ ڪهڙو حال ٿيندو؟" زميندار ڏاڍي نهر سان چيو، "توهين انجو ڪو الڪو نه ڪريو. مون کيس ڳوٺ موٽي اچڻ کان منع ڪئي آهي. لکيو اٿمانس ته هت سنڌس نهايت بدنامي ٿي رهي آهي، انهيءَ ڪري، هو ٻه چار مهنا ڪراچيءَ ۾ رهي، وري يڪ پڙهڻ لاءِ سڌو ولايت هليو ويندو." اميءَ کي پيو ڪو عذر بهانو ڪو نه سجهيو، سو کيس چيائين: "حليما جو پيءُ اچي ته ساڻس ڳالھ ڪري، توهانکي جواب ڏينداسين." زميندار جلد فيصلي ڪرڻ جي تاڪيد ڪري، هليو ويو. امي سارو ڏينهن ڪنهن فڪر ۾ غلطان هئي. هٿن سان گهر جي هاج پئي ڪيائين، پر من سنڌس ڪنهن ويچار جي منجهيل سٽ ۾ ڳنڍيون ڳوڙها ٿي رهيو هو. هوڏانهن منهنجي من جي حالت به عجيب هئي. جنهن اخلاقي آزمودي مان مونکي زندگيءَ جي اسرندڙ جوڀن لنگهايو هو، ۽ جو ڪشمڪش ۽ جا پيڙا مون انهيءَ ڪري سٺي هئي، تن منهنجي من کي بيدار ڪري، ان ۾ ڪي سوال اٿاريا

آئي، تڏهن اميءَ سان سڄيءَ ڪرڻ ڪانسواءِ ٻيو ڪو
چارو نه هو. ابي وڃي زميندار سان پنهنجي آپدا اوري.
زميندار کيس آٿت ڏيئي، پروار شهر ۾ ٽورا مهنا
رهڻ جي صلاح ڏني، جتي ڳالهه واءِ شگاف ٿيڻ ڪانسواءِ،
ويم آسانيءَ سان ٿي ٿي سگهيو. زميندار ڪجهه روڪڙ
به ڏني. اسين سندس رحمدليءَ لاءِ ٽورا مهينا شهر ۾
وڃي رهياسين، جتي جلد مونکي ڇوڪر ڄائو. اسان
الله تعاليٰ جا شڪرانا مڃيا ۽ گناهه جي ٿڪ کان آجائي
پائي، ٽورن ڏينهن بعد موٽي ماڳ آياسين.

اڃا مان اهو اخلاقي ۽ جسماني لڪ لنگهي پار مس
پيئي هيس ۽ منهنجو بدن اڃا ويو مس هو ته هڪ
ڏينهن زميندار لنگهي اسانجي جهوپڙيءَ ۾ آيو. ابو
ٻنيءَ تي هو. اميءَ سندس آءُ ڀاءُ ڪيو ۽ کيس منجي
وهڻ لاءِ آڇي. منجيءَ تي وهڻ سان، هن پنهنجي
مطلب جي ڳالهه شروع ڪئي. اميءَ کي چيائين،
"توکي ته سڌ آهي ته منهنجي بيبي ورهين کان عليل
ٿي رهي. گهر سنڀالڻ لاءِ کنهن سمجهو، سگهڙ عورت
جي ضرورت آهي. حويليءَ ۾ برابر نوڪرن جي کمي
ڪانهي، پر عورت جي نظرداريءَ ۽ پونيواريءَ کانسواءِ
گهر هلڻ مشڪل آهي. مون ڪن ڏينهن کان پئي خيال
ڪيو ته ڇو نه حليما کي اهو ڪم سپرد ڪريان. جي
توهين انهيءَ ڳالهه تي راضي ٿيو ته توهانکي نه ڏالگهريو

اول ته اميءَ ابي کي ٻڌايو ته ڪيئن زميندار
اوچتو جهوپڙيءَ ۾ پيهي آيو هو ۽ ساڻس ڪهڙي ڳالهه
ڇوري هئائين ۽ پاڻ کيس ڪهڙو جواب ڏنو هئائين.
ابي تنهنتي کيس ٻڌايو ته زميندار ٻنيءَ تي اچي کيس
پاسيرو سڏي ساڳي ڳالهه ساڻس به ڇوري هئي. اميءَ
تنهنتي پڇيس: ”پوءِ تو ڪهڙو جواب ڏنس؟“ ابي
وراڻيو: ”مون اول ته ڳالهه ٽارڻ تي گهري. پر سو ڇيم
ته انهيءَ مان اٽلو زميندار جو وير پرائبو. سو پڇيومانس
ته ’تنهنجي حليما جي باري ۾ نيت ڪهڙي آهي؟
ساڻس نڪاح وجهڻ ٿو چاهين يا کيس نفرياڻي ڪري
رکڻ ٿو چاهين؟‘ انهيءَ سوال هنکي البت منجهايو. ٻر
ڏاڍي نهر سان چيائين، ’هوءَ منهنجيءَ حويليءَ ۾
سيوتي ٿي ڪم ڪندي، پر سندس حڪم ٻين سڀني
نوڪرن ۽ نفرن تي هلندو. گهر جي سنڀال ۽ سڄائي
سموري سندس هٿ ۾ ٿيندي.‘ آءٌ البت منجهي پيس،
مونکي سندس نيت ته سمجهه ۾ ٿي. پر منهنجو مطلب هو
ته سندس واتان اها چوائي، کيس اها منهن ۾ ڏيئي،
پوءِ ناڪار ڪريان. سو مون سڌو پڇيومانس: ’حليما
سان تنهنجو تعلق ڪهڙو رهندو؟‘ هن ترت وراڻيو:
’اهو جو هڪ وڏي زميندار جي حويليءَ ۾ هڪ آبرودار
سيوتيءَ سان هميشه ٿئي ٿو.‘ ائين چئي هو منهنجي
ڀرسان آيو ۽ منهنجي پٺي ٺپوري چيائين: ’ڏس، عرس،

هئا. سوال؟ نه، سوال جون نشانيون ۽ ڇاڪاڻ ته آهي اُها ڇني صورت وٺي، اُٿليل اکرن جيان، ظاهر نه ٿيا هئا. انهن مان وڏي ۾ وڏو سوال اهو هو: ڇا عورت مرد جي هٿ ۾ صرف رانديڪو آهي؟ هو سندس حياتيءَ سان — سندس جسم ۽ جان سان — جڏهن چاهي تڏهن کيلي سگهي ٿو؟ انهيءَ سوال جيترو ٽيڪ اها دماغي ڇنائي نه ورتي هئي، ته به اهو هڪ مٺاڻ (feeling) جي صورت ۾ منهنجي زندگيءَ جي سرچشمي کي رڱي رهيو هو.

سڀ لئي اَبو بنيءَ تان موٽيو. سندس منهن تي به ڪنهن فڪر جي پاڇولي ڏيکاري پئي ڏني. اَمي سهي ڪري ويئي ته زميندار سائٽس بنيءَ تي ساڳي ڳالهه ڇوري آهي.

اَميءَ ۽ اَبي جي وچ ۾ ڳالهه ٻولهه رات جو بستري ۾ ٿي. منهنجي قسمت جو فيصلو ٿيڻو هو، سو منهنجن نيڻن ۾ ب ننڊ ڪانه هئي. مان پاسي واريءَ ڪوٺيءَ ۾ سنئين ڪنڌين ليٽي پيئي هيس، ۽ منهنجا ڪن، سڀ جي ڪنن جيان، هر هڪ آواز، هر هڪ پڙڪي جهٽڻ لاءِ، سرل ۽ سچيت ٿي ويا. اٿين پئي ڏنو ته زندگيءَ جي ڪُلي طاقت ڪنن ۾ اَچي واسو ڪيو هو. وچ ۾ صرف ڪڪائين پئي هئي — ۽ منهنجا تيز ڪن هر هڪ لفظ، ڳالهائيندڙ جي پاڻ سوڌو، بڪايل گڏڙ جيان، ڳرڪائيندا ويا.

جڙڪو ازل کان ائين ٿيندو آيو آهي. تنهنجي گهرواري ۽ حليما اميد ته توکان وڌيڪ سياڻيون ثابت ٿينديون. تون ساڻن صلاح مصلحت ڪر. مونکي پڪ آهي ته هو منهنجيءَ رٿ تي راضي هونديون. تون سياڻي ئي حليما کي حويليءَ ۾ وٺي اچج.' ائين چئي، هو اتان هليو ويو."

ابي جو آواز ڪن پل لاءِ ماٺ تي ويو. انهيءَ ماٺ ۾ ڪيڏو نه بار — دک، انتظار ۽ فڪر جو — سمايل هو! منهنجي دل غيب جي ڪنڌيءَ تي بيهي، دک دک ڪري رهي هئي. نيٺ، ابي نهايت انتظار پرئي آواز ۾ چيو: "حليما جي ماءُ، اچ ته راتوواه هتان نڪري هلون." اميءَ چيو: "هيءُ اباڻو ڇنڊو ڇڏي، ڪٿي هلي دربدر ٿيون؟" ابي تنهن تي پڇيو: "پوءِ پلا هن مصيبت کي منهن ڪئن ڏيون؟ جيسين وڏيري جي من جي مراد پوري نه ٿي آهي، تيسين اسان لاءِ آرام جي گهڙي خير ڪا ٿيندي. هن ڇت شروع ڪئي آهي، پر لٺ ڪم آڻڻ کان ڪونه گسندو. زوري ۽ زناڪاري سندس خون ۾ آهي. حليما جي ماءُ، وڏيرو زور زبردستي ته ڇا، خونريزيءَ کان به ڪين گسندو." اميءَ جو فڪرات سان پريل آواز منهنجي ڪن تي پيو: "جي هو حليما سان نڪاح وجهڻ قبول ڪري ته؟" ابي يڪدم چيو: "وڏيرو سٺ سالن جو اچي ٿيندو.

منهنجي گهرواري ڇهن مهينن کان بستري داخل آهي. اهڙي ڪنهن مرض ورتو اٿس جو اُٿڻ ڇرڻ ڦرڻ کان لاچار آهي. مان به ته انسان آهيان. ٻت جي گرمي ڪٿي ته ناريندس. توکي يا حليما کي ڇيهوئي ڪهڙو رسندو؟ ويچاري حويليءَ ۾ سڪي زندگي پيئي گهاريندي. توکي به ڪو وساري ڪين ڇڏبو.' حليما جي ماءُ، سچ ٿو ٻڌايانءِ ته جڏهن زميندار اهي ڳالهيون پئي ڪيون تڏهن منهنجي آڏن ۾ ڪا دوزخي باهه پئي ٻري، جنهن مونکي سندس گلو گهٽڻ ۾ د ٻائي، سندس آواز هميشه لاءِ بند ڪرڻ لاءِ پئي هُشڪاريو. پر مون ڏاڍيءَ ڪوشش سان پاڻکي روڪيو ۽ کيس چيو: 'جي ائين آهي ته پوءِ ٻي شادي ڇو نٿو ڪرين؟ انهيءَ کان ته جهل ڪانه اٿيئي.' هن بيڪسيءَ جي آواز ۾ چيو: 'عرس، تو به الائي ڪارا اڇا ڪٿن ڪيا آهن؟ ايترو به نٿو سمجهين ته انهيءَ جو منهنجي گهرواريءَ جي دل تي ڪهڙو اثر ٿيندو؟ جا ٿوري گهڻي اُميد سندس ڇاڪ ٿيڻ جي آهي سا به ڪافور ٿي ويندي.' مون تنهنتي کيس چيو: 'وڏيرا، تون به آل عيال وارو آهين. تون ئي ڪٽي ڇو ته ڪهڙو ٻيءَ پنهنجيءَ ڌيءُ جي ڪنهن جي سريت ٿيڻ تي راضي ٿيندو.' هو ڪا گهڙي ويچار ۾ پئجي ويو. پوءِ مون ڏانهن نهاري، مشڪي چيائين: 'عرس، هيڏي عمر الائي ڪٿي ڪٽي آٿيئي. دنيا جو

اَنبي اما کي ڏنم. هنن جا منڙا منهن، جن تي زندگيءَ جي ڏکن ۽ اَڪت پورهئي پنهنجون مهرون هڻي ڇڏيون هيون، سي ننڊ ۾ آرامي هئا. اَسر جي جهڪي ڌنڌلي روشنيءَ ۾، هنن جا مهانڊا ڪهڙا نه پيارا ٿي لڳا! ٻري کان ڪنهن ڪڪڙ جي بانگ، جو آواز هوا تي سير ڪندو، منهنجن ڪنن تي پيو؛ ۽ آءٌ رئو مٿي تي نيڪ ڪري، اَباڻي اجهي مان نڪري ٻاهر آيس.

پل لاءِ بيهي، مون اونهو ساهه کڻي، اَسر جي ٿڌي هير سان پنهنجا ڦڦڙ ڀريا، ۽ وڏيري جي حويليءَ ڏانهن مهاڙ ڪري، تکڙن تکڙن قدمن سان پنهنجي جانيِ دشمن جي در ڏانهن پنڌ پيس.

[ ۲ ]

منهنجي لوح محفوظ * تي اهو ڏينهن رت ورنن اکرن ۾ لکيل هوندو. انهيءَ ڏينهن، وڏيري پنهنجي حويليءَ جو راڄ منهنجن هٿن ۾ سونپيو، ۽ رات جو مونکي همبستر ڪري، مونکي پنهنجي سرپت بنايو.

اَها رات! منهنجي پُر ۾ اهو انسان ليٽيو پيو هو جنهن جي لاءِ مونکي ازحد حقارت، ازحد نفرت هئي، جو منهنجيءَ ۽ منهنجي مائٽن جي حياتيءَ جي تباهيءَ جو ڪارڻ هو؛ ليڪن هن جي هٿن جي ڇهاءَ منهنجي

---

* ڀاڳ جي گپت پٽي.

اَسين پنهنجي جوان جماڻ ڌيءَ هن پوڙهي پٽ کي ڪڏهن ڏيندا سين؟ اهو ته ويچاريءَ حليما سان نسورو ناحق ٿيندو.“ اَمّيءَ البت منجهيل آواز ۾ پڇيس: ”جي وڏيرو حليما جي حالت پتري ڪري ڇڏي ته پوءِ ويچاري ڪهڙي وهه ويندي؟“

ڪجهه وقت اَبو ۽ اَمّي ماٺ ۾ هئا. اها ماٺ منهنجي لاءِ اهڙي ته لنبي ۽ اَسهه ٿي پيئي جو نيٺ منهنجي سهڻ جي طاقت ٽٽي پيئي. مونکي صرف ايترو ياد آهي ته مان سڏڪن ۾ اَچي ڇتڪيس، ۽ ميڪ رئندي مون کي گهري ننڊ گهيري ويئي.

اَسر جو اَڃا سج ڪٿي ڪانه ڪڍي هئي ته مون کي جاڳ ٿي. توهان کي شايد عجب لڳندو، پر اِها حقيقت آهي ته اَسر جو اٿڻ سان منهنجي من ۾ ڪو به مونجهارو ڪونه هو. منهنجو من پنهنجين اونهين ڳهراين مان ڪنهن فيصلي، تي پهچي ويو هو، جو فيصلو جيتوڻيڪ منهنجي چيتنا ۾ ظاهر نه ٿيو هو ته به مون بستري تان اٿڻ بعد جيڪي ڪيو سو اِنهيءَ فيصلي جي زور تي.

مون پرواريءَ ڪوٺيءَ ۾ ليو پائي ڏٺو ته اَبو ۽ اَما ٻئي اَسر جي گهري ننڊ جي آغوش ۾ هئا. مون ڪنهن به آواز ڪرڻ کان سواءِ همٿ منهن ڌوئي، پيتيءَ مان اَڇو اُجرو وڳو ڪڍي پهريو. پوءِ ورڪي جهاتي پائي،

ڪئي هئي. پر آءٌ اڃا آلڙ هيس. ڇوڏهن ورهين جي
نينگر جا هڪ غريب هاريءَ جي ڪکائين جهوپڙيءَ ۾
ڄائي ۽ نپني هئي، تنهن ۾ هيڏي وڏي مانداڻ جي
هلائڻ جو ڪر ڀلا ڪٿان تو اچي سگهي؟ گهر جون
سيوتيون سڀ ڪم باقاعدي پيئون ڪنديون هيون،
۽ مونکي ڪک ڪٽي به اُڏ ڪرڻ جو به موقعو نه
ملندو هو. ويچاريون سيوتيون! انهن مان ڪي سدائين
مونکي خوش ڪرڻ جا اُپايا جتن پيئون ڪنديون
هيون، پاڻ ته منهنجي راضپي تي سندن زندگيءَ جو
دارومدار هو؛ ته ڪي وري حويليءَ ۾ منهنجو درجو
ڏسي، ايرکا ۽ حسد ۾ پيئون سڙنديون هيون، پر انهن
لاوارث، نڌر نماڻين کي انهيءَ ايرکا جي ذري اظهار
ڪرڻ کان به دپ ٿيندو ڏسندي هيس. هنن ويچارين
کي ڪهڙي خبر ته آءٌ جنهنکي وڏيري جي شهوت
ڪاڻ متاهون ڪيو هو، سا خوشيءَ سان پنهنجو درجو
سندن درجي سان بدلائڻ ۾ پنهنجو ڀاڳ ڀلارو ڀانيان ها.
نماشام جو ڏئي تي وٽ چڙهندي هئي ته منهنجي
دل ۾ هراس پنهنجو منهن ڪڍندو هو ۽ آءٌ وڏيري
سان همبستر ٿيڻ جو وقت ويجهو پوندو محسوس
ڪري ڪنبڻ لڳندي هيس. وڏيرو منهنجي انهيءَ
عبارت مان اُپريل هڪ ڪسي عورت جي ذاتي لڄ
سمجهندو هو، ۽ اها آئلو سندس بدني خواهش کي

رت ۾ چرپر پيدا ٿي ڪئي ۽ اُها خواهش جي لاٽ اُڀاري جا منهنجي اُڀرندڙ جوانيءَ جي نشاني هئي ۽ جنهنڪري منهنجي هن لاءِ حقارت ۽ نفرت به وسائي نه سگهيون؛ ۽ جڏهن، آخر مون ڪيس پنهنجو جسم سؤنپيو تڏهن اِهو سچ آهي ته منهنجي جان ۽ جسم ٻنهي ۾ لذت جون اُهڙيون سگهاريون لهريون اُٿيون جو منهنجي عميق حقارت اُنهن جي وڌندڙ ۽ اُڀرندڙ وير ۾، ٿوري وقت لاءِ، غرق ٿي ويئي.

پاڻ ته ڪارڻ لاءِ انهيءَ کان وڌو ڪارڻ ڪهڙو ٿي تو سگهي؟

ڏينهن جو وڏيري جي راڄ جي راڻي، راڄ ڌياڻي، هوندي هيس؛ پر رات جو انهيءَ راڻيپ جي قيمت ادا ڪرڻي پوندي هيم.

وڏيري جي نڪاح ـ ٻڌي زال پنهنجي ڪمري ۾ بستري تي سنئين ڪنڌي پيئي هئي. ڪيس چرڻ پرڻ جي سگهه خير ڪا هئي. هڪڙي ٻانهي سدائين سندس خدمت ۾ حاضر رهندي هئي. مون کي انهيءَ ڪمري جي ويجهو وڃڻ کان مطلق منع هئي، ۽ ٻانهيءَ کي به وڏيري دڙڪي سان چئي ڇڏيو هو ته منهنجي حويليءَ ۾ هئڻ جي ڀڻڪ به ونس نه پڙي.

زندگيءَ جو ذوق پهرئين ڏينهن ئي مون کان موڪلائي ويو. وڏيري گهر جي سهيڙ جي ٻهاني منهنجي لاءِ طلب

مون مان آسرو پلي ويئي، ۽ آهستي مون وٽ اَچڻ ۾ ڇڏي ڏنائين.

هاڻ، مان بنهه اڪيلي هيس. حويليءَ ۾ سيوتيون هيون، ڪڏهن ڪڏهن ڪڙمي ڪنهن ڪم سان ايندا هئا، ۽ وڏيرو گهڻو وقت اوطاق ۾ گهاريندو هو؛ ليڪن مان ائين محسوس ڪندي هيس ته آءٌ اڪيلي آهيان، ته دنيا ڀر ۾ منهنجو ڪو سڳو يا سڄڻ ڪونهي. چوڌاري هريا ڀريا کيت مون کي هڪ اُڃاڻ ويراني جيان ڀاسندا هئا ۽ منجهن چرندڙ پرندڙ جيوَ ڪنهن عجيب دنيا جا باشندا جن سان منهنجو ڪو به تعلقات ڪونه هو.

* * *

نوروءَ جي بدڙيءَ اميءَ اکين جا ڳوڙها اُگهندي چيو: "ڌيءُ، رات جون ڪي مهلون ٿي وييون آهن. هاڻ هلي آرام ڪر. پنهنجيءَ ڏکن ڏڏيءَ زندگيءَ جو باقي احوال، جي جيءُ چاهيئي ته سڀاڻي ٻڌائج."

حليما گويا ڪنهن نشي جي حالت مان بيدار ٿي، ۽ هڪ اُباسي ڏيئي، ڪر موڙي، اُٿي کڙي ٿي، ۽ نوروءَ ماءُ وٽ اَچي، هن جا ٻئي گل پنهنجن هٿن ۾ جهلي، کيس ٺرڙ ٿي مٺي ڏيئي چيائين، "تون سچ پچ

تيز ۽ سگهارو ڪندي هئي. سچ ٿي ته چوان ته منهنجي دل جي حالت قياس جوڳي هئي.

اها دوزخي حياتي گهاريندي ڇهه مهنا گذريا ته هڪ ڏينهن وڏيري جي عورت جي حالت زياده بگڙڻ لڳي، ۽ ان ڏينهن جي آسه پيڙا ڪاٽي، هوءَ رحلت ڪري ويئي. انهيءَ حادثي منهنجي حياتيءَ ۾ انقلاب آندو.

امي، جا هيلتائين مون کان بنهه پري رهي هئي، سا مون وٽ بهاني ڪبهاني هر روز اچڻ لڳي ۽ مون کي سندس واتان هر روز اهائي نصيحت ٻڌڻي پيئي ته آءٌ ڪنهن نموني وڏيري کي پاڻ سان نڪاح وجهڻ لاءِ راضي ڪريان. اميءَ گهڻيئي دنياداريءَ جون صلاحون منهنجي مغز ۾ ٺوڪيون، پر منهنجي دل ڪنهن به طرح قبول نه پئي ڪيون. هڪ ته مون مان زندگيءَ جو ذوق پر ڪري اڏامي ويو هو؛ ٻيو وري وڏيري لاءِ مونکي ازحد حقارت ۽ نفرت هئي. مون وڏيري جي دنيا مان ڇوٽڪارو چاهيو ٿي ۽ نه ان جي راڻي راڄڌياڻي ٿيڻ. ڇوٽڪاري لاءِ نه مونکي ڪو طريقو سجهيو ٿي ۽ نه وري اميءَ ئي مونکي ڪو رستو ڏسيو. مان ته پاڻيان ٿي ته هن جي دلي خواهش اهائي هئي ته آءٌ وڏيري جي نڪاح-ٻڌي زال ٿيان.

امي، نيٺ، مونکي موڙهل ۽ مت-هيڻ سمجهي،

روز روشن هوندي به رمضوءَ جي هوٽل جا دروازا بند هئا. صبح جا ٽو اَچي لڳا هئا، پر سندس نوڪرن مان ڪنهن به اَچي دروازو ڪونه کڙڪايو هو. رات واري اوير ۾ ڪن ڪچرو اُنهيءَ پيو هو. ڪن ميزن تي جُوٺيون پليٽون ۽ گلاس اَجا رکيا هئا، ۽ مٿن مکين ۽ ڪتن پئي وارا ڪيا. جهڪيءَ روشنيءَ ۾ پريشان ڪنڊ ۾ ٽن ڄڻن مانيٺي آواز ۾ پاڻ ۾ گفتگو پئي ڪئي. اوچتو، هڪ سج جو ترورو دروازي جي ڪنهن چيـر مان ليٽو پائي، سندن ميز تي اَچي پيو. ٽنهي گهٻرائجي اُنهيءَ اوچتي روشنيءَ جي سرچشمي ڏي نهاريو. تروري جو لنگهه ڏسي، هنن کي تسلي ٿي، ۽ ٽنهي مشڪي ڏنو. روشنيءَ ۾ سندن مهاندا پڌرا ٿــي پيا: حليما، گنيپر ۽ مشعال - اکين واري؛ نورو نماڻو؛ ۽ رمضو هوٽل وارو، ڪوتاه قد، بدن جـو موٽو، سدائين ڪلمڪ، جهنجهيون اکيون ڪنهن چـهر بهر، ڪنهن چرچي يا ڪنهن چلولائيءَ کان سدائين پيون چمڪنديون هيون. باهران رکي رکي، گوليبازيءَ جو آواز پئي آيو.

اَمي آهين. ٻارن جي آرام جو اونو اَميءَ کي ئي ٿيندو آهي.“

نُورُو جڏهنجي اکين ۾ ڪنهن غضب جو غبار اچي مڙيو هو، تنهن ۾ هيءُ سنيهه ۽ حب جو ننڍڙو چٽر ڏسي، هڪ ڳوڙهو ڳاڙيو.

پوءِ ته ٿيئي وڃي آرامي ٿيا.

آهي. انهيءَ ڪري جي شاهي ديوار تي نه سنڌن آهن نه سنڌن دانهن جو ڪو اثر ٿئي ٿو. رات، تنهنجي تقرير مان ڪنهن چڻنگ سنڌن مرده دلين ۾ پيدا ڪئي. سنڌن رڳن ۾ نئون دؤرو پيدا ڪيو. هو انهين زندگيءَ جي خواب جي نشي ۾ انقلاب جا نعرا هڻندا پنهنجن پنهنجن گهرن ڏي واپس وري رهيا هئا، ننڍڙن ننڍڙن ٽولن ۾. اوچتو خدا ڄاڻي ڪهڙي ڪارڻ، ڪن ٽولن تي لٺيبازي ٿي. لٺ جو جواب ڪن پٿرن سان ڏنو ۽ گوليبازي شروع ٿي."

نورُوءَ نهايت گنڀير نوع ۾ چيو، "سرمائيدارن جي سورش ئي انهيءَ لاءِ جوابدار آهي. هو هميشه ڪميڻ ڪاسبين ۾ هراس پيدا ڪرڻ لاءِ اهڙا موقعا ڳوليندا آهن."

"انهيءَ ڪري ئي، اسان کي وڌيڪ خبردار ٿيڻ گهرجي،" حليما چيو، "اسان کي هنن جي راند رهڻ نه گهرجي. ائين نه فقط اسان جي طاقت ضايع ٿي ٿئي، پر اسان مان يڪشمت ٿي وڙهڻ جو مادو به ڪمزور ٿيو وڃي."

رمضوءَ پنهنجو ڪنڌ ڌوڻي، ڏيکاريو ته هو ساڻس شامل راءِ هو. رمضو اصل ڪنهن سنڌي سڪول جو ماستر هو، ڪنهن ننڍڙي ڳوٺ ۾. اٽي هن، ڪي سال ٿيا، هارين جي لازمي حقن ۽ گهرن جي همراهي

حليما چيو، "اهو سڀ ٺيڪ آهي. پر أسانکي پنهنجي طاقت ائين ڪک پن ڪرڻ نہ گهرجي. اسان اڄا اعوام جي أمثي طاقت منظم نہ ڪئي آهي. هارين نارين ۾ اَلبت بيداري آئي آهي، ۽ ڪجهہ سياسي ۽ اقتصادي شناس پڻ ۽ اڄا هو جتاري أتي جيان آهن. اسان جا جانباز ۽ جان - نثار جوان انهن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن، ڏاڍيءَ مشڪلات ۽ قربانيءَ سان. انهن جي بدولت اها اقتصادي شناس ۽ اها بيداري جاڳي آهي؛ انهيءَ سان گڏ، طاقت جو احساس. پر اها طاقت اڃا چڙيل آهي. انهيءَ طاقت کي گڏي، انهيءَ کي انتظامي صورت ڏيڻ سان ئي اسين سوڀارا ٿينداسين. انهيءَ کري انقلاب، اڏير انقلاب کي ڏيرج جي لوهي ڪارب ۾ محفوظ رکڻو آهي — ڪجهہ وقت لاءِ، جيسين ڪُلي طاقت هڪ انتظام هيٺ آڻي، انهيءَ کي مقرر ٿيل لموني پنهنجي مطلب مقصود لاءِ ڪم آڻي سگهون. هوڙا چڙ و چڙ حادثا أسان جي طاقت اَجائي ضايع ڪري رهيا آهن. اهي بعد ٿيڻ کپن."

رمضوءَ ڏاڍي ٺهر سان چيو، "تنهنجو چوڻ سچ آهي. پر هن شهر ۾ مزدورن جي حالت نهايت بري آهي، سندن ڏک جو پار بنهہ اَسهہ. هنن کسي حيوانن کان بدتر حياتي بسر ڪرڻي پوي ٿي. موجوده اقتصادي نظام کين کان بوڙي شاهي ديوار جيان سندن آڏو اُبو

تي ڏهري، جا هر هڪ کي اِقتصادي سلامتي ٻين سان برابريءَ جي اُصول تي ميسر ڪري ڏيڻ تي چاهي.

رمضوءَ جي چاچي کي ڪراچيءَ ۾ جهوني مارڪيٽ ۽ نيپيئر روڊ جي موڙ تي هڪ چڱي خاصي هوٽل هئي. هو تن تنها مڙس هو ۽ دنيا ۾ رمضوءَ کان سواءِ ڪو عزيز خويش ڪونه هوس. رمضوءَ اَڃا سماجواد جا پُر ڪيف، اَڻامڻ جا خواب پئي لڏا ته چاچس جي مرڻيڱ حالت جي خبر، تار رستي، کيس ملي. هو، تهه طلب، ڪراچيءَ آيو، ۽ چاچي جان کي سڪرات واريءَ حالت ۾ ڏٺائين. چاچس ٻن ٽِن ڪلاڪن ۾ رحلت ڪئي، ۽ رمضو هوٽل جو مالڪ بڻيو. هو ڳوٺ ويو، پنهنجو آل عيال وٺي اَچي ڪراچيءَ ۾ ٽالئيڪو ٿيو. وڏيءَ هوٽل جو ڪم هلائڻ ڪو ڇرچو نه هو. ٻه ٽي مهنا هن کي پيٽ تي پوڻ ۾ لڳي ويا. پوءِ ته جئن گراهڪن سان گهرائي ٿيندي ويس، ۽ پاڻ ٻه سماجوادي تحريڪن ۾ ڀرو وٺڻ لڳو، تئن سندس هوٽل سماجوادين جو هڪ مکيه اَڏو ٿيندي وئي.

حليما ڪا مهل ماٺ ۾ هئي. اوچتو ميز تي مڪ هڻي، جوش-ڳاڙهي آواز ۾ چيائين، "هيءَ چرياڻي يڪدم بند ٿيڻ گهرجي."

رمضوءَ سندس منهن ۾ نهاريو. هيءُ اوچتو جولان حليما جي مانيٺي، گنڀير طبيعت جي برخلاف هو.

ڪٽي هئي. ليڊريءَ جو موقعو هوس، پر هن پنهنجيءَ ٻڍيءَ ماءُ، نوجوان عورت ۽ معصوم ڪڪي جي خيال کان پاڻ کي روڪيو، ۽ ڪين صلاح مصلحت ڏيڻ ۽ سندن تڪڙ کي سانتيڪي رکڻ ڪانسواءِ هن ٻيو ڪجهه به ڪين ڪيو. پر زميندارن جو ڪوپ جو سر تي ڪنيائين، تن ڏينهن ٿي پندرهن ۾ کيس ماستريءَ جي عهدي تان موقوف ڪرائي ڇڏيو. هو، طبعاً، کلمک ۽ خوشمزاج فرد هو. پنهنجي نوڪريءَ جو ڇيهو هن مشڪندي، نه نه، کلندي، انگيڪار ڪيو. پر گذران جي تنگي کيس روزمره ستائڻ لڳي. پنهنجيءَ پيرسن ماءُ، جوان ٻيبيءَ ۽ ننڍڙي ٻچي جو ڏک سهي نه سگهيو. سندس دل ۾ لوهي شيخ گهڙي ويئي. هن بي روزگاريءَ ۽ بک جو گردن گهٽيندڙ آزمود و پنهنجي نس نس ۾، پنهنجن عزيز، جان کان به وڌيڪ عزيز، پيارن جي نس نس ۾ محسوس ڪيو؛ ۽ هو هڪ غريب، بي ڪس ڳوناڻي مان بدلجي، جهان جي مڙني بي روزگار ۽ بکايلن جو مجسم ٿي پيو. واندڪائيءَ ۾ سماجواد ۽ ڪميونواد جي ادب جو خوب مطالع ڪيائين. اول ته هو ڪميونواد جو قائل ٿيو، پر اُن ۾ جو تشدد ۽ همسا جو انگ آهي، سو سندس ذاتي طبيعت جي مطابق نه هو، جنهنڪري هو آهستي آهستي سماجواد جو شيدائي ٿي پيو — سماجواد جا انسان ذات جي برادريءَ ۽ برابريءَ جي بنيادي آڌرڻ

لاءِ اَڌير هو. هيءَ عورت هئي يا جهان جي نئين طاقتور زندگيءَ، نئين زندگيءَ جي بي چين آدرشن، جو جيئرو جاڳندو مجسم؟ سندس اکين ۾ نه رڳو آئينده جو سونو سپنو هو، پر اُنهيءَ سپني کي ساڀيا بڻائڻ لاءِ دريتا ۽ دوِرانديشي، ۽ سندس دل ۾ جي، اَيون اَڏون ۽ اَسوُنهن جي دک لاءِ اُها اَٿاه ۽ اونهي همدردي جا غيرت کنان سندس دل ۾ انقلاب جي باه ٿي پيئي هئي. رمضوءَ جون اکيون لحظي لاءِ بند ٿي ويون. هن تصور ۾ هن جي عظمت اڳيان سر جهڪايو، جيتوٽيڪ هو بت پرست نه هو. هن نوروءَ جو آواز بيڪسيءَ سان ڀريل ٻڌو: "پر حليما، اسين ڪري ئي ڇا ٿا سگهون؟"

رمضوءَ پنهنجون اکيون کوليون. نوُرو ته همیشه بيڪسيءَ جو بت ئي هو. "اسين سرمائيدارن جي تجويزن کي تلف تاراج ڪنداسين، پيڻ حليما،" هن ميز تي مڪ هڻندي چيو، "اَسانجو اَوائلي فرض آهي ماڻهن کي بي همت ٿيڻ کان بچائڻ. اسانجي وڏي ۾ وڏي موُڙي آهي ماڻهن ۾ نرپيٽتا، بي دپائي. پوُاسانجو وڏي ۾ وڏو دشمن آهي. انهيءَ ڪري اسان کي سرمائيدارن جي هن چيڙ کي اَهڙوؤر ڏيڻ گهرجي، جو عام خلق هيسجي نه وڃي. هراس جي بدران، هنن ۾ حوصلو جاڳي — پنهنجي اَڻ قسمت جو."

هو تعجب ۾ سندس اکين جي ڳهرائين ۾ انهيءَ جو ڪارڻ ڇنائي رهيو هو، ته حليما پنهنجا ٻئي هٿ ڪٺي اکين تي رکيا ۽ هڪ سڏڪو ڏيئي ڇوڙ لڳي، "رمضو، تون سمجهين ٿو. هي نعيڙو اتفاق نه ياڻ. انهيءَ مان اڳرا سلا نڪرندا. انهيءَ اتفاق ڪري سرمائيدارن جا چاڙتا وڌائي، هڪ وڏي بغاوت جي صورت ڏيندا ۽ ساري سنڌ ۾ پڪڙ پڇاڙ ٿيندي، ساري سنڌ ۾ خانه تلاشيءَ جا وارنٽ نڪرندا، گرفتاريون ٿينديون، جڙتو ڪيس ٺهندا ۽ اسان جا سوين نؤنهال ڪم ڪندڙ ترنگن ۾ قتل ڪيا ويندا. اسانجي تحريڪ کي ڌڪ هڻڻ جو موقعو جو هو مدت کان ڳولي رهيا آهن سو کين اڄ نصيب ٿيندو. هو اڄ پنهنجن محلن ۾ اسان تي کلي رهيا هوندا. هنن جي گهرن ۽ ڪلبن ۾ اڄ محفلون هونديون. ڪالهه جو ٺهڪڙو پيو پوندو هوندو. انهن اسين همت هٺ ٻڌي، بي همت ٿي، هڪ ٻئي جو منهن ڏسي رهيا آهيون."

رمضوءَ جو پهريون جذبو هو ته پڇي ته انهيءَ لاءِ اسين ڪئن جوابدار آهيون؟ پر هن پاڻ کي روڪيو. هو هن عجيب عورت جي پتلي، پر لڪچيدار، سگهاري جسم ڏي نهاري رهيو هو جو ڪنهن اڻ ڄاتل طاقت جي داب کان چرڻ ته ڪنهن نهايت اهم ڪار جي ڪناري تي، سيٽيل ۽ تاڻيل، بيٺو هو ۽ لڙائيءَ جو بيوگل ٻڌڻ

ٻاهر گهٽيءَ ۾ ماٺ جو روح گهمي رهيو هو. ڪرفيو آرڊر جي ڪري سڀ آمدرفت بند هئي. رڪي رڪي، سپاهين جي لڱين ۽ ملٽري لارين جي لنگهڻ جو آواز ڪن تي پيو ٿي. هي ٽيئي رفيق پنهنجيءَ تجويز کي عملي جامو پهرائڻ ۾ مشغول هئا. ڪهڙن اعتبار جوڳن ڪم ڪندڙن کي ڪهڙين ايراضين ۾ موڪلين تن جي لسٽ ٺاهي تيار ڪيائون. پوءِ حليما انهن ڪم ڪندڙن جي لاءِ هدايتن جو مسودو ٺاهڻ ڪي لڳي. مسودو ٺيڪ لفظن ۾ اهڙي ته سٺي نوع ۾ لکيل هو جو ڪنهن به جملي ۾ دومعنائي نه هئي. حليما مسودو پڙهي، نوروءَ ۽ رمضوءَ کي ٻڌايو. ٻنهي کي پسند پيو. رمضوءَ صرف هڪ هنڌ هڪ لفظ جي ڦيرڦار ڪرڻ جو اشارو ڪيو. حليما رمضوءَ جو ڏسيل لفظ وڌيڪ موزون ۽ ٺيڪ سمجهي، اهو يڪدم قبول ڪيو.

هاڻ سوال هو ته ڪيئن چونڊيل ڪم ڪندڙن کي گڏجي، اطلاع ڪجي ۽ هر هڪ کي هدايتن کان چڱيءَ طرح واقف ڪجي. ٻاهر ڪرفيو آرڊر جي ٻوهي هئي.

حليما ڏاڍي نهر سان چيو: "انهيءَ ۾ هڪڙو خطرو آهي — وڌيڪ تشدد ۽ خونريزيءَ جو."

رمضو سوچ ۾ پئجي ويو. حليما جو چوڻ ٺيڪ هو. وڌيڪ تشدد ٿيڻ جو امڪان هو. هو حليما جي دورانديشيءَ تي عجب کائڻ لڳو. عورت ڪيئن جذبي ۽ من - اُچل جو پتلو سمجهيو ٿو وڃي، پر هيءَ عورت جذبي ۽ احساس هوندي به پنهنجي دل ۽ دماغ تي پورو ضابطو ٿي رکي. هوءَ ڪارڻن ۽ نتيجن جي سلسلي مان اهڙي واقف آهي جو گويا منطق جو خاص مطالعو ڪيو اٿس.

"هڪڙو رستو آهي،" رمضوءَ سوچيندي چيو، "اسين پنهنجا چند رفيق جدا جدا هنڌ موڪليون، جي پاڻ ظاهر ڪرڻ کان سواءِ، زير زمين، ماڻهن جي همت برقرار رکن ۽ کين تشدد ڪرڻ کان روڪين. انهن نه صرف سرمائيدارن جون اُميدون مٽيءَ ۾ ملنديون، پر اسان جي طاقت اڳي کان اڳري ٿيندي."

حليما کي اها تجويز موزون لڳي. هو ٻئي انهيءَ کي عملي صورت ڏيڻ ۾ لڳي ويا.

گهٽيءَ ۾ ٻاهر نڪري نٿو سگهي. پر اسان مان ڪو هڪڙو برقعو پهري، ٻاهر گهٽيءَ ۾ بيوس ٿي بيهي رهي ته امڪان آهي ته پوليس ڪيس سندس گهر، يعني زينت جي گهر پهچائي ڇڏي. انهيءَ ڪانسواءِ مونکي ٻيو ڪوبه رستو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. اسان کي اهو جوکم ضرور کڻڻو پوندو.“

حليما ويچار ۾ پئجي ويئي. هن ڏٺو ته رمضوءَ واري رٿ ڪان سواءِ ٻيو ڪو رستو ڪليل ڪونه هو، ليڪن انهيءَ رٿ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ٽنهي مان هڪ کي پنهنجي جان جو آهو کڻڻو هو. ”رمضو، تنهنجي رٿ، موجوده حالتن ۾، برابر معقول آهي، ۽ مان انهيءَ کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ تيار آهيان. پر مونوٽ برقعو ته آهيئي ڪونه.“

”برقعو ته آءٌ پيدا ڪري سگهان ٿو،“ رمضوءَ چيو، ”ليڪن تنهنجي عزيز جان خطري ۾ وجهڻ لاءِ آءٌ تيار نه آهيان. سنڌ جي ساري سماجوادي هلچل جو تون روح روان آهين. توکي وڃائي اسين يتيم ٿي پونداسين ۽ اسانجي تحريڪ مان روح ئي نڪري ويندو ۽ صرف ٻاهريون بوتو ئي وڃي بچندو. نه، حليما، ائين اصل نه ٿيندو. نورو به اهو ڪم نه ڪري سگهندو. هن جو بدن اهڙو ته قداور ۽ جانٺو آهي جو منجهس عورت نه هجڻ جي شڪ پوڻ جو وڏو انديشو آهي. مان ئي اهو ڪم

ڪو به ٻاهر نڪري نٿي سگهيو. ٽيئي فڪر ۾ پئجي ويا ته ڇا ڪجي.

رمضوءَ کي هڪ رمز سجهي آئي — جوکائتي، جان کي ٻُڏي ۾ وجهندڙ رمز. هن ٿورو کنگهي چيو، "هڪڙو رستو مونکي سجهي ٿو. اول ته اَسانکي هنن هدايتن جي ڪاپين ڇپڻ جو انتظام ڪرڻ گهرجي، جئن منجهند پوري ٿيڻ کان اڳي، اهي چونڊيل ڪم ڪندڙن ۾ ورهائي سگهجن. اسانجي مخفي پريس هتان اٽڪل سؤ والن جي مفاصلي تي، گلوُ درزيءَ جي دڪان جي مٿان آهي، جتي هو پنهنجيءَ ڌيءَ زينت سان رهي ٿو. زينت اسانجن مخفي ڪم ڪندڙن مان آهي. مئٽرڪ پاس ڪيل اٿس ۽ ڪمپوز ڪرڻ ۽ ڇپڻ جو ڪم پنهنجن هٿن سان ڪري ڄاڻي. هاڻ، اسان مان صرف هڪ کي هي مسودو کڻي وڃي زينت کي پهچائڻو آهي." رمضوُ ٿورو ترسيو، جڻ ته من ۾ جا رٿ آئي هئس تنهنجي معقوليت تي ويچار ڪري رهيو هو. سندس ٻئي ساٿي صابر اکين سان ڏانهنس نهاري رهيا هئا. رمضوءَ جي اکين ۾ هڪ مڇلائيءَ جي جهلڪ جڳي ۽ سندس چپن تي هڪ مزيدار مرڪ آئي.

"هڪڙو ئي رستو مونکي سجهي اَچي ٿو،" هن چيو، "اسان مان هڪ کي اهو مسوُدو کڻي به ڪري زينت کي پهچائڻو ئي آهي. ڪرفيوُ آرڊر جي ڪري ڪو به

جي بيسودگيءَ تي ارمان ڪائي رهيو هو. هن ڏٺو ته اهڙي نازڪ وقت ۾ هن جون سموريون طاقتون ڏبيل ٿي رهجي ٿي ويون. اُهي اُچل سان، اُچانگ ماري، عمل جي صورت ۾ نٿي ظاهر ٿيون. هوُ پاڻ کان پڇي رهيو هو ته ڪهڙي ذاتي نستائي ڪيس هئن بي سوُد بڻائي رهي هئي. هو به سماجواد جو حامي هو. هن به دنيا ۾ غير طبقاتي برادري چاهي ٿي ۽ انهيءَ جي برپا ڪرڻ لاءِ هو هرڪا ڪوشش ۽ قرباني ڪرڻ لاءِ تيار هو، ليڪن سندس اندر جي عميق مان اهو ڪو آچاڙو نٿي اُڀريو جو سندس اَچلتا کي لوڏي، سندس پير اُکوڙي، ڪيس ڏهيلي وجي. حليما جي لفظن سندس من جي صرف متاچري کي ٿي ڇتو. هن منجهيل اکين سان حليما ڏانهن نهاريو.

حليما اڪيچار رفيقن جي لهه وچڙه ۾ آئي هئي. هن جدا جدا طبيعتن جي جدا جدا رد-عملن کي جاتو ٿي. هن جي دل ۾ نوُروءَ لاءِ هڪ قياس جي پاونا پيدا ٿي، ۽ هن ڪوملتا ۽ همدرديءَ سان هنجي ميز تي رکيل هٿ کي ٿپريو. نوُرو ڪنڌ مٿي ڪري، حليما ڏانهن نهاري مشڪيو ۽ حليما جي چهري تي به هڪ مشڪ جو چمڪو ٿيو.

رمضو هٿ ۾ برقعو ڪڻندو، ڪمري ۾ داخل ٿيو. ميز وٽ اَچي تيار ڪيل مسودو ڪڍيائين ۽ اُهو شلوار

ڪندس. منهنجو قد، منهنجو گول ڳول بدن ۽ منهنجي چيلهه جي لوڏ هنن جي اکين ۾ ممڪن آهي ته ڏوڙ وجهي سگهي ۽ اسين ڪامياب ٿي وڃون."

اِئين چئي رمضو اُٿيو. مشڪ سندس منهن تي، هن پنهنجن ٿڙن کي نخري سان ٿوري لوڏ ڏني، ۽ "آءٌ اِجهو پنهنجي ٻيبيءَ جو برقعو اڌارو وٺي ٿـو اَچان" چوندو، هو ڪمري مان غائب ٿي ويو.

حليما جي منهن تي مشڪ آئـي. هن جـــي ٻاهر ويندڙ ڳوري، ليڪن ڦڙتي، بدن ڏانهن نهاريندي، سندس اکين ۾ هڪ چمڪ ڏمڪ ٿي ۽ اُنهيءَ سان گڏ مـن ۾ هنجي بهادريءَ ۽ جانبازيءَ لاءِ تعريف ۽ پسنديءَ جو احساس اُٿيس.

"نورو، اسانجو رمضو ته سورهن ئي آنا سون آهي. کهڙو نه خوشمزاج ۽ جانباز — کلندي کلندي پنهنجي جان سان کيليندڙ! انسان جو ڏک هو محسوس ڪري ٿو، ليڪن اهو سندس طبيعت ۾ تلخي پيدا نٿو ڪري. هن جي دل ۾ انسانيت جا، انسان ذات جي محبت جا، اُهي سدا وهندڙ چشما آهـن جي سندس سياهه ڪـــي ڪومل ۽ نفيس بنايو ڇڏيـن. مـان عجب ڪائي رهي آهيان ته اهڙي انسان ۾ عمل جي استقامت ڪٿان ٿي اچي."

نوروءَ جو من منجهيو پيو هو. هو پهنجي زندگيءَ

رمضوءَ جي دل ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي. هڪ پوليس جو سپاهي سندس پاسان هلي رهيو هو. رڪي رڪي، سپاهي ڏانهس ٻڪايل اکين سان نهاري رهيو هو. سپاهيءَ جي نڪاح ٻڌي زال ته سوين ڪوهه پري، پنجاب جي اولهه ۾ ڪنهن ننڍيءَ بستيءَ ۾ هئي، ۽ ڪڏهن ڪڏهن بدن جي گرمي کيس نهايت تنگ ڪندي هئي. هن انهيءَ جي نارڙ جو رستو ٻه هٿ ڪري ڇڏيو هو. پر گذريل ڏهن ڏينهن کان سندس سريت وٽس اچي ڪانه سگهي هئي. اڄ هن برقعي پوش نازنين سان ويندي، سندس خون ۾ نئين چرپر پيدا ٿي، هڪ هلڪي ڪتڪتائي، جا کيس ڏاڍي مٺي ڀاسي. هن جي چپن تي مشڪ آئي. مڇ مروٽي، هن ٿورو کنگهيو ۽ چيو، "هن بندي تي ڪا عنايت ٿيندي يا نه؟"

رمضو منجهي پيو. هن کي پوليس سارجنٽ جو چرچو ياد آيو، جنهن سپاهين جي ٽولي کي کلندي کلندي چيو هو: "او، او، هيءَ ويچاري رات پنهنجي

جي ور ۾ قابو ڪري، برقعو پائين. "هاڻ آءٌ تيار آهيان." هن چيو.

حليما اٿي، سندس پرسان آئي. سندس ڪلهي تي هٿ رکي چيائين، "خدا توکي هن خونخوار دشمن کان رکي وٺندو."

"خدا حافظ" نورو گنڀير نوع ۾ چيو.

رمضوءَ مشڪي، ٻنهي کي "خدا حافظ" ورايو ۽ پنهنجي گهٽيءَ وارو ننڍڙو دروازو آهستي کولي، هو ٻاهر نڪري ويو. نوروءَ دروازو بند ڪري ڇڏيو.

ٻئي، حليما ۽ نورو، ڪا گهڙي ساهه گهٽي ماٺ ويٺا هئا. سندن ڪن ٻاهرئين آواز ٻڌڻ لاءِ سرلا ٿي ويا. ٻه منٽ ته گورستان واري ماٺ ڇانئي پيئي هئي. پوءِ اوچتو، "ڌڪمڙ" جو آواز سندن ڪنن تي پيو. سيٽي وڳي. ٻن چئن پوليس وارن جي ڊوڙڻ جو ڀورو آواز ٻڌڻ ۾ آيو، ۽ منٽ کان پوءِ هڪ (jeep) اچي گهٽيءَ ۾ بيٺي. منٽ ٻن جي انتظار کان پوءِ، هنن سپاهين ۽ جيپ کي واپس ويندو ٻڌو. رمضوءَ جو ڇا ٿيو؟ ٻئي هڪ ئي امنگ سان وڏي شاهي رستي جي هڪ دريءَ وٽ آيا، ۽ آهستي ٻنا کنهن آواز يا کڙڪي، اها، تورو، نهايت تورو، کولي، هنن ڏٺو رمضو هڪ سپاهيءَ سان گڏ زائنٽ جي گهر ڏانهن پئي ويو. پوليس جي چوڪي پئي طرف هئي. انهيءَ ساعت جو ساهه پريو.

جڏهن رمضو دڪيءَ تي پير رکي، چائنٽ اندر گهڙيو تڏهن سندس جاڙي ميري پير تي حبيب جي نظر پيئي، ۽ هن جي دل ۾ ڪراهت جاڳي، پر هن ان کي ڏيکارڻ نه ڏنو. سندس دماغ شهوت جي شاهراه تي ڏوڪيندو ويو، ۽ انهن بدزيب، ڏورڙ يڪليل پيرن کي به صورت-بدل تصوري جادوءَ سان هن نازڪ ۽ نفيس ۽ دلڪش بڻائي ڇڏيو.

هن مٿي گهر جي درين ڏانهن نهاريو. اهي سڀ بند هيون. گهڙي کن بيٺو، ڪابه چرپر نه ڏسي، هو ٿڌو ساهه کڻي واپس وريو.

هوڏانهن رمضوءَ، در بند ڪندي ئي، برقعو منهن تان لاٿو ۽ ڇاتيءَ تي هٿ رکي سامت جو ساهه پٽيو. سندس سامهون زينت جو سؤٽ عبدالله عبرت ڀريل اکين سان ڏانهنس نهاري رهيو هو. رمضوءَ مشڪي، سندس منهن ۾ نهاري، ڏائي اک کي ٽڪاءُ ڏنو، ۽ آڱر چپ تي رکي، هنکي چپ رهڻ جي تاڪيد ڪئي. پوءِ آهستي ڏاڪڻ چڙهڻ لڳو.

زينت ڏاڪڻ جي مٿان دروازو کولي بيٺي هئي، ۽ رمضوءَ کي برقعي ۾ مٿي ايندو ڏسي، هن جي حيرت جي حد نه رهي. رمضوءَ جي مٿي پهچڻ سان زينت پنهنجيون ٻانهون کڻي رمضوءَ جي ڳلي ۾ وڌيون ۽ ڪلفندي چيائين، "ڀلي آئين، چاچي صاحبا." رمضوءَ

آشنا سان ملڻ وڃڻ تي ڏسجي. اوچتي ڪرفيوءَ سندس موٽڻ محال ڪري وڌو آهي. سندس شوهر ويچارو سندس وات نهاري رهيو هوندو. اڙي حبيب، تون ڪيس وٺي وڃي گهر ڇڏي اچ. ڏسج، رستي تي امانت ۾ خيانت نه ڪجانءِ.“ ائين چئي هن ٺهڪ ڏيئي کليو هو.

حبيب پنهنجي همقدم وينگس کي مات ڏسي، گنڀير ٿي پڇيو: ”پوءِ پلا هي بندو ڪا اميد رکي؟“

رمضوءَ کي ڪوشش ڪري ڳالهائڻو ڪو نه هو. سو هن صرف برقعي جي اکڙيءَ مان هن ڏانهن اهڙي ناز ۽ ادا سان نهاريو جو حبيب پاڻي پاڻي ٿي ويو. هن چاهه ڀريل اکين سان سندس ڀريل بدن تي هڪ سراسر نظر اڇلي، ۽ سندس ڇهه فوٽ ڊگهي جسم ۾ هڪ برقي لرزش دوڙي ويئي. هن جي ڪامنا سچ ٿي ۽ هن جذبي وس ٿي، پنهنجو جاڏو همٿ هنجي ٻانهن تي رکيو. رمضوءَ دل ئي دل ۾ ذرا مشڪيو. هن ڏنو ته زينت جو گهر اچي ويو هو. ڏاڍي لغري سان هن پاڻ کي ڇڏائي، ان ڏانهن رخ ڪيو. گهه وٽ پهچي هن در کڙڪايو. سپاهي جڳهه جاچي ڇڏي ۽ هن موٽيءَ محبوبڙيءَ سان موج شوق اڏائڻ جي تصوير سندس تصور ۾ نهي بيٺي. ڪنهن جي ڏاڪڻ تان لهڻ جو آواز ڪن تي پيو. دروازو کليو ۽ رمضو لنگهي اندر ٿيو. دروازو بند ٿي ويو.

سنڌي نہ ڄاڻي سگهجي. رمضوءَ کي خبر هئي تہ سندس سوٽ عبدالله سندس ڪيل هو ۽ ڪيس ساڻس شادي ڪرڻ لاءِ ستائي رهيو هو. پر زينت جي دماغ ۾ سماجوادي تحرڪ جو جنون هو. هن جي دل ۾ انسان ذات جي عاليٰ قسمت جو جرڪندڙ مشاهدو هو. هن شادي ڪري، زماني جي عظيم تحرڪ ۾ ڀري وڃڻ کان پاڻ کي وانجهڻ نٿي گهريو. رمضوءَ پاڻ کان پڇيو تہ ڪيستائين هيءَ پنهنجي جوانيءَ جي ذاتي جذبات روڪي سگهندي؟

اوچتو رمضوءَ کي ياد آيو تہ هو ڪهڙي ڪم سان هتي آيو هو. سو يڪدم ور مان هدايتن جو مسودو ڪڍي زينت کي ڏيندي چيائين، "هان، ڏيءُ. هي وٺ. جلدي ڪمپوز ڪري، ڇپي وٺ. مڃهند کان اڳي هيءُ ڪم ٿي وڃڻ گهرجي."

زينت مسودي جو سرو پڙهڻ سان گنڀير ٿي ويئي. سڄي ٿي سراسري نظر وجهي چيائين، "چاچا، ہ ڪلاڪ تہ واهہ جا لڳي ويندا."

رمضوءَ پنهنجي ڪرائيءَ واري واچ ۾ ڏٺو تہ ٻارهن ٿيڻ تي هئا. چيائين، "فڪر ڪونهي. تون وڃي ڪم کي لڳ."

زينت پر واري ڪمري جو دروازو کولي اندر ويئي ۽ اندران در بند ڪري ڇڏيائين.

ٻنهي هٿن ۾ سندس ٻئي ٻانهون جهلي، کين ڇڪي، ٻانڪي انهيءَ نازڪ شڪل جي مان آجو ڪيو. ڏاڪڻ چڙهڻ سان سندس دم چڙهي آيو هو. سو اندر وڃي هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو. رمضوءَ کي نوڪريءَ ۾ ڏسي، زينت کي اهڙو ته مزو آيو جو هوءَ پنهنجي کل روڪي نه پيئي سگهي. هن رمضوءَ جي ڀر سان اچي چيو، "اَج ڪئين چاچو رمضان چاچي رمضان ٿي ويو آهي؟" ۽ ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳي.

رمضوءَ مشڪي ڏانهنس نهاريو. هيءَ اڙهن اوڻويهن ورهين جي جوان نينگر کيس نهايت عزيز هئي. اڄ جڏهن پنجن ڇهن ورهين جي مس هئي ۽ سندس ماءُ اوچتو وڏي اُس ۾ مري ويئي هئي، تڏهن کان هو کيس سيئندو هو. هن کي اهو ڏينهن ياد هو جڏهن گذو، سندس پيءُ، پهريون دفعو کيس هوٽل تي وٺي آيو هو. انهيءَ پهرين ملاقات ئي رمضوءَ جي دل هن ڏانهن ڇڪي هئي، ۽ انهيءَ ڏينهن کان ئي هن سندس دل ۾ پنهنجي لاءِ هڪ جاءِ جوڙي ڇڏي. ٻارهن سال هن کيس کلايو، کوڏايو، سانڍس چوچا ڪيا، ۽ کيس ٿول ڪارايا هئا. اڄ هوءَ مٿس ڇڙو ڪري ٿي رهي هئي. هوءَ هاڻ جوان ٿي هئي. سندس اُڀرندڙ سينو انهيءَ جي ساک ڏئي رهيو هو. منهن جا روش چڱا دلڪش هئس، جيتوڻيڪ کيس دلفريب سهڻي

ڪيتري اوير ٿي ويئي هئي. زينت کي سندس والد جي نہ ورڻ ڪري البت ڪنڪو ٿيو. مان اُتي گهر وڃڻ لاءِ تيار ٿيس تہ اوچتو ڪرفيوُ جو گهگهو وڳو. پوءِ تہ لاچار رات هتيئي ڪاٽڻي پيئي."

رمضو فڪرمند نوع ۾ پڇيو، "۽ گلو ڪونہ موٽيو؟"

"نہ" عبدالله وراڻيو. "ڪرفيوُ جي ڪري ڪنهن دوست وٽ ٽڪي پيو هوندو."

رمضوءَ گهوُر ڪري عبدالله جي منهن ۾ نهاريو — گويا ڪو منجهہ سندس منهن مان پڙهي رهيو هو. عبدالله جي منهن ۾ عميق ملولائيءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نظر ۾ ڪين آيس. کيس تصديق ٿي تہ گذريل رات خير سان گذري هئي. کيس عبدالله لاءِ ڪجهہ همدردي ٿي.

"خدا تہ سڄي رات توکي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ عطا ڪئي؛ پوءِ تو اُن جو فائدو ڇو نہ ورتو؟"

عبدالله اونهو ساهہ کڻي چيو، "چاچا رمضان — زينت توکي چاچو سڏيندي آهي، انهيءَ ڪري آءٌ بہ توکي چاچو ئي سڏيندس — زينت انهن ڇوڪرين مان ناهي جنکي ها ڪرائڻ لاءِ آخرين زور جي ضرورت پوي. جي هوءَ انهن مان هجي ها تہ خدا تو جاڻي تہ رات جي نويڪلائي ۾ سندس ناڪار کي پنهنجي محبت ۽ جوانمرديءَ جي بدولت هاڪار ۾ بدلي ڇڏيان

رمضو ڪرسيءَ تان اُٿي، ڪمري ۾ ٻه دفعا اُچ وچ ڪئي. هنکي هڪ ئي خيال ستائي رهيو هو ته اهو هدايت نامو چو تبديل ڪم ڪندڙن کي ڪين ٻڌائي ڏنو ۽ هو ڪين ڪراچي ڇڏي، سنڌ جي مکيه مرڪزن تي پهچندا. هنکي ڪو رستو، ڪا واهه خيال ۾ نه آئي. اوچتو هن کي عبدالله ياد پيو جنهن اڳي ڪيس در کوليو هو. جنهن ڪمري ڏانهن منهن هوس تنهن مان ڌسط پئي آيو. سمجهي ويو ته عبدالله اندر سگريٽ پي رهيو آهي. هو وڏي دروازي وٽ آيو. در آهستي آهستي کڙڪايائين. "اندر هليا اچو." ٻڌي، هن در کي زور ڏنو ته اهو کلي پيو. اندر عبدالله کٽ تي ليٽيو پيو هو ۽ سگريٽ مان سوٽا پئي ڪڍيائين.

رمضو سندس پرسان کٽ تي ٿي ويٺو، ۽ سڌو پڇيائينس، "ڪين کا ترقي ٿي آهي يا نه؟"

عبدالله ملول منهن سان صرف ڪنڌ ڌوڻيو.

رمضوءَ کي زينت جو ڀيءُ گلو درزي ياد پيو. هن پڇيو، "گلو ڪوله تو ڏسجي؟"

عبدالله ڇپن مان سگريٽ ڪڍي چيو، "ڪالهه سج لٿي مان زينت وٽ آيس — اهو پڪو ارادو ڪري ته، ڪين ٻه ڪري ڪيس اڄ شاديءَ لاءِ مڃائيندس. اسان کي ڳالهين ڪندي رات جا ڏهه لڳي ويا. گهڙيءَ ڏهن جا ٺڪاءَ هنيا، تڏهن وڃي اسان کي سڌ پيئي ته

”پوءِ تون پنهنجي زندگي ڇو هئين ضايع ڪري رهيو آهين؟“ رمضوءَ پڇيس.

”چاچا، ڇا ڪريان؟ دل نٿي مڃي. زينت ڪان وڌيڪ حسين ڇوڪريون مون سان شادي ڪرڻ لاءِ راضي آهن، ليڪن...“ هن بيوسيءَ کان اکيون ڪٽي بند ڪيون ۽ سندس بند ڇپون مان ڳوڙها ڏيئي سندس ڳلن تي وهي هليا.

رمضوُ سمجهي نه سگهيو ته ڇا ڪري، ڪيئن هن جوان جماڻ جي چاق دل کي تسلي ڏئي، ڪهڙو مرهم لڳائي سندس پگهل دل سجي ڪري. هو ڪا مهل چپ چاپ ويٺو هو. پوءِ هوريان اُٿي، ٻاهر نڪري آيو، ۽ هڪ ڪرسيءَ تي ويهي، سگريٽ ڪيڍي، اُها دکايائين. هن جي من ۾ طرح طرح جا خيال اچڻ لڳا. هو انسان جي شخصي ويدنائن ۽ پيڙائن جو ويچار ڪرڻ لڳو. انهن سڀني جو ڪارڻ انسان جي دل ۾، انسان جي جذبن ۾ هو. هو پاڻ کان پڇڻ لڳو ته انهن جو موجوده اقتصادي سرشتي سان ڪهڙو تعلق آهي، ته انهيءَ سرشتي جي ختم ٿيڻ سان اهي سڀ ختم ٿي وينديون يا نه؟ دنيا ۾ اقتصادي برابري اچڻ سان ڇا دل ۽ جذبات جا سڀ مونجهارا، سڀ ويدنائون، سڀ پيڙائون ڪافوُر ٿي وينديون؟ سماجواد جي برپا ٿيڻ سان انسان کي سچو سک حاصل ٿيندو يا هن جو

جڏهن هن جي گهر پهتا، هوءَ ٻچڙا ٿي ڪنهن اوڙي
عيسيٰ منهنجو ساڻ آهي. سو ڀلي منهنجي دل جي آئيندي،
منهنجي محبت سان ڪرڻ، منهنجي جان جي ملڪ،
ڪوه الله ٿي گوٺ. هوءَ بولي، هوءَ ڀاڳ تي سهڻي
سهڻي هيءَ دل ــ ٻڌ ته ٻه بخت سوال ــ آڇي
ٿي. هاڻ، بابا، هجي ته ساڻ پيا ڪري."

جاڙي رمضان جي دل اچ هن ڳجهي ٻهاريءَ لاءِ
ڳجهو جهڙو لڳي. ڪڏهن ته الله، سندس وڏن ٿي هون
فيرالبيڪي جبالين، "عبدالله، الله سڀ ڳجهي ڪندو،
تون صبر نه وڃاءِ، ڪي ٻوڪون ڏيو سان سالم
نڪرنديون آهن."

"ائين نه آهي، بابا،" عبدالله وراڻيو ڪري چيو.
"دنيا جي تون عيالن ۽ تڪڙي سندن ڏاڍي جهڙن
جي ڏاڍي، ڪيس اوڙ جنس ٻاڻي پڌو آهي. هوءَ نه
پڻ آهي نه عورت، هوءَ سڀ سڀاوا ساڳو مجسم
آهي." سگهيل جي ٻچڙي سندس اکيون ساڙي رهي
هئي. هن اها ڳالهه ڪنهن ٻاهر اٿي. هن هڪ لمو
ساهه کنيو جنهن ساڻ سندس پراڻي ۽ مسڪين جو
جذبو ائين رمضو جي وڃي ويو. لوڙي ڏيو رکي، هن
انهايت ڏکي آواز سان چيو، "بابا، انسان تون نه انسان
جي زينت ڪڏهن به عورت ۽ ٻارڙا ڪاڻ هئين. هوءَ
انهيءَ هڪڙي خيال جي سڄڻ پر ٻي پهچي هر سو
ڪندي."

ڪاپيون ڇپي رهي هئي. زينت اچي ڏر کوليو ۽
ڪاغذن جو ٿهو، نهايت بخوبي هڪ سفيد ڪاغذ ۾
ويڙهيل ۽ اڇي رِبن سان ٻڌل، ڪيس هٿ ۾ ڏنائين.
رمضوءَ زينت جي منهن ۾ نهاري مشڪيو. سندس
اکيون گويا سندس ٿورا مڃي رهيون هيون، سندس
ڦڙتائي ۽ قابليت تي خوشي ظاهر ڪري رهيون هيون.

"زينت، ڪرفيو ٻه پوري وقت تي ختم ٿيو آهي.
هاڻ اسان کي پنهنجي تجويز عمل ۾ آڻڻ ۾ ڪابه رڪاوٽ
ڪانهي. مان وڃي باقي ڪم اُجهو ٿو طئي ڪري
ڇڏيان."

زينت اڃا ڪجهه چوي ٿي چوي ته عبدالله ٻاهر
نڪري آيو. سندس منهن ازحد گنڀير هو، ۽ اُنتي
گهري نا اُميدي ۽ بيڪسي ڇانئجي پيئي هئي.

"مان هاڻ وڃان ٿو،" چوندو، هو تڪڙو تڪڙو
ڏاڪڻ تان هيٺ لهي ويو. زينت ۽ رمضو سندس
پٺيان نهاريندا رهيا.

هن جي هيٺ لهي وڃڻ کان پوءِ رمضوءَ پنهنجو
ڪنڌ ڦيرائي، زينت جي منهن ۾ نهاريو. زينت جو
عجب هينئر مشڪ ۾ بدلجي چڪو هو. رمضوءَ کي
اها مشڪ البت ڪئور، البت بي رحم لڳي.
"ڇا، هنجي لاءِ تنهنجي دل ۾ ڪابه جاءِ ڪانهي؟"
هن پڇيو.

ڏک وري ڪا بہ صورت اختيار ڪندو؟ هو انهن سوالن کي حل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي ناقابل سمجهڻ لڳو. دماغ چيس، "تنهنجي لاءِ اينٽروئي ڪافي آهي تہ تون سماجواد جو قائل آهين. انسان ذات ۾ اقتصادي برابري آڻڻ بعد ئي انساني زندگيءَ جي ٻين پهلون جو ويچار ڪجانءِ." ليڪن سندس دل کي دماغ جي انهيءَ رخ سوراهن آنا تصديق نٿي ڏني. ڪجھ گمان رهجي ٿي ويو.

هن پنهنجي آڏ چڪيل سگريٽ ڪٽي ڦٽي ڪئي. اُها اَڄا ٻرندي ڏسي، اُتي پير سان اُن کي چٿري ڇڏيائين. سندس گمان بہ چٿرجي ويو.

هن پنهنجي ڪرائيءَ واريءَ واچ ۾ ڏٺو تہ ٻہ لڳڻ تي هئا. زينت پنهنجو ڪم پورو ڪرڻ تي هوندي، هن کي سمجهہ آيو. هاڻ سوال هو تہ اهي هدايت ناما ڪٿي......

گهگهو جو آواز سندس ڪن تي پيو. هن دري کولي، ٻاهر نهاريو. رستي تي سپاهي پوليس چوڪيءَ ڏي ويندا ڏٺائين. منٽ اڌ ۾ رستي تي ماڻهن جي اَچ وڃ ٿيڻ لڳي. رمضوءَ جي منهن تي مشڪ وري آئي. هن پنهنجي دل کي فڪرات کان هلڪو ٿيندو محسوس ڪيو. دري کليل ئي ڇڏي، هن وڃي انهيءَ ڪمري جو دروازو کڙڪايو جنهن ۾ زينت مسودي جون

*** "هڪ ڏينهن، ٽاڪ منجهند جي وقت، گرميءَ کان بيزار ٿي، آءٌ پنهنجي ڪمري ۾، پاڻ کي وڃڻي سان هوا ڪري رهي هيس ته هڪ جوان عورت اندر لنگهي آئي. برقعو منهن تان لاهي ڇڏيو هئائين. منهن سڄو پگهر سان شل ٿيو پيو هوس، ۽ لٽهڻ اُس ۾ پنڌ ڪرڻ ڪري ڳاڙهو. روش سهڻا، دل ڇڪيندڙ ٿي ڏنا، جيتوڻيڪ رنگ سندس سانورو هو. اندر گهڙندئي مون کان پڇيائين:

"گستاخي معاف ٿئي. هن ديري جي سائڻ تون آهين؟"

مان البت منجهي پيس. پر پنهنجي مونجهه ظاهر ڪرڻ کان سواءِ، ڪانئس پڇيم، "توکي هت ڪنهن موڪليو؟"

"ٻاهر ٻانهين کان پڇيم" هن ٿورو شڪي ٿي چيو. "هن تو ڏانهن موڪليو."

منهنجو ڌيان ڪمري جي در ڏانهن ڇڪيو. مون در جي ٻاهران ٿوري اٽلڪي چرپر محسوس ڪئي.

زينت، اُهائي مٿڪ سندس منهن ڏي، چيو: ”هوءَ مونکي ڀاءُ جيان آهي. مان هنکي ڀيڻ جي حيثيت ۾ ڀانيان ٿي. چاچا، توهين هنجو ڪو به فڪر نه ڪريو. مون سان محبت ڪري، هو صرف محبت جي مڪتب ۾ تربيت وٺي رهيو آهي. اُها هنکي ڪنهن نازنين گلبدن جي محبت لاءِ تيار ڪري رهي آهي. ڇهن مهنن جي اندر هو ڪنهن گلروءِ محبوبڙيءَ سان نڪاح ۾ ٻڌجي ويندو ۽ مان سندس زندگيءَ مان ائين غائب ٿي وينديس جو گويا هڪ وڻندڙ خواب هيس.“

رمضوءَ کي پڪ نه ٿي. پر هنکي پنهنجو ڪم سڌي رهيو هو.

”کهڙي نه سياڻي آهي منهنجي زينت،“ چوندي، هن زينت جو ڳل ٻيريو ۽ ٻوءِ سيٽي وڄائيندو، هيٺ لهي ويو.

دنيا ۾ مون کي ڪو پنهنجو ڪونهي. آءٌ بنهہ اڪيلي، نڌر ۽ نراڌي آهيان. منهنجي تون پشت پناهہ ٿي. مون کي تون اُجهو ڏي. خدا تنهنجو ڀلو ڪندو. مان هت گولين جي گولي ٿي رهنديس."

آءٌ اُڃا ڪو جواب ڏيان ئي ڏيان ته ٻاهر اڱڻ مان ماڻهن جي چرپر جو آواز ڪنن تي پيم. هن سنڌاري عورت کي اتيئي ڇڏي، اُٿي ٻاهر آيس. ڏسان ته وڏيري کي، هڪ کٽولي تي سنئين ڪنڌي ليٽيل، ڪي هاري اَندر کڻي پيا اَچن. سراڀجي، پيٽ جو هڪ پاسو وٺي بيٺيس. جڏهن کٽولي کي منهنجي اڳيان کڻندا لنگهيا، تڏهن مون ڏٺو ته وڏيرو بي سرت پيو هو. وڏيري کي سندس سمهڻ واري ڪمري ۾ پلنگ تي ليٽايائون ۽ ٻاهر اچي پڇيائون ته ڇا ڪجي؟

اَسان سڀني کي اهڙو ته هراس وٺي ويو هو جو انهيءَ سوال تي هڪ ٻئي جا منهن تڪيندا رهجي وياسين. جڏهن مون محسوس ڪيو ته اڱڻ ۾ مائي موت جهڙي ڳوري ۽ اُسهہ تي بيٺي آهي، تڏهن هڪ ٻين هاريءَ ڏانهن منهن ڪري پڇيم، "ناز هليس بيٺي؟"

هن ڪنڌ سان ها ڪئي.

مون تنهن تي ڪانئس پڇيو ته "ڇا، ڪو اتفاق ٿيو؟"

مون سمجهي ورتو ته گهر جي سڀنين مونتي نئولي ڪرڻ لاءِ ائين ڪيو هو.

"ويهه، پيرڻ،" مون کيس چيو. "تون ڪير آهين؟"

هوءَ وڃي ته سهي، پر منهنجي انهي سوال پڇڻ سان سندس اکين مان جهر جهر ٽپڪي وهڻ لڳو.

آءٌ حيران ٿي، سندس منهن ۾ نهاريندي رهجي ويس. مون کان هن اَجنبي عورت جو اُجهل ڏک ڏسي سٺو نٿي ويو؛ ليڪن آءٌ جا خود ڏکياري هيس، ٻيوس ڏکياري، سا سندس لاءِ همدرديءَ جا ٻه ڳوڙها ڳاڙڻ کانسواءِ ٻيو ڪري ئي ڇا ٿي سگهيس؟

هن نيٺ، پنهنجي رئڻ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪندي، سڏڪن ۾ چيو، "سائڻ، مان ڏاڍي ڏکي آهيان."

مون کيس دلداري ڏيڻ لاءِ سندس پٺيءَ تي هٿ گهمايو، ۽ چيومانس، "پيرڻ، دنيا ۾ رئڻ ۽ جهڄڻ سان ڪم نه هلندو. تون همت نه هار، مون کي پنهنجي غمخوار سمجهي، ٻڌاءِ ته توسان ڪهڙي ويڌن آهي."

عجب ڳائڻ لڳيس ته آءٌ جا پاڻ ڏکي آهيان، جهڄي جهري رهي آهيان، جنهن کي خود غمخواريءَ جي گهرج آهي، سا ڪئن پنهنجي ٻيوسيءَ مان هن ٻيوس کي آٿت ڏيئي ٿي سگهان!

هن هڪ ڊگهو ساهه کڻي چيو، "سائڻ، هن سڄيءَ

سنڌيا جي منهن اونداهيءَ ۾ مون پنهنجي حالت
تي غور ڪيو. سڄي ڊيري جي سنڀال منهنجي همت
۾ هئي. وڏيري جي نڪاح ٻڌي بيبي نه هوندي به
مان ڊيري جي سائڻ هيس، وڏيرو اسپتال ۾ ڪن ميلن
جي مفاصلي تي بيوس پيو هو. مون کي ڀڄي ڇٽڻ جو
عين موقعو هو. پر ڀڄي ڪيڏانهن وڃان؟ هن ساري
وسيع دنيا ۾ مون کي ڪو اهڙو سڳو يا سڄڻ ڪو نه
سجهيو جو مون کي پناهه ڏئي. خيال جي انهيءَ منزل
تي پهچڻ سان مونکي منجهند واري اجنبي عورت
ياد آئي. مون پاڻ کان پڇيو ته هوءَ ڪيڏانهن ويئي،
ڪٿي آهي؟ وڏيري جي مصيبت ۾ مون کيس بنهه
وساريئي ڇڏيو هو. مون کي انهيءَ تي، البت شرم آيو:
اها هئي منهنجي غمخواري؟ مان يڪدم ٽپ ڏيئي
اٿيس ۽ ٻاهر اچي سيوتين کان سندس پڇا ڪيم. هنن
سيني کي پڻ عجب لڳو. شايد ڊيري ۾ اوچتي مصيبت
نازل ٿيل ڏسي، هن ماٺ ميٺ ۾ سواڪو پائي پنهنجو
ڏک ساڻ کڻي، اسانجي حياتيءَ مان پاڻکي اوجهل
اوجهل ڪري ڇڏيو. مونکي نهايت ڏک ٿيو. ويچاري
الائي ڪهڙي وهه ويئي هوندي. ڇيائين ڪين ٿي نه
هن سنسار ۾ بنهه اڪيلي ۽ نوآجهي هئي؟ هنجو ڏکي
منهڙو — جوان، پر ساڻورو ۽ بيحد مايوسيءَ ۽ بيوسيءَ
سان ڇانيل — منهنجي اکين اڳيان اچي بيٺو. مان

هن ورائيو، هتان ٻه ميل پري، گهوڙي جي ٽاپڙجڻ ڪري، وڏيرو ڏوُن اُچي پٽ پيو. ڏڪي جي ڪري ٻي سرت ٿي ويو آهي."

مون ڪنهن حاذق حڪيم کي وٺي اچڻ لاءِ چيم. پيرسن چيو، "پاسي واري شهر مان ڊاڪٽر کي گهرائڻ ٺيڪ ٿيندو."

"اَئين جيسين ڊاڪٽر اچي تيسين؟" مون پڇيو.

"ڳوٺ جي حڪيم کي اسان ماڻهو موڪليو آهي،" هن دلداريءَ جي نوع ۾ چيو. "هو آيوُ ڪي آيو."

حڪيم آيو. تپاس بعد چيائين، "ڪيس ٻي سرت رهڻ ڏيو. سرت ۾ ايندو ته اَسهه سور کان ڇڙهيو ن هٽندو ۽ ڪيڪون ڪندو، جنهن ڪري امڪان آهي ته ڪيس وڏ ڦڪ ضرر رسي. هن جو علاج شهر جي اسپتال ۾ ئي ٿي سگهندو."

هن پيرسن کانئس پڇيو، "ڇا، ٽنگ جو هڏو ڀڳو اٿس؟"

"نه. مونکي شڪ آهي ته پٺيءَ جي ڪرنگهي کي ضرب آئي اٿس."

شهر ڏانهن ماڻهو ڊوڙايو ويو ۽ شام تائين وڏيرو سول اسپتال ۾ داخل ٿي ويو. وڏيري جو ڪامدار اسان کي خاطري ڏيئي ويو ته وڏيري جي علاج ۽ سنڀال جو هو خاطر خواه بندوبست ڪندو.

پنهنجي جسم ۾ محسوس ڪندي هيس، ۽ سڀ واهون
کليل ڏسي به ائين پائيندي هيس ته سڀ واهون بند
هيون. عورت اهڙي ضعيف ڇو آهي؟ هن کي صرف
زندگي ڪاڻ لاءِ به ڇو ٻئي جو محتاج ٿيڻو پوي ٿو؟
ڇو هوءَ مرد جيان پاڻ تي ڀاڙي آزاد رهي نٿي سگهي؟
پر مرد به ته سڀ آزاد ناهن. هنن جي گذران جو
دارومدار ڪن چند سرمائيدارن جي نفرتءَ ۽ غلاميءَ
تي منحصر آهي. اهي تفرقا قدرت رچيا آهن، يا ڪن
جزوي انسانن پنهنجي چالاڪيءَ، سرمائي ۽ زور جي
ذريعي خلقيا آهن. اَهڙا اڪيچار سوال منهنجي من ۾
اُٿندا هئا، ليڪن انهن جا خاطرخواه جواب منهنجي
خيال ۾ نه ايندا هئا.

ويچارا، بي لطف ڏينهن! اُجڙ کيت جنهنتي ڪڏهن
بارش نٿي وسي ۽ جنهن ۾ ڪڏهن ڪو سلو نٿو اُسري؛
ميدان ۾ اڪيلو ئي اڪيلو بيٺل ٺونٺ وڻ جنهن مان
جيون-رس سڪي ويو آهي ۽ جو ڪڏهن بهار ۾ به
ٻور ۾ اچي ڦولارجي نٿو؛ ۽ وانجهه جنهن کي سهسين
سينگار ڪرائڻ سان به ماءُ نٿو بڻائي سگهجي. زندگيءَ
جي وهندڙ نهر گويا تلاءُ تي پهچي — وهڪ، لس ليٽ ۽
موج کان بي خبر. ائين پئي لڳو ته فضا جي ذاتي چرپر
بند ٿي ويئي هئي ۽ انهيءَ بيٺل هوا ۾ زندگي هڪ
لنبي، اَسهه ڀوساٽ پاسرڻ لڳي.

پنھنجي دل جھلي نہ سگھيس ۽ ڊوڙي پنھنجي ڪمري ۾ وڃي، کٽ تي ڪريس ۽ ڦٿي هيانءَ رُئڻ لڳيس. رُئندي رُئندي مونکي ننڊ اچي ويئي.

ڏينھن ويڳاڻا، بي لطف ڏينھن، گذرندا ويا. وڏيري کي اسپتال ۾ پئي ٻہ مهنا لنگهي ويا ۽ ائين ٿي ٻڌو تہ سندس جلد واپس اچڻ جي آجا اُميد ڪانہ هئي. سندس پٽ کي ولائت ۾ تار رستي ڪامدار خبر ڏيئي ڇڏي هئي هن جواب ۾ لکيو هو تہ سندس امتحان ويجھو هو. اُهو پورو ڪري، هو اُتان يڪدم اُسهندو. تيستائين ڪامدار کي، هرڪا سنڀال ۽ ديکڀال ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي هئائين. ديري ۾ زميندارِيءَ جو ڪم روزمره جي دستور موجب پئي هليو.

ويڳاڻا، بي لطف ڏينھن — جن ۾ نہ ڪا خوشي هئي ۽ نہ ڪو هراس ۽ هراس کي منهن ڏيڻ جو اُتسو. زندگيءَ ۾ ڪجهہ بہ ڪرڻو نہ هو — جانورن جيان صرف اُٿڻو ۽ سمهڻو هو، کائڻو پيئڻو ۽ بدني حاجتون ڪرڻيون هيون. ائين پئي پاسيو تہ ديري مان روح پرواز ڪري ويو هو، رڳو ٻاهريون بوتو ئي وڃي بچيو هو. ڪنهن ڪنهن مهل مان بيقرار ٿي ويندي هيس ۽ پاڻ کان پڇندي هيس تہ مونکي هن بند ۾ ڪير روڪي رهيو آهي؟ آءٌ آزاد ٿيڻ جي ڪوشش ڇو نہ ٿي ڪريان؟ اهي سوال پڇڻ سان آءٌ هڪ نااُميد ڪندڙ نستائي

منهنجي لاءِ، منهنجي دل صاف ٿِي رهي هئي. قدرت اسان کي هڪ ٻئي لاءِ خلقيو هو. هڪ ٻئي کان سواءِ، اسين اڌورا هئاسين، هڪ پڳل پيالي جا ٻه ٽُڪر. اسانجي قسمتن جي ملڻ سان، پڳل پيالو سڄو ٿي ويندو. هڪ مسرور ڪندڙ لرزش منهنجي جسم مان لنگهي ويئي، ۽ منهنجي چپن تي مشڪ اُڀاڙي ٿي نچڻ لڳي. هنجي چپن تي ٻه ورلدي مشڪ آئي. ٻه نهرون هڪ ئي پهاڙ جي جدا جدا پاسن تان لهي، الڳ الڳ وهي، قسمت سانگي، هڪ ٻئي جي ويجهيون آيون، هڪ موڪندڙ منزيءَ ۾ مليون ۽ هڪ نهر ٿي وهڻ لڳيون. اسان ٻن جي زندگيءَ جون ٻه جدا جدا لهرون اچهو ائين ملي هڪ ٿي ويون، نماشام جي سرخ روشنيءَ ۾ هڪ مشڪ ۾.

رات جو بستري تي ليٽي آءٌ سندس ئي خوش خواب لهي رهي هيس. منهنجين اکين ۾ اَڄ ننڊ ڪانه هئي. منهنجو بدن اَڄ، تازو توانو، ڪنهن نفيس تمنا کان هلڪو هلڪو ترقي رهيو هو. ائين منهنجي دل ڌڪ ڌڪ ڪري رهي هئي. اکين ۾ منو انتظار هوم ۽ چپن تي مٺي مرڪ. اوچتو ڪمري جي ٻاهرئين دروازي تي نڪ تي — جهيٽي، هوريان هوريان. منهنجي خوشي حد چڙهي بيحد لــي پهتي، ۽ پاڻ ۾ هڪ نستاني محسوس ڪرڻ لڳيس. مون پاڻ کي ضابطي ۾

هڪ ڏينهن، اوچتو ئي اوچتو، ڪنهن چتاءَ ڏيڻ کان سواءِ، زندگيءَ ۾ ذوق نئينءَ سٺينءَ نسريو، ۽ رنگ ۽ رونق سان زندگيءَ جي گهڙي مسرور ٿي ويئي.

رحمان منهنجي زندگيءَ ۾ آيو. زندگيءَ جو ڪيئن هريو ڀريو ٿيو؛ زندگيءَ جي نهر رڳ، رڳ ۾ لرزشون اُٿاريندي وهڻ لڳي؛ زندگيءَ جي ٿوڻ درخت ۾ ازغيبي نئين جيون- رس پيدا ٿي جا ٿڙ کان چڙهي ٽاريءَ جي خاني خاني کي نئين جيون بخشي، سرسبز پنن ۽ ٻور ۾ جگمگائي اُٿي؛ ۽ خدا پاڪ ٿو ڄاڻي ته وانجهه ۾ ڪنهن ڪيميائي صورت- بدل ٿيڻ سان ماٺ ٿيڻ جي قابل ٿي پيئي.

ڏسو، قداور رحمان، جوان، رشت پشت، ڀُورين ڀُورين اکين وارو رحمان، هڪ هاري، رواجي هاري هو. ٻن ٽن مهنن کان وڏيري جي ڪامدار ڪيس ٻني جي ڪم تي رکيو هو. هڪ ڏينهن هو ديوي جي ٻاهر منهنجي ڪمري جي دريءَ جي سامهون ڪو ڪوٽائيءَ جو ڪم ڪري رهيو هو. ڪر ٽاڪي مون دري کولي ته منهنجي نظر وڃي مٿس پيئي. دريءَ جي کلڻ جو آواز ٻڌي هن به مٿي نهاريو. اکيون اکين سان مليون. هنجي اکين ۾ مون پنهنجي قسمت پڙهي ورتي. هو منهنجو ازل جو ساٿي هو. آءٌ ڄائي ئي ساڻس لاءِ هيس. ۽ هو؟

جي تمنا نہ هئي. محبت هئي پاڻ ڏيڻ جي، پاڻ ارپڻ جي؛ اُجهل آرزو، ۽ نہ ٻئي کي قبضي ڪرڻ جي چاهنا. هن پاڻ ڏيئي بہ آزاد ڇڏيو ٿي. هنجي لاطمع محبت، هنجو نهڪام نينهن، هنجي اَت ڪوملتا جي احساس جو صرف خيال ڪري آءٌ روئي ڏيندي هيس.

رحمان هر رات مون وٽ پيرو ڪندو هو، ۽ اُسر ٿيڻ کان اَڳي هو، ٻليءَ پير، هليو ويندو هو.

هڪ رات مون پنهنجي دک جي ڪهاڻي پڙ پڙ ۾ کيس ٻڌائي ڇڏي. اُها ٻڌي هن جو هيانءُ دک کان جنسي قائڻ لڳو. سندس منهن غضبناڪ غصي کان ڳاڙهو ٿي ويو. هن نهايت وڏيءَ ڪوشش سان پاڻ کي روڪيندي چيو، "حليما، هل تہ هن جهنم مان نڪري، جهنگ منهن ڏيئي هليا هلون."

مون سندس پورين اکين جي گهرائيءَ ۾ گهوُر ڪري نهاريندي پڇيو، "هتان پوءِ ڪيڏانهن هلون؟"

"ڪيڏانهن بہ،" هن وراڻيو. "هن جهنم کان ڪنهن جهر جهنگ ۾ جانورن جيان زندگي گذارڻ بهتر آهي."

هنجي جانباز محبت تي ڳوڙها ڳاڙيندي، مون چيو، "نہ، رحمان، مٿي پڪڻ لاءِ ڪو اُجهو نہ ڪبي."

هو ڪا مهل مات ٿي ويو. هن جيڪس عورت جي زندگيءَ جون حدون محسوس ڪيون. جلدي وهيٺو ٿي، هن مونکي اٿين ڪين چيو، "چا، مهنجو اُجهو

آئي، هڪ عظيم ڪوشش سان پاڻ کي بستري تان اٿاريو. وري آهستو ڪڙڪو ٿيو. جنهن نوورني ڪنوار پنهنجي گهوٽ کي ملڻ لاءِ اُتي مهاوري جو در کوليندي آهي، تنهن مون زندگيءَ جي ڪلي تمنائن، ترقن ۽ طاقتن سان، ڪمري جو در، آهستي آهستي کولي ڇڏيو، ۽ ٻيءَ گهڙيءَ پاڻ کي رحمان جي آغوش ۾ ڪيرايل ڏٺم. اُج رات مون محسوس ڪيو ته وڏيري سان همبستر ٿيڻ به مان ڪچي ڪنواري ئي هيس. اُج رات ئي منهنجي ڪنوارپڻي، رحمان جي آغوش ۾ ڦولار ڄڻي، عورت جو روپ ورتو.

انهيءَ انهيءَ سهاڳ جي رات مون محسوس ڪيو ته محبت ۽ شهوت ۾ ڪهڙو ۽ ڪيڏو نه تفاوت آهي. شهوت باه آهي ۽ محبت نور. هوءَ ساڙي ٿي ۽ هيءَ پنهنجي سينتل ڇهاءَ سان منوّر ڪري ٿو. هن جون اکيون ڳاڙهيون، طامع ٿين ٿيون؛ ۽ هن جي اکين ۾ اَس ڪوملتا ٿيڻ ٿي. مون کي اُڃا ياد آهي ته ڪئن رحمان جي جاڏن، کهرن هٿن ۾ هڪ ازغيبي ڪوملتا اَچي ويندي هئي جڏهن هو منهنجي همت، ٻانهن يا منهن کي ڇهندو هو. هڪ جانئي، سگهاري مرد ۾ ايڏي ڪوملتا ٿي سگهي ٿي، سو مون ٻهريون ڀيرو محسوس ڪيو.

هنجي محبت ۾ طمع يا لوڀ يا پنهنجي ملڪ بنائڻ

هاڻ ڏينهن رات سندس سلامتيءَ جو فڪر مونکي ستائڻ لڳو. هو هڪ غريب هاري هو جنهن جي حياتيءَ جو ڪو ملهه نه هوئي ڪونه. وڏيرو، خود ڪامدار، کيس هڪ اِشاري سان صفحهءِ هستيءَ تان ميٽي سگهيو ٿي. هڪ رات مون کيس دور دور وڃي پکو اَڏي رهڻ جي صلاح ڏني، ليڪن هن اها نه مڃي. هن صرف چيو، "توکي هت جهنم ۾ ڇڏي، آءٌ ڪٿي به وڃي نه ٿو سگهان."

هڪ ڏينهن، اوچتو وڏيري جو فرزند ارجمند ولايت کان موٽي، ڳوٺ آيو. آءٌ منجهند جي ماني کائي، اڃا ڪمري ۾ آهلي مس هيس ته ٻاهر اڱڻ ۾ چرپر ۽ مرداڻا آواز ٻڌم. اُٿي ٻاهر نهاريم. منهنجي ڦٽندڙ جوانيءَ جو ناس ڪندڙ، منهنجي بدقسمتيءَ جي جڙ ڪامدار سان گڏ بيٺو هو ــ صاحبلوڪي ڪپڙن ۾. سندس ڳلن ۾ ڪڏون ۽ سندس اکيون ڏرا ڏلل، هو پورو پورو عياشيءَ جي صورت پئي لڳو. کيس ڏسي، آءٌ بنهه سراپجي ويس. مونکي ڏسي ئي ڏسي، تنهن کان اڳ منهن ڪٽي ڪمري ۾ اندر ڪيم.

"هاڻ ڇا ٿيندو؟" مون پاڻ کان پڇيو. خيال ڪرڻ جون ڪلي طاقتون جواب ڏيئي بيٺيون. گويا ڪو ڪاپاري ڌڪ لڳو هوم. منجهيل ۽ مايوس، مون ڪي سڌ ناهي ته مان ڪيتري دير، مٿو هٿن ۾ جهلي، ويٺي

تولاءِ ڪافي ڪونهي؟“ جي ائين ٿئي ها ته شايد سندس منهن مان سوارت ٽپڪي نڪري ها. هن صرف بيوسيءَ جي نوع ۾ چيو، ”ته پوءِ جئن چئين تئن ڪريان.“

مون سندس منهن تي هٿ گهمائيندي چيو، ”ترس، رحمان. اُتاولو نه ٿيءُ. قسمت پاڻيهي ڪو رستو کوليندي. وڏيرو پنهنجيءَ پر لاءِ آهي. ممڪن آهي ته هُو پاسو ڪوڙي، ۽ رستو صاف ٿي وڃي. تون منهنجي ڪري ڇو ٿو پئين؟“

هن البت ٻي ڳالهه ٿي چيو، ”منهنجو خيال نه ڪر، حليما. تنهنجي صدقي مان هر ڪنهن مصيبت کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار آهيان.“

منهنجي اکين ۾ لڙڪ ڀري آيا. هن کي پنهنجو خيال ته هوئي ڪو نه. هو پنهنجي سڄي جواني منهنجي مٿان نڇاور ڪرڻ لاءِ ٿي آتو هو. مان اهڙي قرباني، لالچ محبت جي قرباني، ڪئن قبولي ٿي سگهيس؟ ڇا مان انهيءَ جي لائق هيس؟ مون سندس نرڙ تي هڪ اُها مٺڙي ڏني جا ماءُ پنهنجي ٻچي جي نرڙ تي ڏيندي آهي. مون ائين محسوس ڪيو ته اَڄ مان ڏوهي اَڄي ٿي آهيان، ته مون مان سڀ غير- غلاظتون ڌوپجي ويون آهن. مون سندس مٿو آهستي ڇڪي، ڪٽي پنهنجي سيني تي رکيو، جتي جلد کيس ننڊ اَچي وئي.

اُچان تي.“ سيوڻي اهو بڌي هلي ويئي.

مٿي تي رئو ناهي، آءٌ هڪ قدم سان وڏيري جي اوطاق ۾ گهريس. غلام حسين هڪ ڪرسيءَ تي ويٺو هو. پاسي کان ٽپائيءَ تي شراب جو شيشو ۽ اڌ خالي گلاس رکيا هئا. هن جون اکيون بند هيون ۽ سگريٽ چپن تي لٽڪي رهي هيس. منهنجن پيرن جي آهٽ تي هن پنهنجي ساڄي اک کولي مونکي ڏٺو. سگريٽ چپن مان ڪڍي، هو ڪرسيءَ تي ٿهي ويٺو. هن پيري بنهي اکين سان مون ڏي نهاري چيائين:

”حليما، آءٌ واپس اَچي ويو آهيان.“

آءٌ ماٺ بيٺي رهيس.

”ڇو، ڪچين ڪين ٿي؟“ هن منهنجو منهن تڪيندي پڇيو. ”منهنجي واپس اَچڻ تي شايد توکي خوشي ڪانه ٿي آهي؟“

آءٌ اڃا به ماٺ ۾ رهيس.

هن گلاس کڻي چڪو چاڙهيو. سگريٽ کي سوٽو ڏيئي، باقي بچيل ٽڪڙي زمين تي ڦٽي ڪيائين. پوءِ ڪرسيءَ جي ٻانهن تي زور ڏيئي، هو اُٿي بيٺو. وک ئي هڪڙي، هو منهنجي اڳيان آيو، ۽ منهنجن ڪلهن تي هٿ رکي چيائين، ”حليما، ٻه سال اڳ، جي محبت جون مٺيون گهڙيون گذاريون سين، سي سڀ وسري ويون اٿئي؟“

هيس. ڪمري ۾ ڪنهن جي پيرن جي آهٽ ٻڌي، مون ڪنڌ مٿي ڪيو. هڪ سيوڪ منهنجي اڳيان بيٺي هئي. منهنجي سندس منهن ۾ نهارڻ سان هن مشڪي چيو، "وڏيري غلام حسين توکي سڏيو آهي."

وڏيرو! جنهن کي سڀئي غلام حسين چوندا هئا سو اَڄ وڏيرو سڏجڻ لڳو هو، جيتوڻيڪ سندس بزرگ والد اَڃا جيئرو هو. انهيءَ جو مطلب هڪ ئي هو ته هن زميندارئ جون ڪلي واڳون پنهنجن هٿن ۾ ڪيون هيون، ته ڏيري جو مالڪ ٻه هاڻ هوُ هو. هاڻ، ڏٺن ڏيري ۾ منهنجو درجو ڪهڙو ٿيندو؟ پر مونکي ته ڪو درجو ڪپندو ئي ڪو نه هو. آءٌ صرف سيوڪي ٿي رهڻ لاءِ تيار هيس. اتي مونکي سندس عيش-اُجاڙيل صورت اکين اڳيان تري آئي. منهنجو بت ڪانبار جي ويو. سينني ۾ سوُر جي هڪ سوسرات ٿي ۽ منهنجيون اکيون بند ٿــي ويون. منهنجين بوٽيل اکين اڳيان رحمان جي صورت اَچي بيٺي — مرڪي، ۽ ـر گنيئر. "ڇا ٻه ٿئي،" مون دل ئي دل ۾ چيو، "آءٌ رحمان جي محبت کي ٻي داغ رکندي س. هن جي محبت ۾ ڏوبي مان اَچي ٿي آهيان. هاڻ مونکي هوس جي هوا ڇهي ناپاڪ نه ڪري سگهندي." مون پنهنجي دل ۾ قسمت کي منهن مقابل ٿيڻ لاءِ جرئت محسوس ڪئي، ۽ اکيون کوليں، سيوڪيءَ کي چيم، "مان اڃو

۾ هٿ وجهڻ جي جرئت شايد ولايت جي تعليم جو نتيجو آهي."

هن ٻي ڇڻ تي چيو، "ائين ناهي، حليما. منهنجو تو تي حق پهريون آهي."

"ڪنهن جو ڪنهن تي حق ڪونهي،" مون ماٺيٺي لوع ۾ چيو.

هو اکيون ڦاڙي منهنجو منهن تڪڻ لڳو. نيٺ، چيائين، "حليما، هي تون ڇئين ڇا ٿي؟ هيءَ فيلسوفي تون ڪٿان سکيينءَ؟ ولايت ۾ تعليم يافته، ترقي پسند زالن جي واتان اهڙا حرف ٻڌبا آهن. هي هندستان آهي جتي هرڪنهن عورت تي ڪنهن نه ڪنهن مرد جو حق نه ڇا بلڪ قبضو رهي ٿو. هڪ دهقاني ڇوڪريءَ جي زبان مان اَهڙا لفظ ٻڌي مان نه دنگ رهجي ويو آهيان. ڇا، هنن ٻن سالن ۾، منهنجي غير حاضريءَ ۾ زالن جي طبيعت ۾ اهڙو انقلاب اَچي ويو آهي؟"

هي سڀ ڳالهيون مون لاءِ نيون ۽ عجيب هيون، ۽ مونکي سمجهه ۾ نه آيون. مون صرف چيو، "شايد آءٌ ٻين ڇوڪرين کان نرالي طبيعت جي آهيان."

هن جي دل کي تسلي نه ٿي. ڪنڌ ڌوڻي، چيائين، "حليما، تون ڇو هروڀرو منهنجي دل جي جذبن سان راند ڪري رهي آهين؟ ڇا تنهنجي مون ۾ ڪا دلچسپي ڪانهي؟"

مون ٿورو پريان هٽي چيو، ”وڏيرا، هيئنئر اِئين ٿي ٿي نٿو سگهي.“

”ڇو؟“ هن تعجب مان پڇيو.

مون ڪنڌ هيٺ ڪري ڪيس چيو، ”ڇاڪاڻ ته آءٌ تنهنجي والد جي وهاريل سرت آهيان.“

قدم پٺيان هٽي، هُو ڪرسيءَ تي ويهي رهيو. سندس اکيون بند ٿي ويون. گهڙي ڪن رکي، هن چيو، ”مونکي سمجهڻ کپندو هو. ڪامدار جڏهن ٻڌايو ته ديري جي سرپرائي تنهنجن هٿن ۾ آهي، تڏهن ئي مونکي سمجهڻ کپندو هو. همت سيني ڪان تنهنجي مهت مٿي هٽڻ جو اِهوئي ڪارڻ ٿي سگهي ٿو.“ ٿوري دير رکي، چيائين، ”پر بابو ته بستري داخل آهي. ڊاڪٽر سندس وري سٺين لڳين ٿيڻ جي اُميد ڪانه ٿا ڏيکارين. صبح جو آءٌ اُتان ٿيندو آيو آهيان. پوءِ تنهنجو همت ڇا ٿيندو؟ تون پنهنجي جواني اهيئنئين تباهه ڪرڻ ٿي چاهين؟ آءٌ اَڃا به توکي چاهيان ٿو. توکي ڏسڻ سان پن سالن واري جهوني ٽڙق وري منهنجي تن ۾ اُٿي ٿي. محبت جي ميدان ۾ تون منهنجو پهريون آزمودو هئينءَ. پيا سڀ آزمودا انهيءَ جو دُور ئي هئا. نه، نه، حليما، آءٌ توکي ڪڏهن به ڇڏي نٿو سگهان — ابي جان جي لاءِ به نه.“

مون ڏاڍي نهر سان ڪيس چيو، ”پيءُ جي لڳ

يڪدم اُتي، آهستي آهستي، ٻئا آواز، در کوليم. ٻاهر رحمان بيٺو هو. سندس چهري تي انتظاريءَ جا چنهه منهن اونداهيءَ ۾ به نمودار هئا ۽ سندس منهن کنهن محڪم ارادي کان گنڀير ۽ سيٺيل پئي ڏٺو. ويجهو اچي، هن منهنجو هٿ پڪڙيو، ۽ پٺڪي ۾ منهنجي ڪن ۾ چيو، ”حليما، آءٌ توکي وٺي هلڻ لاءِ آيو آهيان.“

مون ڪانئس اين ڪو نه پڇيو، ”ڪيڏانهن؟“ قسمت اسانکي سڏي رهي هئي. انهيءَ ازل کان اُٿيل آواز جو پڙاڏو اسين پئي ٻڌي رهيا هئاسين. انهيءَ ۾ هڪ قسم جي مجبوري هئي. ائين پئي پئي ڀاسيو ته اسان ٻنهي جا پير ڪنهن دُور دراز سفر لاءِ کڄي بيٺا هئا ۽ قدرت جون ڪي اَلکيون طاقتون اَسان کي پنيان ڌڪي رهيون هيون. هٿ ۾ ڀرڻ جي هٿ ۾، مون پاڻ ۾ هڪ عميق اعتقاد جو جذبو محسوس ڪيو، ۽ زندگيءَ جا سڀ ڀرم، پوءِ ۽ پولا اُنهيءَ عظيم گهڙيءَ گذشته جي ظلمات ۾ غائب ٿي ويا؛ ۽ انهيءَ ڏينهن سنجها جي منهن اونداهيءَ ۾ مون پنهنجي ڏکن ڏٺيءَ زندگيءَ جي نئين پرهه ڦٽندي ڏٺي.

دل ۾ اُنهيءَ نئين پريات جو اُهاءُ کڻي، آءٌ رحمان سان گڏ ديري مان نڪري ٻاهر آيس. مون هڪ ٻگهو ساهه کنيو. منهنجي رڳ رڳ، اَنگ اَنگ، هڪ نئين

سنڌس انهيءَ سوال جو جواب مون سڌو ڏيڻ واجب نه سمجهيو. مون ڪيس ائين ڪين چيو ته مون کي سنڌس لاءِ ازحد نفرت هئي، ته هو منهنجي زندگيءَ جي بربادي‌ءَ جو مُول ڪارڻ هو، ته هن مونکي مِٽن مائٽن هوندي نِڌڻڪو بنايو هو. مون سلامتيءَ جي راند کيلڻ تي گهري. ڇا لاءِ سلامتي؟ او، مان ڪهڙي نه ڳهيلي هيس! عورت سلامتيءَ لاءِ ڇا نه ڇا قربان ڪريو ڇڏي! انهيءَ سلامتيءَ جي بازي کيلڻ لاءِ منهنجي همت ۾ هڪ أي تاڪي وڃي رهي هئي. مون انهيءَ جو فائدو وٺڻ چاهيو. کيس چيم، "آءٌ چاهيان ها ته اڄ تنهنجي ماءُ هجان ها — البت مائيجي."

اهو ٻڌي، هنجي وات مان اَروڪ ٽهڪ نڪري ويو. هو ڪو وقت ٽهڪ ڏيندو کلندو رهيو. نيٺ، جڏهن کل بند ٿيس، تڏهن نهايت ٿڪل آواز ۾ چيائين، "خير، آءٌ هينئر ڏاڍو ٿڪل آهيان. انهن سڀني ڳالهين جو فيصلو اَڄ رات جو ڪنداسين. هينئر وڃي سمهان ٿو."

ائين چئي هو اوطاق مان ٻاهر نڪري ويو.

سنجها جون سرخيون راتڙيءَ پنهنجن ڪارن ڪارن ڪپڙن سان ڍڪيون مس ته منهنجي ڪمري جي ٻاهرين دروازي تي هڪ نهايت جهيڻو ڪڙڪو ٿيو. ائين ڀانيم ته قسمت مونکي ڀڻڪي ۾ سڏي رهي آهي.

دروازو کليو. اندر هڪ جهيٽي بتي ٻري رهي، هتي اسين لنگهي اندر تياسين، ۽ رحمان جي چاچي در وري بند ڪري ڇڏيو. چاچي مون تي هڪ نظر اُڇلي جا مون کي ننهن کان چوٽيءَ تائين جاچي ويئي؛ پوءِ رحمان ڏي منهن ڪري ڪند ڏوٽيائين، ۽ چيائين، "سڀ بندوبست ڪري ڇڏيو اَٿم. قاضي صاحب اَندر ستو پيو آهي. توهين ٻئي ڪلاڪ ٻه آرام ڪري وٺو. پوءِ کيس اُٿاري..."

رحمان اُتي ئي ڪپي چيس، "نه، اسان کي آرام جي ضرورت ڪانهي. قاضيءَ کي اُٿاريو. وڏيري جا گهوڙا شايد اونداهي طبيلن مان نڪري، سنجهي، اسان جي ڪِڏ پٺيان چڪا آهن. شيطان جا دُوت اچي رسن تنهن کان اَڳيئي ڪم پورو ٿيڻ گهرجي."

توهانکي شايد اهو پڙهي عجب لڳي ته انهيءَ نئين ڪيفيت مون کي ذرو به تپرس ۾ ڪونه وڌو. مون ائين پاتيو ته سڀ ڪجهه جڻن ٿيڻ گهرجي تئن ئي ٿي رهيو هو.

چاچو وڃي قاضيءَ کي اُٿاري وٺي آيو. قاضيءَ اکيون مهٽيندي رحمان کان پڇيو، "نينگر اڳيئي وريتي ته ڪانهي؟"

هن محڪم نوع ۾ وراڻيو، "نه."

نڪاح جي رسم شروع ٿي.

تقويت سان ڀرجي ويو. ڪيترن جي وسيع ڪلي ۾ اچي، مون ائين ڀانيو ته قبر جي قيد مان نڪري وري جيئرن جي جڳت ۾ واپس وري آهيان. اها قيامت هئي، وري جيئرو ٿــي اُٿڻ هو. آسمان ۾ تارا ٽمڪي رهيا هئا— اونداهي رات جا روشن تارا، جن جـي دل، ائين ڀانيم، اسانجي سلامتيءَ لاءِ دُڪ دُڪ ڪري رهي هئي. اهـو خيال اچڻ سان منهنجي چپن تي مشڪ آئــي. هن وسيع، تارن سان جهڳمڳيل ڪائنات سان پنهنجائي محسوس ڪئــي ۽ اهو احساس منهنجي دل جي گهرائين ۾ گهڙي ويو ته هن اَٿاهه آسمان جي ساهي هيٺ آءٌ سدا سلامت آهيان.

اسين ٽڪرو ٽڪرو پنڌ ڪندا وياسين. مون کـي سڌ ڪانه هئي ته رحمان مون کي ڪيڏانهن وٺي پئي ويو، تـه سندس من ۾ ڪهڙي تجويز هئي. منهنجي دل ۾ هن لاءِ اَکنڊ اعتقاد هو، جو ئي مونکي اَڄ رات هن جو همقدم همراهه بڻائي رهيو هو.

ڪن ڪلاڪن جي ڪهه ڪان پوءِ، اسان کي پريان ڪا روشني ڏسڻ ۾ آئـي. اسين انهيءَ ڏانهن ڪهندا وياسين. نيٺ، پريان ڪن تورين جهوپڙين جو اونداهو آڪار ڏسڻ ۾ آيو. رحمان پهرئين جهوپـڙيءَ جـو در کڙڪايو. اندران ڪنهن آهستو پڇيو: "ڪير آهي؟"

"رحمان، چاچا،" هن وراڻيو.

هڪ ڀراٽو ٽڪڙو ۽ هڪ ميرو وهاڻو — اهي هئي منهنجي سيج. رحمان ٻه منهنجي ڀرسان اچي ليٽيو. مون کيس ڇڪي ڀاڪر ۾ ڪٽي ڀڪيڙيو، ۽ انهيءَ دم مون کي گهري ننڊ اچي ويئي — بي فڪر ۽ اجهاڳ.

”حليما، اڄ اِتي ئي ڇڏ،“ نوروءَ ماءُ کيس ڳراهٽڙي پائيندي چيو، ”رات گهڻي گذري چڪي آهي. اڄ سڀو ڏينهن پاڻ پتوڙيو اٿيئي. اٿ، هلي آرام ڪر.“

حليما پنهنجو ڳل نوروءَ ماءُ جي ڳل سان ملائيندي چيو، ”ڪاش! مون کي تو جهڙي ماءُ هجي ها.“

”ماءُ نه آهيانءِ ته ڇا آهيانءِ؟“ نوروءَ ماءُ ڪومل سر ۾ چيو، ”هاڻ اُٿ ته هلي سمهون.“

حليما اُٿي. نوروءَ ماءُ کي هٿ کان وٺي اُٿاريائين، ۽ کيس ڳراهٽڙي پائي اندر وٺي ويئي.

نورو سوڪم ستيه جو هي مشاهدو ڏسي گد گد ٿيو ۽ هڪڙي اُٿڻي، اٽلڪي اميد سندس سڄي سيني ۾ اُٿي ۽ ڪن پر ۾ وري منهن ڍڪي سمهي پيئي. ***

هيءَ منهنجي آزاديءَ جي رات منهنجي سهاڳ جي رات ٿي. ٻه ستارا آسمان جي سرد، اَٿاهه مفاصلن تان سفر ڪندا پاڻ ۾ مليا، ۽ هڪ ٻئي کي نابود ڪرڻ جي بدران هڪ ٻئي سان مليا، هڪ ٻئي سان لپٽجي، هڪ ٿي ويا، ۽ سندن يڪوجوديءَ ٻيڻي سيتل تجلي سان آسمان جي گهور انڌاري ۾ اُجالو ڪري ڇڏيو. هيءَ ڪيڏي نه خوش نصيبي هئي! ڪيڏي نه وڏي نعمت! منهنجي هردي جي رڳ رڳ مسرت سان لرزي رهي هئي ۽ منهنجو سر شڪرگذاريءَ کان جهڪي ويو. رحمان خدا جي رحم جي نشاني ٿي، منهنجي زندگيءَ ۾ آيو، مون ڏاتار جو ڏاڻ ڄاڻي ڪيس قبوليو، ۽ منهنجي اڌوري جيون اَڄ سڦلي ٿي وئي.

نڪاح جي رسم پوري ٿي. قاضي صاحب ۽ چاچو جان اُٿي اندرئين ڪمري ۾ ويا. رحمان منهنجي منهن ۾ نهاري مشڪيو، ۽ چيو، "حليما، هاڻ اسان کي دنيا جي ڪابه طاقت جدا نٿي ڪري سگهي."

مون سندس هٿ دٻائي، ورندو مشڪيو، ۽ اَپار خوشيءَ سان گڏگڏ ٿيندي مون هڪ اُباسي ڏني.

رحمان جو منهن انتظار جي سايي سان گنڀير ٿي ويو. هن پنهنجي ٻانهن منهنجي ڪمر ۾ وجهي چيو، "تون ته ڏاڍي ٿڪل آهين، حليما. اَڄ، تورو سمهي آرام ڪر. صبح جو سويل، پره ڦٽيءَ کان اڳي، هتان اُسهڻو آهي."

"قادر اُنهيءَ ڳوٺ جي زميندار جو ڪمدار آهي،"
حليما ٻڌايس. "هن جي همدردي هارين سان آهي.
هوُ سماجوادي ويچارن جو آهي. جيتوڻيڪ ڪمدار
هئڻ ڪري هو ظاهر ظهور اسانجو طرفدار ٿي نٿو سگهي،
تہ بہ اسانکي هر نموني مدد ڪندو رهي ٿو. انهيءَ
ڳوٺ ۾ هارين جي جماعت ٺاهڻ ۾ هن اَسان جي
هر ڪنهن نموني واهر ڪئي آهي. پندرهن ڏينهن ٿيا
تہ هارين زميندار کي ٻٽي جي حصي وٺڻ لاءِ
استدعا ڪئي. زميندار سندس رخ ڏاڍي ۽ ملڪ جي
فضا ڏسي، ڪين ٿورن ڏينهن ۾ پنهنجي فيصلي ظاهر
ڪرڻ جو آسرو ڏنو. نچاڻان هن ڪا سازش سٽي آهي.
هارين جي متحد محاذ کي قائم رکڻو آهي."

"پوءِ تون اَڄ ئي رات ويندينءَ؟" هن ڪانئس
پڇيو.

"نہ، آءٌ وڃي نٿي سگهان. هتي جو ڪم مونکي
روڪي رهيو آهي. مزدورن ۽ ڪسانن جي گڏيل محاذ
ٺاهڻ جو عين موقعو ڇڏي، آءٌ ڪٿي بہ وڃي نٿي
سگهان، ٻئي ڪنهنکي ئي وڃڻو پوندو."

"آءٌ هوند خوشيءَ سان وڃان،" رمضوءَ چيو، "پر
منهنجو لخت - جگر اوچتو تپجي پيو آهي."

حليما خيال ۾ پئجي ويئي. نيٺ چيائين، "تہ پوءِ

رمضو، قادر سان، واهه جي ڪئمپ تي، اڄ وڃ ڪري رهيو هو. هو ڪنهنجي انتظار ۾ ٿي ڏٺو. رکي رکي سندس نظر ويجهي گس ڏانهن ٿي وئي، جنهن تي وارين ٻنين مان لنگهي واهه وٽ اچي ٿي ڇيهه ڪيو. سندس منهن ۾ فڪرات ڀرڻ هئي. هو پنهنجو پنجن ورهين جو ڪڪو ٽپ ۾ ورتل ڇڏي آيو هو. اُنهيءَ ڪرفيو واري ڏينهن ئي ڪيس ٽپ آيو هو. سانجهيءَ جو جڏهن هو سڀ ڪم پورو ڪري گهر موٽيو، تڏهن ڏنائين ته ٻينگر غش ۾ پيو هو ۽ بخار جا ٻڪ پئي ٻوليس. ٻ وڳي وڃي ڊاڪٽر کي وٺي آيو هو جو مريض جي حالت ڏسي، چئي ويو هو، "فڪر جو ڪو سبب ڪونهي. رواجي ٽپ وڏي شدت سان آيو اٿس. ڏينهن ٻن ۾ لهي ويندس." رمضوءَ دوا آڻي ڪيس پياري ۽ اُنهيءَ ڏينهن هو ٽل ڪولڙ جو ويچار لاهي سندس پير ۾ ويٺو رهيو. رات جو نوين ٻجي حليما وٽس آئي ۽ ڪيس هٿ ۾ تار ڏنائين. تار قادر وٽان آئي هئي. هن صرف لکيو هو، "يڪدم اچ."

ٽڪرات هڪ مشڪ ۾ بدلجي ويئي. حليما جو ساڄو هٿ پنهنجي هٿ ۾ کڻي، هن شوق سان چيو، "حليما، آءٌ ويندس. ڪٿي نه ويندس؟ هو غريب الائي ڪهڙيءَ ماجرا ۾ آهن. زميندار الائي ڪهڙي ڄار سندن لاءِ پکيڙي آهي. مٿانئن الائي ڪهڙي مصيبت نازل ٿئي. اُئين آءٌ هٿ، خدا جي اَپار رحمت کي وساري، هٿ ٻڌي ويهڻ ٿو چاهيان!"

"ڪڪي جو خيال نه ڪر،" حليما دلداريءَ جي نوع ۾ چيس، "آءٌ ٿي سندس سار سنڀال لهنديس. خدا ڪندو ته تون موٽي اچي ڪيس نه فقط چڱو ڀلو ڏسندين، پر ٿلهو، ڳاڙهو ڏسندين."

"تون ئي خدا جي رحمت ٿيندي، حليما. تون اسان ۾ نئين جان آڻيو ڇڏين ۽ اسانجون سڀئي طاقتون وري جاڳايو، اُنهن کي هن عظيم الشان سپني کي ساڀيا بڻائڻ لاءِ بي چين ڪريو ڇڏين. پر تو کي دقت وٺڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. ڪڪي جي ماءُ ڪانه ويٺي آهي؟ هميشه هن ئي ته سندس پرگهور لڌي ۽ سار سنڀال ڪئي آهي. آءٌ ته گويا هڪ پکي آهيان جو رات جو هن آرام پرڻي آشياني ۾ رات جا چار پهر گهاري، اُسر ٿيڻ سان پنهنجا پر پکيڙي اُڏاميو وڃي. هن جي جڳري ته هنجي جاءِ ڪو ٿو ورتي سگهي. حليما، تون اَجا ڪيس ڏٺي ڪانه آهين. هوءَ جهڙيائي حليم آهي تهڙيائي هولناڪ—

نوروءَ کي اِي موڪلي ڏجي. ٻيا ڪم ڪندڙ ته
اڳيئي روانا ٿي چڪا هوندا."

نوروءَ جو نالو ٻڌي، رمضوءَ ڪنڌ ڌوڻيو. "نورو
پروپيگنڊا ۽ رهبريءَ جي ڪم جي ڄاڻ جو نه ٿيندو،
خاص ڪري جڏهن هتي ممڻ مچڻ جو امڪان آهي.
هُو اُنهن سولجرن مان ناهي جي سپه سالار جي غير حاضريءَ
۾ دشمن جي اوچتي حملي تي، لشڪر جي انتظام
جون واڳون يڪدم پنهنجي هٿ ۾ ڪري، هنجو مقابلو
ڪن ۽ هن تي غالب پون، جي اهڙيءَ حالت ۾
سولجرن ۾ نئون روح ۽ نئين جان ڦوڪين ۽ اُنهن کي
دشمن جي ڌڪن ۽ وسندڙ باهه هيٺ، منظم ٿي،
مقابلي ڪرڻ لاءِ پنهنجي شخصيت جي زور سان
مجبور ڪن. نه، نه، حليما. اَسان جو نورو صرف
سولجر آهي، وفادار ۽ ثابت قدم — سادو سودو سولجر،
جو حڪم ملڻ سان پنهنجي جان نثار ڪري سگهي ٿو.
هن کان اهو ڪم نه ٿي سگهندو، حليما."

"ته پوءِ ڇا ڪجي؟" حليما پڇيو. ٿورو سوچي
چيائين، "ته پوءِ مونکي اِي هيءُ وڏو ڪم ڇڏي،
اوڏانهن وڃڻو پوندو. هنن جو سڏ اونائڻ ۾ دير وجهي
نٿي سگهجي."

"ها، هنن جو سڏ اونائڻ ۾ دير وجهي نٿي سگهجي،"
رمضوءَ سوچيندي چيو. اوچتو سندس منهن جي

"اهو هنجي اُبر محبت جو معجزو آهي،" حليما چيو.

"آءٌ اهو سڀ سمجهان ٿو، حليما،" رمضو البت ٻي ڇپڻ سر ۾ چيو: "پر هوءَ اڃا به مون کي پيار ڇو ٿي سمجهي؟"

حليما اُٿي، سندس ڪلهي تي هٿ رکيو. هن جي اکين ۾ لڙڪ بيهي، جرڪي رهيا هئا. هن جو آواز ڪوملتا جي انهيءَ منزل تي پهتو جنهن جي ڪلپنا به نٿي ڪري سگهجي. هن چيو، "رمضو، عورت جي محبت جڏهن بدلجي ماءُ جي صورت وٺي ٿي، تڏهن ئي اُها پنهنجو پاڻ ۾ سر اَنجامي پائي ٿي. اها ڳالهه تون شايد نه سمجهين، ليڪن آءٌ توکي يقين ٿي ڏيان ته معاشرتي زندگيءَ ۾ انهيءَ کان وڏو يا بهتر سچ ٻيو ڪونهي. انهيءَ ڪري تون پنهنجي خوش نصيبيءَ تي خفي نه ٿي. خدا جو شڪر ڪر. انهيءَ کان وڏي رحمت ڪهڙي ٿي ٿي سگهي؟"

... ... ...

حليما جو گنڀير چهرو، هن جون ڳوڙهن - ڀنل اکيون، ۽ سندس ڪومل، دک - ڳاڙهڙ آواز — واهه جي ڪپ تي پسار ڪندي، رمضوءَ انهن ياڻيو ته اهو مشاهدو هو آخرين گهڙيءَ تائين سينڌي ۾ هڪ پاڪ وَٽ جيان

پنهنجن حقن جي حفاظت ۾ هوءَ سڏ ٻڌندڙ جهڙي درگا ديوي آهي — پينڪر."

حليما مشڪي کيس چيو، "آءٌ ساڻس گڏيل آهيان. اسان ٻنهي هڪ ٻئي جا ڳوڙها اُگهيا آهن. رمضو، هوءَ بيحد سڀاجهي آهي. سندس دل ازحد ڪومل آهي."

"پر تون کيس گڏينءَ ڪٿي؟" رمضوءَ تپوس مان پڇيو.

"اڄ جڏهن تون سندس برقعو پائي ٻاهر وئين،" حليما مشڪندي چيو، "تڏهن هوءَ هيٺ لهي آئي — اهو ڏسڻ لاءِ ته ڪهڙي ماجرا هئي جنهن توکي سندس برقعي اُڌاري وٺڻ لاءِ مجبور ڪيو هو. رمضو، تون اهڙو ته سنگدل آهين جو کيس ڪجهه به ٻڌائڻ کان سواءِ سندس برقعو کڻي آئين! تنهنجي وڃڻ کانپوءِ سندس حالت ته ڏسين ها! جنسي ڳيچ ڳاڙڻ لڳي."

رمضوءَ مشڪندي چيو، "جي آءٌ کيس ٻڌايان ها ته تون سمجهين ٿي ته هوءَ مونکي گهر کان ٻاهر پير ڪڍڻ ڏئي ها؟ حليما، توکي خبر ناهي، پر اها حقيقت آهي ته منهنجي سنڀال ۽ حفاظت جو ڪم هن پاڻمرادو پنهنجي سر تي کڻي ورتو آهي. انهيءَ ڪري جو ڏک ۽ پيڙا هوءَ سهي ٿي سي تنهن ۾ ٻه ڪو باريڪ سڪ ٿو ڏسجي جو کيس هيل تائين جهٽو رکندو آيو آهي."

ٿون اسان کي سڄي ڳالهه پيرائتي ڪري ٻڌاءِ تہ اسين سوچيون تہ واقعي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي."

جوش هٽي گلوءَ جي دماغ جي ورتي ٻانواٻ ول ڪري ڇڏي هئي. هن پاڻ تي ضابطو آڻڻ جي ڪوشش ڪندي چيو، "رفيق، حقيقت هيءَ آهي تہ زميندار رت - چوسڻ جي اباڻي عادت ڇڏڻ لاءِ تيار ناهي. آءٌ عثمان سان گڏ وٽس ويس. اڄ ٿي تہ ڪيس اسانجي گهرن جو جواب ڏنو هو. اسان کي هن تائين پهچڻ بہ نہ ڏنو ويو. پوليس جو صوبيدار وٽي اسان جي اڳيان آيو ۽ ٽوپلو لاهي، نرڙ تان پگهر اُگهندي، چيائين، "زميندار ڪنهن سان ملڻ نٿو چاهي. توهان کي جيڪي چوڻو هجي سو مونکي چئو." مون چيس، "اڄ زميندار کي اسانجي گهرن جو جواب ڏنو آهي. اسين انهيءَ لاءِ وٽس آيا آهيون." صوبيدار صاحب چيو، "زمين هنجي آهي. هو جيڪي چاهيندو سوئي ڏيندو." عثمان چيس، "تہ پوءِ زمين ڪيڙي بہ پاڻ." بس، صوبيدار غصي ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. چيائين، "توهانجو ايڏو ساهس؟ ايڏي همت؟ توهان کي ڪميونسٽن ئي ڇيڙيو آهي. آءٌ اوهان کي ڏسي وٺندس." مون کيس ڏاڍي نهر سان چيو، "ڀلي ڏسي وٺجو. پر اول زميندار سان اسان کي گڏجڻ ڏيو. آخر فيصلو تہ هو ئي ڪندو." هن گرجندي چيو، "تہ پوءِ آءٌ هتي ڇا جي لاءِ آهيان؟"

سانديي رکندو. برابر، جيڪي حليما چيو هو سو هو
سمجهي نٿي سگهيو، ليڪن جي اهو تحقيق سچ هو
ته پوءِ انهيءَ جي عظمت اڳيان انسان جو سر جهڪي
ٿي ويو.

قادر جو آواز سندس ڪنن تي پيو. هو چٽي رهيو
هو، "گلو اچي ويو." هن ٻنهي ڏانهن نهاريو ۽ گلوءَ
کي تڪڙو تڪڙو ايندو ڏٺائين.

جڏهن هو وٽن پهتو، تڏهن سندس منهن پر نهارڻ
سان ئي هو سمجهي ويو ته زميندار ڪنهن به ناهه تي
نه آيو هو. گلوءَ جي منهن پر جوش ۽ محڪمتا ٻئي
نمودار هئا.

"ڇا ٿيو؟" قادر پڇيس.

"ڇا ٿيندو؟" گلوءَ جوش مان چيو. "هينئر ته
مري مٽجڻ جي نوبت اچي بڻي آهي. ڳوٺ پر هٿيار بند
پوليس اچي ويٺي آهي. زميندار خوب سندن رسائي
ڪري رهيو آهي."

"پر ته زميندار جواب ڪهڙو ڏنو؟" قادر سوال
ڪيو.

"سندس جواب پوليس جي بندوقن ۽ سنگينن
جي نمائش ڏيئي رهي آهي. هو ڪنهن جي ڳالهه
ٻڌڻ لاءِ، ڪنهن سان به بحث ڪرڻ لاءِ تيار ناهي."

ڪن پل جي ماٺ ڪان پوءِ، رمضوءَ چيو، "ادا گلو،

اُنبارن ۾ رکيو آهي. اڃا ٻنهي تي ڪانهي. اسين پنهنجو حصو هن خونخوار خبيث جي آسري ڇڏي، هجرت ڪريون! نه، نه. اسان مان ڪو به اهڙي ڳالهه ڪين قبوليندو.“

”تنهنجو دليل ٺيڪ آهي،“ رمضوءَ ورائيو، ”پر تنهنجو فيصلو ٺيڪ ناهي. توهين پنهنجا لازمي حق ڇڏڻ کان سواءِ — زمين تي حق، گهرن تي حق ۽ ٻنهيءَ جو حق — ٿوري وقت لاءِ زميداريءَ کان ٻاهر وڃي سگهو ٿا. زندگيءَ ۾ آدرش به ته ڪا ڳالهه آهي. انهيءَ لاءِ قرباني ڪرڻي ٿي پوي — نه صرف جان جي قرباني، پر مال اسباب جي قرباني، پورهئي جي ڦل جي قرباني.“

گلو ڪجهه وقت ماٺ ٿي ويو. هن جو جوش ڀرو ٿي ويو هو. زميندار جي ڪٺورتا ۽ ڪانئرتا گڏجي هڪ نئين ڪيفيت پيدا ڪئي هئي، جنهن کي سوچ ۽ بردباريءَ سان منهن ڏيڻو هو. سندس آخرين فيصلي تي سوين هزارين هارين ۽ اُنهن جي ٻارن ٻچن جي زندگيءَ جو دارومدار هو. هو اُنهن بيوس گونگن جو رهبر هو. هن تي وڏي جوابداري هئي. ڇا، هو هنن جي جان سان کيلي سگهيو ٿي؟ هن اَڄ محسوس ڪيو ته هن ڪيڏو نه بار پنهنجن ڪلهن تي کنيو هو ۽ سندس ڪلها ڪهڙا نه ڪمزور هئا. جنب جا ٻئي پڙ ڳورا لڳس.

مون ٺهڻتي چئي ڏنس، "توهين ته هت سندس رسائيءَ جو رس وٺڻ آيا آهيو." بس اِهو ٻڌي، هو آٻي مان نڪري ويو. وهلور وڃي، جيڪو ڪن هن ڏٺيو سو ڪو به نيڪ انسان پنهنجي زبان سان ڏهرائي نٿو سگهي."

"مونکي اهڙوئي شڪ هو،" قادر چيو، "زميندار سڀ پڇ ته ٻڌي ويو آهي. پوليس جي هٿان هلي وڃي ته جيڪر ناهه ٿي وڃي."

"پر پوليس ڪي به ته پاڻ گهرايو آئس،" گلوءَ جوش مان چيو، "هيلتائين اسانجو رت پيئي چوسيو اٿس. هاڻ ڪليو ڪلايو اسانجي جان وٺندو. وري به ته سندس ٻني ٿي اسانجي خون سان پلي تيندي،" هن چيندڙ ٺٺوليءَ سان چيو.

رمضوءَ نهايت سنجيدي نوع ۾ چيو، "اسان کي اهڙو بندوبست ڪرڻ گهرجي جو رتوڇاڻ نه ٿئي."

"پر چرچ هنن وٽان شروع ٿيندي،" گلوءَ چيو، "هو پنهنجي لاءِ موقعو ڳوليندا ڪين، هو موقعو بنائڻ ۾ ويرم ئي ڪونه ڪندا."

"مونکي هڪڙي تجويز خيال ۾ اچي ٿي،" رمضوءَ پنهنجي ڳالهه جو سلسلو جاري رکندي چيو، "سڀئي هاري آل عيال سان هجرت ڪن."

"رفيق، تون ڇئين چاتو؟" گلوءَ چيو، "آن اٿيو

آيو. وڏن پڇڻ سان واڪو ڪري چيائين، ”ڦر ٿي ويو! ڦر ٿي ويو! رهزن مائي زليخا کي ماري ويا!“

نينگر حيران ٿي، هنجي منهن ۾ نهارڻ لڳا. ننهي کي هٿن ماٿ ۾ پاڻ ڏانهن نهاريندو ڏسي، هن ڀانيو ته شايد سندس ڳالهه تي اعتبار نٿي ڪيائون، سو چيائين، ”آءٌ سچ ٿو چوان، اکين ڏٺي ڳالهه ٿو ڪريان.“

”پر اهو سڀ ٿيو ڪيئن؟“ گلوءَ ڪانئس پڇيو.

”زميندار شهر مان لارين ۽ درجن مزورن جو گهرايو آهي — ان پوئڻ لاءِ. بس، اڄ ڪلاڪ کن ٿيندو جو هڪ لاري چار پنج مزور ۽ چار پنج سپاهي کڻي اچي ٻنيءَ ۾ وارد ٿي. شفيءَ جو اَن لٽي انبار ناهي رکيو هو، تنهن وٽ اَچي بيهڪ ڪيائين. شفي ته گهر ڪونه هو. سندس ٻڍي ماءُ زليخا ٻاهر نڪري آئي ۽ هنن کي اَن ٻنڌي ٿيڻ کان سواءِ کڻندو ڏسي، سندن سامهون ٿي بيٺي. چي اوهان کي ٻنڌي ٿيڻ کان سواءِ اَن کڻڻ جو ڪهڙو حق آهي؟ هڪ سپاهي وڌي سندس سامهون آيو ۽ بندوق جي سنگين سندس سيني تي رکي چيائين، ”هتان هٽي وڃ.“ مائي زليخا چيس، ”بابا، هي اسان جي پورهئي جي پيدائش آهي. ڇا اسانکي بک مارڻو اٿو؟ نه، نه، آءٌ توهان کي اَن جو هڪ ڪڻو به کڻڻ ڪونه ڏينديس.“ هيئنر اوسي پاسي کان هاري اَچي ڪٺا ٿيڻ لڳا. پريان صوبيدار به ٽپا ڇو

هن چاهيو ته ڪو اُچي سنڌ س ڪلهن تان هيءُ جوابداريءَ جو بار ڪڍي وٺي.

”توهين ننڍا ڀائيو ته ائين ڪرڻ سان هنن غريبن ٻيو سن جو اڳو تڪڙ ناس ٿي ويندو؟“ هن رمضوءَ قادر کي مخاطب ٿي چيو.

”آءٌ ننڍو ڀانيان،“ رمضوءَ وراڻيو، ”ڏس، گلو، اول ۾ اول اسان کي هارين جي همت ۽ هنن جو اُتساهه قائم رکڻا آهن. اسان کي ڏسڻو آهي ته هنن کي ڪنهن به قسم جو هراس يا همت نه ٻنائي. هنن کي اڏول ۽ باهمت رکڻ جو هڪڙوئي طريقو آهي ته هو زميندار جي مخالفت ڪندا رهن ۽ هيسجي پيش نه پون. هاڻ جي اها مخالفت اڳوائيءَ جي صورت وٺندي، پوءِ ڪڏهن پوليس جي چرچ سان ائين ٿئي، ته پوءِ نه صرف رتو چاڻ ٿيندي، ليڪن امڪان آهي ته هارين جو سڄو محاذ ڪري اُچي پٽ پوي. ائين ٿيڻ سان اُسان جي هار ٿيندي.“

”ته پوءِ تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟“ گلوءَ پڇيو.

”منهنجي صلاح آهي ته توهين سڀ يڪوجود ٿي، هجرت ڪريو. ائين ڪرڻ سان توهان جي طاقت قائم رهندي ۽ زميندار کي آخر مڙڻوئي پوندو.“

”انشا الله! ائين ئي ٿيندو.“ گلوءَ چيو.

پر ائين نه ٿيو. هڪ جوان هاري ڏانهن ڏ ڪندو

ڇوڙيو. گولي سڌي زليخا جي سيني مان پار لنگهي ويئي. هوءَ اُن جي اَنبار تي ڪري پيئي ۽ سندس رت وهي بادامي رنگ ڪڻڪ کي ريٽو ڪرڻ لڳو. سيني جون اکيون انهيءَ پڪڙنڌڙ ريٽي تي هيون ته شفي انبوهه مان رستو ڪري، ماڻهن جي پرسان اَچي بيٺو. هن جو سگهارو جسم ڏکيو پئي ۽ سندس اکين ۾ ڳوڙها ڳڙڻ کان سواءِ بيٺا هئا. هن او چتو صوبيدار ڏانهن مڙي هنجي منهن تي اهڙو گهوُسو ٺڪاءُ ڪيو، جو هوُ ڳولاٽي کائي پٽ تي ڪري پيو، ۽ بيهوش ٿي ويو. هي حادثا اهڙيءَ ته جلدائيءَ سان ٿيا جو اسين سڀ حيران رهجي وياسين. او چتو مون کي تنهنجي يادگيري پيئي،" هن گلوءَ کي مخاطب ٿي، چيو، "مون چوڌاري نهاري ڏٺو ته تون اُتي ڪونه هئين. اتي غفور اچي مونکي ٻانهن کان جهليو ۽ پاسيرو وٺي، چيائينم، 'گلو واهه جي ڪئمپ تي صلاح مصلحت لاءِ ويو آهي. ٻوڙ، ڪيس سڄي حقيقت مان واقف ڪر.' بس، پوءِ ته ٻوڙندو توهان وٽ آيو آهيان.'"

لڙائي، پنهنجي اُگهاڙي تشدد سان، شروع ٿي ويئي هئي. رمضوءَ کي تشدد کان اَصل نفرت هئي؛ هن سائنٽيفڪ انقلاب آڻڻ ٿي چاهيو. سماجواد جو مطلب صرف اقتصادي هڪجهڙائي ڪين هو. سماجواد نون انسانن، بهتر انسانن، ناهڻ جو واهڻ هو. انسان جي

لوڏيندو ٽڪرو ٽڪرو ٿي آيو. سپاهيءَ مائي زليخا
کي چيو، "آءٌ چوان ٿو ته هٽان هٽي وڃ." مائي زليخا
ڳالهه اوچو ڪري چيس، "پر، مٺا، تون آهين ڪير
جو مونکي پنهنجي ملڪيت، پنهنجي رزق سنڀالڻ
کان روڪين ٿو؟" ۽ هن هٿ جو جهٽڪو ڏيئي،
سپاهيءَ جي بندوق کڻي پري ڪئي. اوچتي جهٽڪي
اچڻ سان بندوق سپاهيءَ جي هٿن مان ڇڏائجي وڃي
پٽ تي ڪري، جا زليخا جو ٻارهن ورهين جو پوٽو
جهٽ وجهي اُٿي کڻي ڀڳو. سپاهي سندس ڪيڏ پيو.
هاڻ صوبيدار به اچي پهتو. هن ڪڙڪو ڪري پڇيو،
"ڇا آهي؟" هڪ سپاهيءَ ٻڌايس ته مائي زليخا ڪين
هٽان اُن پوئڻ نٿي ڏنو. صوبيدار زليخا کي مخاطب
ٿي چيو، "اي باغي عورت، ڇا توکي پنهنجي جان
پياري ناهي؟" زليخا چيس، "پنهنجي جان کان مونکي
پنهنجن ٻچن جي جان پياري آهي." صوبيدار پنهنجن
سپاهين کي حڪم ڏنو، "هن کي ڌڪي دور ڪريو."
هارين جو هيلنائين انبوهه اچي مڙيو هو. انهن هڪ آواز
رڙ ڪئي، "خبردار" ۽ صوبيدار جي چوڌاري ڳاهٽ
تي اچڻ لڳا. صوبيدار گهٻرائجي، واڪو ڪري چيو،
"هٽي پري ٿيو نه ته گوليبازي ..." پر ڪيس جملي
پوري ڪرڻ جو وجهه ڪو نه مليو. ڪنهن ٻنيان ڪيس
ٻڪ وجهي جهليو. پر سندس هٿ آزاد هو. هن تپاڃو

ڪيو ته اهو پاڻ ۾ ايمان ڪافور ٿي ويو هوس. هن
رمضوءَ جي صلاح نيڪ سمجهي. هو رمضوءَ جي صلاح
سان شاهراهه هو، ليڪن جنهن سرزمين تي انهيءَ
فيصلي کي عمل ۾ آڻڻو هو، تنهن ڏانهن سندن پيرن
هلڻ کان پاڻئن ته ڪيپايو ٿي. هن انهيءَ نستائيءَ کي
ارادي جي پوري ڪوشش سان دٻائي ڇڏيو، ۽ هو
لنبن لنبن قدمن سان سرزمين ڏي ڪاهيندو ويو.

گلوءَ کي روانو ڪري ٻه رمضوءَ کي تسلي ڪانه ٿي
ته تشدد ۽ رتوڇاڻ ٽاري سگهبا. هن قادر کي مخاطب
ٿي چيو، "گل محمد جو هارين تي اثر آهي؟ هو ڪيئن
ضابطي ۾ رکي سگهندو؟"

"هنجي هنن تي ڪافي هلندي آهي،" قادر چيو،
"آءٌ پانيان ٿو ته هوءَ سندس صلاح ميڙيندا، جيئن ٽيڪ
کي لٺيون نهيءَ وارا وير ۽ بدلي لاءِ آتا هوندا. شفيءَ
کي جي پوليس گرفتار نه ڪيو هوندو ته هوءَ انهن کي
ضابطي ۾ آڻي سگهندو."

"پر شفي ته ضرور گرفتار ڪيو ويو هوندو،" رمضوءَ
بي تاب ٿي چيو، "تون مونکي زميندار وٽ وٺي هل.
هو تباهه ٿيڻ جي ڊپ کان پين کي تباهه ڪرڻ لاءِ تيار
ٿيو آهي. احمق اهو نٿو سمجهي ته اهوئي طريقو سڀ پنج
تباهه ٿيڻ جو آهي، ته سندس آسودگي سندس ماڻهن جي
آسودگيءَ تي منحصر آهي، خير، مونکي وٽس وٺي هل."

اندر ۾ اڪيچار سنئل طاقتون آهن جن کي موجوده سرمائيداري ماحول ۾ قوت ڦلڻ جو وجهه نه ٿو ملي ۽ انهيءَ ڪري انسان جي شخصيت پنهنجي ذاتي ڪماليت کي نٿي پهچي. موضوع جو اهو اٽل اعتقاد هو ته تشدد سان شايد سماجواد آڻي سگهجي، پر هيءُ اهم عظيم ڪارج — نوان، بهتر انسان بڻائڻ جو — پنهنجي رهجي ويندو. حيوانيت ۽ وحشانيت — اهي رجعت جا رستا هئا ۽ نه ترقيءَ جا، هن کي ويسهه هو. انهن جي ذريعي هو ڪڏهن به بهتر انسان بڻجي نٿو سگهي.

پر هيءُ وقت عمل جو هو. هنکي ڪجهه ڪرڻو هو. هن گلوءَ کي مخاطب ٿي چيو، "گل محمد، تنهنجو هٿن جي هارين تي ضابطو آهي. تون سندن اڳوان آهين. اڄ جيڪي هنن ڏٺو آهي تنهن جائي سندن رت ٽهڪايو هوندو. اهو سياويڪ آهي. پر، اسان تي جوابداري آهي. اسان کي ڪيئن به ڪري انهيءَ ٽهڪيل رت کي تشدد جي صورت وٺڻ کان بچائڻو آهي. تون هل. هلي هنن کي پنهنجن پنهنجن گهرن ڏانهن وڃڻ لاءِ چئُو. تيستر قادر ۽ آءٌ زميندار کي گڏجڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون."

گلوءَ جو هميشه پاڻ ۾ ايمان هوندو هو. جنهن ڳالهه جو فيصلو ڪندو هو تنهن کي عملي صورت ڏيڻ ۾ ڪڏهن به ڪين هٻڪندو هو. پر اڄ هن انهن محسوس

ٻاهرين دنيا ۾ اِجهو اِئين مرد فرق ٿي هلندو هو، ڄڻ جيان. ليڪن سندس خانگي عالم سارو ٻوڻ ۽ ٻرمن جي ٻوُتن سان ڀرپور هو. ٻاري ۾ ٻاري ٻوَ جو ڪيس سنائيندو هو سو هو هيڏي تيڙ جو. هن کي ڏپ هو ته هڪ ڏينهن اوچتوئي اوچتو هو نامرد ٿي پوندو. سندس آمدنيءَ جو گهڻو حصو ڪشتن ۽ معجونن جي ٻلي خرچ ٿيندو هو ۽ ڪيترائي ويد ۽ طبيب سندس سخاوت تي پيا پلبا هئا. هو ڪڏهن به اڪيلو نه سمهندو هو. رات جي اونداهي کيس حيران ۽ پريشان ڪندي هئي. جن ڀوُتن جو خيال کيس سدائين ستائيندو هو. ننڊ ۾ سپنا لهندو هو، جي کيس ڏيکاري سندس اکين مان ننڊ ڀڄائي ڪڍندا هئا. هڪڙو سپنو ور ور ڏيٺي کيس ايندو هو. هوُ ڏسندو هو ته کيس هڪ شاهي ڳجهه چنبن ۾ ڪٺي آسمان ۾ مٿي مٿي پيئي اُڏامي. کيس هيبت کرڻ جو ڏپ ٿيندو هو، پر ساڳئي وقت آسمان جي گهرائين ۾ اُڏامڻ سان سندس بدن ۾ مسرت جون باريڪ لرزشون ڊوڙنديون هيون ۽ هن جو سارو جسم هڪ برقي شعاع جيان جهلڪي اُٿندو هو! جڏهن اهو شعاع چوٽ پهچندو هو، تڏهن ناگاهه هو ڳجهه جي چنبن مان ڇڏائجي، هيٺ ڪرڻ لڳندو هو. سندس ساهه مٺ ۾، هوُ اکيون ڦاڙي، هيٺ زمين ڏانهن نهاريندو رهندو هو. زمين ويجهو، ويجهو پوندي

زميندار شيرخان صرف نالي ۾ شير هو. هن جي ذاتي طبيعت ۾ زنانو انگ جان تان سرسيرو هو ۽ انهيءَ کي لڪائڻ لاءِ هو ائين هلندو هو جو ڄڻ مردانگي عام مردن کان منجهس گهڻي هئي. پنهنجي مردانگيءَ جو ڍنڍورو ڄڻ ته کلهي تي کڻي پيو گهمندو هو، انهيءَ ٻين کان ته ڪو ان جي سچائيءَ ۾ شڪ نه آڻي. مردانگيءَ ڏيکارڻ جا هن کي ٻه رستا ئي سجهيا ٿي. هڪڙو هو نفسانيت جو، جا شهوت جو روپ وٺي سدائين نين پنين عورتن جي ڳولا ۾ هوندي هئي. هن کي نازڪ، نفيس عورتون پسند نه هيون. هن جو جوڙ انهن عورتن سان ٿيندو هو، هن کي اهي عورتون ڇڪينديون هيون، جن ۾ مرداڻو انگ زناني انگ کان سرس هوندو هو. ٻيو رستو هو پنهنجي ڪڙم تي ستاءَ ۽ ڏاڍ جو. غريب، بيوس ڪڙمين کي ستائڻ ۾ کيس هڪ عجيب خوشي ٿيندي هئي — اهڙيائيءَ جا هو قدآور، وشت پشت، پنين عورتن تي غالب پوڻ ۾ محسوس ڪندو هو.

گهرن" جي صورت وٺي سنڌس اڳيان اچي بيٺا، تڏهن سچ پچ هو ڏڪي ويو. سنڌس اَبي ڏاڏي جي زماني ۾ هنن کي اهڙي ڪم ڪرڻ جي همت ته ڇا، خيال ئي ڪو نه آيو ها. هو هنن جي ساهس، هنن جي همت تي ئي گهٻرائجي ويو. هن ڪين سبق سيکارڻ جو ارادو ڪيو. شير رڳو نالي ۾ هو، پـر هو گدڙ - دل؛ انهيءَ ڪري هن سڌو ناڪار نه ڪئي. هن پوليس جي پشت پناه ورتي.

اَڄ هو خوش هو. هن کي پڪ هئي تـه پوليس سنڌس راڄ کي اهڙو سبق سيکاريندي جو هو قيامت جي ڏينهن تائين ياد ڪندا ۽ وري سنڌس اڳيان منهن نه ڪڍي سگهندا.

هن کي قادر جـي وفاداريءَ ۾ البت شڪ هـو. ڪيس ڏيهاڙي ملي ها هيون ته هن جي همدردي هارين سان هئي. هنڪي انهن ڏيهاڙين تي ويسهه ئي نٿي آيو. نيٺ به تـه قادر سنڌس سڱت هو. هـو ڪئين اهڙي ويچهي عزت جا فرض وساري، هارين جو پاسو کڻندو؟ هن کي اعتبار ئي ڪين اچي ها جي ڪو کيس چوي ها ته انسان جي اوائلي وفاداري سنڌس دل جي اعليٰ مقصدن، وسيع سپنن ۽ اوچ آدرشن ڏي آهي، ته انهيءَ وفاداريءَ جي اڳيان عزت جا گهري ۾ گـهرا ناتا به نهايت ئي سستا ٿيو پون، ٽٽيو پون. اهڙو نفيس، نـئون

ايندي هئي ۽ نيٺ جڏهن اُن سان ٽڪرڻ کان بچڻ جو ڪو به آسرو نه رهندو هو، تڏهن هڪ ٽڪي چيخ سندس وات مان ڦاٽي نڪرندي هئي ۽ هوُ يڪدم جاڳي پوندو هو. سندس سارو بدن پگهر سان شل ٿي ويندو هو ۽ هو هن وسيع ڪائنات ۾ پاڻ کي اڪيلو ۽ نستو، نهايت نستو، محسوس ڪندو هو. انهيءَ از حد نستائيءَ کان ڪيس، ڪجهه وقت رکي، تپ اچي ويندي هئي — مٺي، ماڪڙي، تپ، شفا بخش تپ.

اڄ وڳابرو پڙهيل هو. ڪڏهن ڪڏهن روزاني اخبار نظر مان ڪڍندو هو. زماني ۾ جي نيون ترقي پسند تحرڪون هلي رهيون هيون تن جي ڄاڻ خير ڪا هيس. پر ڄاڪاڻ ته هوُ ڦرندڙ زماني ۾ رهيو ٿي، ان ڪري اُنهن کان بنهه ناواقف به رهي نٿي سگهيو. هن کي ٿورو، ڌندلو سماءُ هو ته دنيا جي اقتصاديت ۾ انقلاب اچي رهيو هو. انهيءَ انقلاب جي ڪارڻن ۽ اُنهيءَ جي عاليشان مقصد کان هوُ نسورو ابوجهه هو. ليڪن انهيءَ عالمگير انقلاب جي موُج سندس زميندار يءَ کي به متاثر ڪيو هو. سندس راڄ ۾ به نئين زندگي ڦٽڻ لڳي هئي — نئين بي چيني، نيون تمنائون، نوان سپنا، بهتر زندگيءَ جا، نياءَ جي نون خيالن ۽ معيارن تي ٻڌل. اول ته هن اُنهن اهڃاڻن کي نظر انداز ۽ درگذر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر جڏهن اهي "هارين جي

منجهس پاڪ ۽ نرمل جذبا اُتاريندا هيون. هڪ هئي قادر جي ماءُ جنهنکي سندس اعليٰ، جرڪندڙ سيرت هڪ علحدي اُتاهين تي رکيو هو جتي سندس نفس ۾ بڏل من صرف نهاريندو رهجي ويندو هو، ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهيءَ اَچل پهاڙ جي صاف، سرد هوا ۾ پنهنجي ڪجھه ميل مٽائي، ڪجھه اُجرو ٿي، ايندو هو. ۽ ٻي هئي ......

زليخا جي موت جي خبر ٻڌي، شيرخان جا سمورا معاذ ۽ بچاءَ، لحظي ئي هڪ ۾، اُچي پٽ پيا. زليخا جي، ٿيچ هن جي رڳ رڳ ۾، رت جي قطري قطري ۾ هئي. زليخا سندس ماءُ برابر هئي. جڏهن سندس ماءُ پاڇاڙي عمر ۾ کيس ڇڏي، راهه رباني ورتي، تڏهن زليخا ئي ته کيس پنهنجي سيني جو آب حيات ڏارائي وڏو ڪيو هو. ماءُ جا ڪلي فرض هن اهڙيءَ ريت ادا ڪيا هئا جو پاڻ ته هي ڇنو ڇورو سندس وارث هو. هن جي موت جو ٻڌي، سندس هٿن مان ڪجھه ڪري پيو. هن کي اهو خيال ويڙهي ويو ته انهيءَ موت جي جوابداري سندس سر تي هئي، ته هو مادر-ڪش هو — ماءُ جو گهاتڪ. هن ئي ته پوليس کي اُن بدا بتئي ڪٽرط لاءِ موڪليو هو. هو ڪيئن انهيءَ جوابداريءَ کان ڇٽي ٿي سگهيو؟

انهيءَ اخلاقي بار سندس وهڻ وهه ڪري ڏنو.

خيال سندس سمجهہ ۾ ئي نہ اچي ها.

هنجي اکين اڳيان قادر جي ماءُ جي تصوير آئي — سوڪم سرير، صاف اُجري، منهن جي ڦڪي، پر سندس اکين ۾ الاهي نور جو تجلو. هن کي ياد آيو تہ ڪيئن بي لغام عيش عشرت جي زندگيءَ سندس شوهر جي حياتيءَ ۾ ڪتر وڌي هئي، ۽ ڪيئن هو، زميندار ي قرض ۾ گروي ڇڏي، جوانيءَ ۾ ئي هي مٽو جڳاڻو ڇڏي ويو هو، ۽ ڪيئن هن شجاع عورت زمينون نيڪال ڪري، قرض لاٿو ۽ ٿورن جريبن جي آمدنيءَ تي پنهنجو گذران ڪيو، پر پنهنجي سڪيلڌي پٽ کي پالي، پاڙهي وڏو ڪيو. هن بي شادي ڪرڻ کان منهن موڙي ڇڏيو هو. هن جو سارو توجہ هيئنر خدا ڏي هو. الله جي عبادت جي سرهاڻ سندس پارسا شخصيت مان اٿي، ٻين کي معطر ڪندي هئي. هن کي ڏسڻ سان اسلامي تاريخ ۾ مشهور معروف بيبي رابعہ بصري ياد پوندي هئي. شيرخان جي دل، هنجو خيال ڪندي، شردا سان ڀرجي ويئي. هن سوچيو تہ جي قادر سمجهائڻ سان باز نہ آيو تہ پوءِ کيس سؤ کن جريب ڏيئي پنهنجيءَ املاڪ وارو ڪري ڇڏبو. هو ماءُ پٽ ٻئي آسودگي زندگي گهارين.

دنيا ۾ جون سب عورتون، ٻن کان سواءِ، سندس نفسانيت کي ٻجهائڻ جا وسيلا هيون. صرف ٻہ عورتون

جڏهن وري هو سرت ۾ آيو تڏهن رات جا ڏهه لڳي ويا هئا. هو اوطاق ۾ ئي هڪ کٽ تي پيو هو. سندس پرسان قادر ۽ صوبيدار ڪرسين تي ويٺا هئا. صوبيدار جي نڪ تي پٽي ٻڌل هئي ۽ سندس منهن جو رنگ البت پيلو پئي لڳو. اندرئين دروازي جي اوٽ ۾ سندس چارئي ڀيڻيون ۽ ڏهه ٻارهن سهيليون انتظار ۽ هراس ۾، چپ پيڙي ۽ رڳون سڪي، ويٺيون هيون.

سندس اک کلڻ سان قادر کيس پاڻي جو شروو پياريو. شرووي پيڻ سان سندس جسم ۾ تقويت آئي. هو مشڪي، اٿي ويٺو. صوبيدار ڏانهن مخاطب ٿي چيائين، "صوبيدار صاحب، توهان جي مدد جا وڏا شڪرانا: هاڻ منهنجو راج مون سان رنجهي ويو آهي. مون سندن سڀ گهرون قبوليون آهن. توهان کي جا دقت ٿي آهي سا معاف ڪندا. شهيءَ کي آءٌ سمجهائي ڇڏيندس ته وري اختياريءَ واٽن سان اهڙي گستاخي نه ڪري هو مولڪي ياءُ جيان آهي. هن جي ٻاران آءٌ ئي معافي ٿو وٺان. ساڻي زليخا جي گوليءَ جي شڪار ٿيڻ جي جيڪا سمجهاڻي اوهين لکندا سا نه اوهين به سمجهو ٿا ۽ آءٌ به. الهيءَ باري ۾ وڌيڪ چوڻ اجايو آهي."

اٿين پوءِ قادر ڏي منهن ڦيري چيائين، "قادر، صوبيدار صاحب ۽ سندس عملي جي چڱيءَ ريت وسائي ڪري کين اماڻ. آءٌ امءَ زليخا ڏي ٿو وڃان."

هُو اُتي اوطاق ۾ اُچ وچ ڪرڻ لڳو. سندس ضمير جو بوجو اَسهه هو. هن جي ويچار شڪتي ٻنهه ٻيهي وئي. هو سوچي نه سگهيو ته ڇا ڪري. ڪنهن گسي اوچتو ڪاپاري ڌڪ لڳي ۽ هُو بيهوش ٿي ڪري نه پوي؟ صرف سندس اوسان خطا ٿي ويا — اهڙي حالت هئي شيرخان جي. هن جي دماغ ۾ اهڙي ته اخلاقي ڇڪ هئي جو هن جو من چريائي ۽ سنوائيءَ جي وچ ۾ سنهي ڌاڳي تي بيٺو هو. ڪهڙي پاسي اُلڙ ٿيندي؟ وقت ڪو نه هو. ڪپيءَ جا ڪٽا هڪ هڪ ٿي ڪري رهيا هئا، گهڙيال جا لحظا ٽڪ ٽڪ ڪري گذري رهيا هئا.

واچوڙي جي تڪيءَ جهڙپ جيان قادر ۽ رمضوُ اوطاق ۾ لنگهي آيا.

قادر اندر گهڙنديئي چيو، "ادو رمضان راج جي پاران صلح لاءِ آيو آهي."

شيرخان رمضوءَ جي منهن ۾ نهاري چيو، "مونکي سندن سڀ شرط قبول آهن، سڀ گهرون منظور آهن."

رمضوُ بيٺو ئي ڪو نه. هو هارين کي ٻڌائڻ لاءِ ڀڳو.

شيرخان جو سنهو، لچڪيلو بدن لڏيو، پائڻ تي بيد جي ڪاني کي هوا جي اوچتي جهوٽي ڌوڏيو هو. قادر وڌي وڃي کيس ٻانهن ۾ جهليو. هو بيهوش ٿي ويو.

عظيم وحدت ۾ سمايو، پنهنجي تن جاءِ وٺيو ويهن ۽ دل ۽ دماغ ازخود ڪائنات جي هيڪڙائيءَ جا قائل ٿيو وڃن.

تارن سان جهنجهيل آسمان هيٺان، اسين ٽڪڙو پير ڪٽيندا پئي وياسين. نيٺ، اوڀر جي منهن تي جهڪي سرخي نمودار ٿي. تارا آهستي آهستي آڪاس جي نيلاڻ ۾ ٽٻي ڏيئي غائب ٿيندا ويا. پکي پکڻ آکيرا ڇڏي، لاتيون لوندا، هيڏانهن هوڏانهن اڏامڻ لڳا. اَسان وِک وڌائي، هاڻ سج ڪنهي ڪڍيو، ۽ چوڌاري زندگيءَ جي نئين چرپر جهلڪي اٿي.

”اسين ڪيڏانهن پيا هلون، رحمان؟“ مون پڇيو.

”ڇا، ڊپ ٿو ٿيئي، حليما؟“ هن وراڻيو.

مون مشڪي چيس، ”توسان ٻيلهه ۾ ڊپ! توسان گڏ هجان، پوءِ مون کي موت به ٻيچاري نه سگهندو.“

هن گنڀير ٿي چيو، ”هتان ٿوري مفاصلي تي هڪ ٽيشن آهي. اُتي پهچي ريل ۾ چڙهنداسين.“

”ريل ۾!“ مون خوشيءَ ۽ عجب مان چيو، آءٌ ڪڏهن به ريل ۾ ڪانه چڙهي هيس.

”ها،“ هن چيو، ”پنهنجي ڳوٺ ٿو وٺي هلانءِ.“

ٽيشن تي پهتاسين ته معلوم ٿيو ته گاڏيءَ جي اچڻ ۾ اَڃا ٽن ڪلاڪن جي دير هئي. رحمان چوڌاري نظر ڦيرائي. اسان کان سواءِ ٻي ڪا پِهر ڪانه هئي.

* * *

“پوءِ ٻاڪون ڪڍيون تنهن کان اڳي رحمان مونگي
ننڊ مان اُٿاريو. هُو اندر ويجي، هڪ ڏيئو ٻاٽسيءَ سان
ٻريل ڪڍي آيو. اَسان ٻنهي همٿ منهن ڌوتو. اندرئين
ڪمري مان چاچي جان جا ڪونگهرا ٻڌڻ ۾ پئي آيا.
قاضي صاحب جو نشان به ڪونه هو. شايد هو راتو واهه ئي
پنهنجي گهر هليو ويو هو. رحمان جهوپڙيءَ جو ٻاهريون
دروازو آهستي کوليو ۽ اسين ٻئي نڪري ٻاهر
گُلي ۾ آياسين.

آسمان ۾ تارا ٽمڪ ٽمڪ ڪري رهيا هئا. ٿڌي،
تن کي توانو ڪندڙ هير پئي لڳي. پکي پکڻ به اڃا
پنهنجن آکيرن ۾ آرامي هئا. چوڌاري خاموشي هئي —
عميق، گهري. ڌڻيءَ ڌڻيا جو آسر کان اڳي اُٿي خدا
جو توجه ڪندا آهن، سو آءٌ اُها ويل ياد ڪري پروڙي
سگهان ٿي. انهيءَ ويل جي مفرح ماحول ۾ ڪائنات
جي وحدانيت لاءِ ڪارڻ ڳولڻا ڪونه ٿا پون. انهيءَ
مهي، ملائيندڙ فضا ۾ عالم جون ڪلي عليحدگيون هڪ

اکين ۾ ڳوڙها تري آيا— آءُ خوشيءَ جا لڙڪ، جن تي سج جا ترورا نمي اکين اڳيان رنگن جي رمت ڪرڻ لڳا. مون اکيون ڪڍي بند ڪيون، ۽ لڙڪ ڇپرن جي پناه ڇڏي، ڳلن تان وهڻ لڳا.

”روئين ٿي، حليما؟“ رحمان فڪرات واري نوع ۾ پڇيو.

مون مشڪي وراڻيو، ”هيءَ عورت جي خوش نصيبيءَ جا، ازحد خوشحاليءَ جا، لڙڪ آهن، رحمان. آءٌ اَڄ ڏاڍي خوش آهيان، رحمان. خدا منهنجيون سڀ تمنائون پوريون ڪيون آهن.“

ريل گاڏيءَ جي اَچڻ جو سگنل چڙهندو ڏسي، رحمان اُٿيو. ”هاڻ گاڏي اِچها آئي، اَچ ته ٽڪيٽ وٺون.“

اَسان ٽڪيٽون ورتيون ته گاڏي پليٽفارم تي اَچي بيٺي. ٽڪيٽون وٺي، اسين ڊوڙي وڃي هڪ گاڏي ۾ چڙهياسين. سيٽي وڳي ۽ گاڏي ڇٽي.

خوشيءَ جو پيالو رڳو اچا ڇپ سان لڳو هو. صرف ڇپ ٿي اُنهيءَ جي ذوق پرئي، ذائقي سان ڇهرا ٿيا هئا ته پيالي ۾ چلڪو ٿيو ۽ اُنهيءَ دم اُهو هٿ مان ڇڏائجي، زمين تي ڪريو، ۽ ڇيهون ڇيهون ٿي ويو. آءٌ ٻارهن ڪلاڪن اَندر سهاڳڻ مان ڏهاڳڻ ٿي پيس.

"حليما، تون هتي ترس. آءٌ اجهو اچان ٿو" ائين چئي، هو ٽيشن جي هڪ پاسي هليو ويو. ٻن چئن منٽن بعد هوءَ پنهنجن هٿن ۾ هڪ ڊبل، چار نان خطايون ۽ ٻه ڪپڙا چانهه جا وٺي آيو. اسان ناشتو ڪيو. پوءِ رحمان ٽيشن کان ٿورو پري هڪ لم جي ڇانوَ ۾ مون کي وهاري چيو، "هاڻ ٿورو آرام ڪر، جيسين گاڏيءَ جو وقت ٿئي."

ٿڙ کي ٽيڪ ڏيئي، مون اکيون ٻوٽيون. رحمان منهنجي پرسان ويٺو هو. آءٌ بلڪل خوش هيس. منهنجي هنئين ۾ ڪي ٻيا ارمان ڪونه هئا، ڪابه پشيماني ڪانه هئي. مون پنهنجي قسمت هن جي قسمت ساڻ وابسته ڪئي هئي. نه، نه، قدرت جي ڪلي طاقتن اسان کي ڏکي، هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي، اسان کي ملايو هو، محبت جي انهيءَ پيوند ۾ جنهن کي ڇڙو ڇهڻ کان ٻه موت قاصر آهي. آءٌ پاڻ کي بلڪل سياڻي پائڻ لڳيس. منهنجي رڳ رڳ انهيءَ سعادت لاءِ خدا جا ٿورا مڃي رهي هئي. مون پنهنجيون اکيون ٿوريون کوليون، رحمان جي منهن ڏي نهاريو. هن جي چهري ۾ خوشيءَ ۽ فخر جا چنهه هئا. مون پنهنجو هٿ ڊگهيري، هن جي هٿ ۾ ڏنو. هٿن جي ڪومل داب، اسان ٻنهي جي منهن تي مشڪ آندي. منهنجي دل ۾ سرهائي انهيءَ انتها تي رسي جو منهنجي

"ڪٿين ڇو نٿو؟" رحمان جي ڪلهي کي ٽيلهو ڏيندي چيائين.

رحمان اُٿي ڪڙو ٿيو، هنجي منهن ۾ سڌو نهاري، کيس چيائين، "ڏس، سلطان، اسان جو هڪ ٻئي سان عڪس ڪونهي. وڏيري جي ڳالهه تان اَسين پاڻ ۾ ڇو ڪولسون؟"

"واه!" سلطان چيو، "مونکي پنهنجي دغا ۽ دولاب ۾ شامل ڪرڻ ٿو چاهين؟ ٻڌ، اُهي ٻيا ڳول. آءٌ ڪو ڪير پياڪ بارڪو نه آهيان جو پنهنجي وينس هاڻ هن بلبل کي اسان جي حوالي ڪر ۽ تون به اسان سان گڏجي هل."

"ائين ڪڏهن نه ٿيندو، سلطان،" رحمان محڪم آواز ۾ چيس. "موت جي منهنجي مٿان لامارا پيو ماري ته مارڻ ڏيندس. آءٌ پنهنجي زال ٻين جي حوالي نٿو ڪري سگهان."

"اڙي، هي ائين نه سمجهندو،" ڪنهن چيو.

بس پوءِ ته سڄو ٽولو رحمان کي وڪڙي ويو. هن گهڻوئي هٿ پير هلائي پاڻ کي ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪئي، پر هنن کيس ٻڪن ۾ ڪُٽي قابو ڪيو. منجهانئن هڪ ڄڻي وڃي گاڏي جو دروازو کوليو. ٻين رحمان کي پنهنجن ٻڪن ۾ ڪُٽي دروازي ڏي رخ رکيو. آءٌ هنن جو مطلب سمجهي اُٿيس. پر آءٌ کين روڪيان ئي روڪيان

انهيءَ ساڳئي گاڏي ۾ وڏيري جا ماڻهو اُسان جي پٺيان پڇيل وينا هئا. اسان کي ڏسي هو سرها ٿيا. سندن ڪم جي ڪاميابي ايترو جلد ٿيڻي هئي، اهڙو هنن کي خواب خيال به ڪو نه هو. شڪار خود سندن وچ ۾ لنگهي آيو هو. گاڏيءَ جي چڙهڻ بعد، اُنهن مان هڪ رحمان کي مخاطب ٿي چيو، "يار رحمان، تون ته گاڏيءَ ۾ نــــي گڏجي وئين. اَسين تنهنجي پُوڻ تنهنجي اُئي ڳوٺ ۾ وڃي رهيا هئاسين. يار، تو به غضب ڪيو آهي. وڏيري جي ابل کي ڀيتي ڏيئي، ڀڄائي آيو آهين!"

رحمان ڪيس وڏيڪ چوڻ کان روڪيندي چيو، "هوءَ منهنجي زال آهي ـــ نڪاح وڌل زال."

"نڪاح وڌل زال!" چوندو، هڪ قداور، ڏٺو مٺو، ڀيانڪ ـ شڪل هاري اٿي کڙو ٿيو. سندس هٿ ۾ هڪ لوڙهه هو. هُو وڌي رحمان جي سامهون آيو. سندس شوخ اکين مان شعلا ٿــي نڪتا. واڪو ڪري چيائين، "بي ايمان، نمڪ حرام، وڏيري جي معشوق کي ڀڄائي تون سڪ سمهندين؟" ويچارا ڏيئي چيائين، "منهنجي زال آهي ـــ نڪاح وڌل زال! ڪوڙو، ڪساڻي!"

رحمان جو رت ٽهڪيو پئي، ليڪن هن پاڻ کي ضابطي ۾ رکيو.

"خدا انهن اُيرن جو ٻلو ڪندو،" قادر ماءُ چيو. "برابر، شيرخان اسان کي سؤ جريب زمين جا آڇي پنهنجا پال ٿو پلائي، پر اهڙو گهنگهر اسين پنهنجي گلي ۾ وجهون ٿي ڇو؟ اسين رب جي ڏني تي راضي آهيون. قادر کيس ٺيڪ چيو ته انهيءَ جو هنن ۾ وارث، اُٻوجهه ڪڙمين کي وڌيڪ احتياج آهي؛ اها هنن کي ٿي وراهي ڏني وڃي. ادا رمضان، انسان خدا کي وساري، پاڻ کي ذليل بڻايو آهي. هو پنهنجي زندگيءَ جي سرانجامي ٻاهرين ڳڻن ميڙڻ ۾ ٿو پائين، ڇاڪاڻ ته اُهي کيس ٻين تي اختياري ٿيون ڏين. هو اهو وساريو ڇڏي ته انين ڪرڻ سان سندس خودي سبر ٿئي ٿي؛ هو خدا کان پري رهجيو وڃي. هوُ نه پاڻ کي ٿو سڃاڻي نه رب کي. "من عرف نفسه، فقد عرف ربه" — جنهن پاڻ کي سڃاتو تنهن گويا پنهنجي رب کي سڃاتو. ارمان ته اهو آهي جو کيس اها به ڄاڻ ڪانهي ته اهو نفس، اهو پاڻ، ڇا آهي؟"

تنهن کان اڳي هنن رحمان کي در مان ٻاهر اچلي ڇڏيو. منهنجي اکين اڳيان انڌاريون اچي ويون.
"يا الله!" پڪاري، آءُ بي سرت ٿي ڪري پيس."

حليما ڪو وقت فڪر پرئي مان ۾ غرق هئي. نُورُوءَ سندس ماءُ ۽ سندس دل جي ڪيفيت پروڙي، مان ۾ هئا. نيٺ، هن هڪ ڏکوو، ٿڌو ساهه کڻي چيو، "ڪاش! اُنهيءَ بي سرتيءَ مان سجاڳ ئي نه ٿيان ها! مونکي اکثر اهو عجب اچا ته لڳندو آهي ته ڇو اُنهيءَ دم منهنجي ساهه جي هڙ ڇڙي نه ويئي."

نوروءَ ماءُ پنهنجي تي هٿ گهمائيندي چيس، "ڏاڏي، خدا کي هر انسان لاءِ پنهنجي تجويز آهي. اُها جائي پوري ٿيندي. اُنهيءَ جي پوري ٿيڻ کان اڳي ڪو به انسان مري نٿو."

حليما ڪجهه وقت نوروءَ ماءُ واري ڳالهه سوچيندي رهئي. "اَج آءُ سويل ئي وڃي ٿي سمهان،" چئي، هوءَ اَندر هلي ويئي.

نوروءَ ماءُ اُها رات ٻاهر ٻارن جي پرسان ئي سمهي رهي.

ٿيڻ جا اُهڃاڻ اُفق تي نمودار ٿي رهيا آهن."

"شل اهو وقت جلد اَچي،" قادر ماءُ چيو. "پر اوائلي شرط هيءَ آهي ته انسان لوڀ ڇڏي، قناعت سکي. ٿوري تي راضي رهي. ٻئي کي پنهنجو ڀاءُ ڀائي."

"ٺيڪ آهي، پيرڻ،" رمضوءَ چيو. "دنيا ۾ عالمگير برادريءَ جو خيال ڦهلجندو پيو وڃي. دنيا جا ترقي پسند ماڻهو محسوس ڪري رهيا آهن ته ساري دنيا هڪ آهي ۽ اُنهيءَ دنيا جا سڀئي باشندا هڪ برادري آهن."

"خدا جي رحمت اهڙن نيڪ مردن تي هجي،" قادر ماءُ پاڻ پرٺي سر ۾ چيو. "اهڙا مرد پنهنجن ساٿين سان گڏجي نئون جهان اَڏيندا، جنهن ۾ نفاق جي بدران اتفاق هوندو، ۽ انسان ماديات ۾ مبتلا هئڻ جي بدران رب سان پنهنجو روح گڏيندو."

رمضوءُ نيرڻ پوري ڪري اُٿيو. ٻُوٽ اُگهندي چيائين، "پيرڻ، آءٌ اڄ ضرور اُسهندس. ڪڪي کي ناچاڪ ڇڏي آيو آهيان."

"اُنهيءَ حالت ۾ توکي اَڄ ئي وڃڻ گهرجي،" قادر ماءُ وراڻيو. "وڃڻ کان اڳي شيرخان سان سڀ ڳالهيون لکت ۾ فيصل ڪري وڃ. شيطان انسان مٿان سدائين پيو لامارا ماري. لوڀ ڪنهن کي ڇڏي

قادر ماءُ رمضوءَ جي اڳيان ڏٺو، مگڻ ۽ جهڻ رکي، هن کي نيرڻ ڪرائي رهي هئي. سندس پيشاني ۾ اَت پيلائيءَ جا پير ۽ سندس اکين ۾ الوڪ نور جي جهلڪ نمودار هئي. هن جي سوڪم سري ۾ ڪا غير فاني شڪتي هئي جنهن سندس نازڪ نفيسائيءَ کي اها سهرائي ۽ سگهه عطا ٿي ڪئي جو هوءَ دنيا پر جي کهڙن به ڪشٽن کي بردباريءَ سان مشڪندي منهن ڏيئي ٿي سگهي — لچڪڙي سهرائي، عمدي رڪ جي ترار جهڙي. ڪنن جي مٿان وار ڏونرسرا ٿي ويا هئس. رمضو سوچي رهيو هو ته سنڌ جي دهقاني ڏوڙ ۾ هي کهڙو گل ٽڙيو هو جنهن جي سوڪم سرهاڻ سندس روح کي معطر ڪري رهي هئي، ته سنڌ جي جيون - سنڌوءَ مان هي کهڙو آبدار موتي سپجي نڪتو هو جنهن سندس دماغ جي ڏنڌلن تهن ۾ سوجهرو ٿي ڪيو.

“پيڻ” هن چيو، ”اَج ڪلهه روزگار ۽ آجيوڪا جي ڪشمڪش ۾ انسان اهڙو ته سرگردان آهي جو پيٽ جي مسئلي کان سواءِ هن کي ٻيو ڪجهه سجهيئي ڪين ٿو. پر اهو جڳهه دور ڪونهي جڏهن انسان کي وري قدرتي فراغت نصيب ٿيندي ۽ هو پنهنجو وقت تهذيب ۽ تمدن جي ترقيءَ ۾ صرف ڪندو. اَج هن جي حالت حيوان کان به بدتر آهي. هنجي وري انسان

ڪٿي اُتس. توهان سان ڳڌجڻ لاءِ آنو آهي.“

”مونکي سنڌس انهيءَ او چتي تبديل تي نهايت تپرس لڳي رهيو آهي،“ رمضوءَ چيو. ”آءٌ انهيءَ جو ڪارڻ اُڃا سمجهي ڪين سگهيو آهيان.“

”تپرس ته هر ڪنهن کي لڳي رهيو آهي،“ قادر اُتيو. ”ڪارڻ؟ ظاهري ڪارڻ ته اُمي زليخا جو موت ئي آهي.“

”هيڏيءَ بنيادي تبديل لاءِ اهو ڪارڻ ڪافي ناهي،“ رمضوءَ چيو. ”مون کي سڌ آهي ته اُمي زليخا کيس پالي نپائي، وڏو ڪيو هو، پر تڏهن به......“ ۽ رمضوءَ هٿ جي اشاري سان ٻڌايس ته اهو سبب به کيس معقول نظر نٿي آيو.

شير خان جي اوطاق سامهون ڏسي، رمضوءَ قادر کي چيو، ”تون وڃي نيرڻ ڪري اَچ. آءٌ تيستائين زميندار سان سڀ فيصلا طئي ڪري ٿو وٺان.“

... ... ...

رمضو ”سلام عليڪم!“ چوندو شير خان جي اوطاق ۾ داخل ٿيو. شير خان پنهنجي منشيءَ سان ڪاغذ پٽ ڏسي رهيو هو.

”وعليڪم سلام،“ چوندو هو ڪٽ تان اُٿيو. منشيءَ کي چيائين، ”اَدو رمضان اَچي ويو. تون هي ڪاغذ پٽ

ٿئو. سيان ائين نہ ٿئي جو هي ويچارا هاري پنهنجي ڪاميابيءَ جي ڦل کان ڦرجي وڃن."

"توهين انهيءَ جو اُلڪو نہ ڪريو،" رمضوءَ چيس. "شيرخان سان آءٌ سڀ طيءِ ڪري پوءِ ئي موٽندس."

رمضوءَ شيرخان ڏي وڃي رهيو هو تہ واٽ تي قادر گڏيس.

"آءٌ توهان ڪي ونڻ ٿي آيس،" قادر چيس.

"شيرخان توهان سان گڏجڻ لاءِ انهايت بي چين آهي."

"آءٌ بہ وٽس ئي ٿي ويس،" رمضوءَ ورائيس.

"اَدا قادر، شيرخان جي رخ ۾ ڪو ڦيرو تہ ڪونہ آيو آهي؟"

"نہ. اَميءَ زليخا جي موت هن ۾ عجيب صورت-بدل آندي آهي. هو انسان ئي ٻيو ٿي پيو آهي. اَڄ صبح سان اٿندي هو پنهنجي زندگيءَ ۾ بنيادي تبديليون آڻي رهيو آهي. سيني سيوتين ۽ ٻانهين کي چڱيون چوکيون سوکڙيون ۽ سوغاتون ڏيئي، پنهنجي پنهنجي گهر روانو ڪيو اٿس. پنهنجين چئن ئي ٻيبين کي صاف صاف چيو اٿس تہ اڳيون اَڊنبر ۽ شان شوڪت ڇڏي هو ديري جو هرڪو ڪم پاڻ تي هموار ڪن. مون کي تہ خانگي طور ائين بہ چيائين تہ بهتر ٿئي ها جي ڪيس هڪ ئي ٻيبي هجي ها، ۽ اَجا بہ بهتر جي هڪ بہ نہ. پنهنجي وڪيل کي تہ طلب اَچڻ لاءِ تار

پڇائي، وڏيون وڏيون تصنيفون لکيون آهن! رمضوءَ جا طاق لڳي ويا. هو واتڙو ٿي ويو. هنکي سمجهه ۾ نہ آيو تہ اهڙي جلد تبديل ڪئن ممڪن ٿي سگهي ٿي. هن صرف چيو، "پوءِ اوهان جو ڪهڙو خيال آهي؟"

شيرخان جي منهن تي مشڪ موٽي آئي. "منهنجو تہ خيال آهي،" هن چيو، "تہ هيءَ زمينداري قادر يا ٻئي ڪنهن کي ڏيئي پاڻ کي آجو ڪريان. قادر اهو گهنگهر پنهنجي ڳلي ۾ وجهڻ نٿو چاهي. توکي جي اها آڇ ڪندس تہ پڪ آهي تہ تون بہ وڇونءَ جو ڏنگ سمجهي، ٿهي پاسو ڪندين. هاڻي چئو تہ آءٌ ڇا ڪريان؟"

"ملڪيت اصلي مالڪن کي موٽائي ڏيو،" رمضوءَ وراڻيو.

"يعني تہ مون ٻين جو حق غضب ڪري رکيو آهي؟" شيرخان مشڪندي چيو.

"مون تہ ائين ڪين چيو،" رمضوءَ ڪومل سُر ۾ چيو. "توهان کي تہ زمينداري ورثي ۾ ملي آهي."

"مون نہ، تہ منهنجن وڏن،" شيرخان چيو.

رمضو البت هٻڪيو. شيرخان سندس خيال جي ترجماني صحيح ڪئي هئي. اهو ساميواد جو اڏول سچ هو. ليڪن الائي ڇو، هنکي "ها" چوڻ ۾ سنڪوچ ٿي رهيو هو.

کٽي وچ. وڪيل اُٿي تنهن کان اڳ ۾ سڀ ڪاغذ ترتيب وار ٺاهي تيار ڪري ڇڏ." اُئين پوءِ رمضوءَ ڏانهن وڌي، اُٿي هنکي ٻانهن کان جهليائين. "ادو رمضان اُٿي ويو،" چوندو هو کيس پنهنجي کٽ ڏي وٺي ويو.

کٽ تي پنهنجي پرسان وهاري، رمضوءَ جي منهن ۾ نهاري مشڪندي چيائين، "مولکي قادر ٻڌايو آهي ته تون تشدد جو ورو ڌي آهين، ته ڪلهه توکي اهوئي فڪر هو ته خون خرابي نه ٿئي، ته هاري پنهنجا حق. صلح - پسند رستن سان حاصل ڪن. اهو سڀ ٻڌي، منهنجي، تنهنجي لاءِ عزت ٻيڻي ٿي ويئي آهي."

رمضوءَ کلندي چيس، "پر توهين زميندار تشدد ۽ ڏاڍ ۾ ئي ويسه ٿا رکو."

"ها،" شيرخان گنڀير ٿي چيو. "اسين زميندار وسهون ٿا ته ڏاڍ ۽ ستاءَ سان ئي اسين هيءَ زميندارِي سرشتو قائم رکي سگهنداسين. انهيءَ ۾ ٻه ته اسين غلط ڪو نه آهيون. هي سمورو سرشتو ڏاڍ جي پيڙه تي ته ٻڌل آهي."

شيرخان جي ذهنيت ۾ ايڏو وڏو ڦيرو آيو هو! ساميواد جو هيڏو وڏو، اهم اُصول — تنهنجو سچ هن هڪ ڏينهن ۾ محسوس ڪري ورتو! — اهو اُصول جنهن کي سچ ثابت ڪرڻ لاءِ ٽوڙي ڪوڙ ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪيترن اعليٰ دماغ انسانن کوجنائون ڪري، خيال

ڪٿن ھلائي سگھندا؟ ھوءَ ھر ڪيڙي، ٻج ڇٽي ۽ فصل لڻي ڄاڻن. انتظام جي پيچيدگين مان ھو ڇا ڄاڻن! ڪين اھڙي تربيت ئي ڪانه نصيب ٿي آھي."

"انھيءَ ڪان توھين ڇنا آھيو،" رمضوءَ تسلي ڏيندڙ نوع ۾ چيس. "آءٌ انھيءَ جو بندوبست ڪري سگھندس. اسان جي پارٽيءَ ۾ اھڙا نوجوان آھن جن کي ٻنين کي سھڪاري سرشتي تي ھلائڻ جي بخوبيءَ ڄاڻ آھي. ھو ولائت مان انھيءَ سرشتي جا عملي تجربا ڏسي آيا آھن. ھنن جي سربراھيءَ ھيٺ اھو ڪم ڪاميابيءَ سان ڪري سگھبو. اسين اھڙو ھڪ ٻه جوان ھيڏانھن موڪلي سگھون ٿا."

"پر ڏسج ماڻھو اھڙا موڪليو جن جو ھنن غريبن لاءِ ھڏ ڪڙڪندو ھجي،" شيرخان تاڪيد جي نوع ۾ چيو، "جي ھنن جي حالت ھر سوءَ ڪان سڌاري، سندن آئينده روشن ۽ خوشحال ڪن."

"انھيءَ جو فڪر توھين ڪريو ئي ڪين،" رمضوءَ خاطري ڏنيس، "اسان جي ڪم ڪندڙن کي اھائي لوري لڳل آھي. پنجن سالن ڪان پوءِ توھين ھن زمين جو نقشو ئي نٿو ڏسندا. ھرھڪ ھاريءَ کي ھڪ سرو گھر ھوندو؛ راڄ کي پنھنجي ڪاروبار لاءِ ھال ۽ ٻيون ھڪ سرون جايون ھونديون؛ ھارين جي ٻارن لاءِ عاليشان

"خير،" شيرخان گن پـر جواب لاءِ ترسي چيو، "تون چئين يا نه، اهو واقعي سچ آهي. زمين تـي ڪنهن جو حق ڪونهي. اُنهيءَ تي فقط انهيءَ جو حق آهي جو پنهنجي پورهئي سان اُن مان پيدائش ڪري ٿو. اهو سچ اهڙو نه سادو ۽ سرل آهي جو آءٌ متعجب آهيان ته ڇو اڳئين صدين کان انسان انهيءَ کي نظرانداز ڪندو آيو آهي. انهيءَ زمين تان آءٌ هٿ ڪڍڻ لاءِ تيار آهيان. در حقيقت ته اها منهنجي آهيئي ڪانه. مون کي فقط هڪڙو خيال صبح لاڪر ستائي رهيو آهي ته هي ابوجهه، اڻ پڙهيل هاري اها سنڀالـي سگهندا؛ ائين نه ٿئي جـو هو حرص يا ننڍڙن ننڍڙن ضدن يا بغض وَس ٿي، پاڻ ۾ وڙهي ڀالـگا ٿين."

"اهو توهان جو ڏپ غير معقول ڪونهي،" رمضوءَ وراڻيو. "هر سهڪاري سرشتي تي ڪاروبار هلائڻ سان انهيءَ خطري کان پاڻ بچائي سگهجي ٿو. زمين توهين هارين ۾ وراهيو نـه. اِها راڄ جي حوالي ڪريو. سڄو راڄ انهيءَ جو مالڪ ٿيندو ۽ ڪنهن به شخص کي انهيءَ جـي ڪنهن به حصي لي مالڪاڻو حق نـه ٿيندو. مالڪاڻو حق صرف سڄي راڄ جو ئي رهندو."

شيرخان ٿورو وقت سوچي، چيو، "اها صلاح نهايت موزون آهي. آءٌ ائين ئـي ڪندس. پر هي ابوجهه، اڻ پڙهيل هاري، سهڪاري سرشتي تي سارو ڪاروبار

ماڻهون ۽ پٿر، ٻهتر پٽ ۽ ڌرتي. يا الله! هي ڪهڙو نه خدائي، ڪهڙو نه پاڪ، ڪهڙو نه عالم افروز آدرش آهي! ادا رمضان، اڄ ڪان وٺي مون کي ٻه هن عظيم ڪارج ۾ پاڻ سان شامل ڪريو. اُهي ڪلهي تي کڻني پائي، سڄي سنڌ جي مٽي ڇاڻيندس ۽ هي موهيندڙ مشاهدو هر ڪنهن سنڌيءَ جي سيني ۾ اُتاريندس.“

”اسانجو در هر ڪنهن لاءِ کليل آهي،“ رمضو چيو. ”جو انسان ذات جو ڀلو چاهي ٿو. جو انسان ذات جي ٻرادري انصاف ۽ حق شناسيءَ تي ٻڌڻ گهري ٿو، جو چاهي ٿو ته آئندي عالم ۾ آسودگي هجي، ساز سلوڪ هجي، ڪلي انسان جا ڳات اوچا هجن — نه تڪبر ڪان، پر سچي انسان هئڻ جي خوشي ۽ فخر ڪان — تنهن لاءِ هن پارٽيءَ ۾ سدائين جاءِ آهي، ۽ جاءِ سان گڏ ڪم.“

”يا خدا! اُهي ڪهڙو نه خوش نصيب آهيان،“ شيرخان اتساه سان چيو، ”جو زماني جي هن شاندار دؤر ۾ جائو آهيان ۽ انسان جي عاليشان قسمت جي اڏڻ ۾ ڀرپور ٿي سگهان ٿو! ادا رمضان، منهنجي دل شاهدي ڏئي ٿي ته اهو سونو سپنو جلد ساڀيا ٿيندو.“

”اڪيچار جڳن کان انسان ذات جي سچن رهبرن، اوتارن ۽ پيغمبرن، فيلسوفن ۽ شاعرن، اهو عظيم الشان

سڪول هوندو، جنهن ۾ لکڻ پڙهڻ ۽ ڳڻڻ کانسواءِ هو پنهنجي ڪرت جو فن به سکندا ۽ ازانسواءِ دنيا ۽ آخرت جي مسئلن جي واقفيت پرائيندا؛ زمين جي پيدائش جي نيڪال لاءِ سهڪاري ايجنسيون هونديون؛ سهڪاري سرشتي تي راڄ جا پنهنجا دڪان ۽ پنهنجي بئنڪ هوندي؛ وندر لاءِ باغ ۽ شايد ناٽڪ گهر هوندو، ۽ عبادت لاءِ مسجد، جنهن جا منارا اُپ جي گهرائين ۾ وڃي انسان جي روحن کي متي اُسرڻ جي ترغيب پيا ڏيندا؛ ۽ بنيون نين ترقي پسند ايجادن جي ڪم آڻڻ سان سرسبز ۽ مالامال هونديون — جنسي سون جا ٽڪر.“

”سبحان الله!“ شيرخان اُلساه سان چيو؛ ”هيءَ ڪهڙي نه دلڪش تصوير منهنجي اکين رکي اٿئي! خدا ائين ئي ڪندو.“

رمضوءَ مشڪي چيو، ”اسان جو ڪم صرف هڪ آهي: بهتر انسان بڻائڻ.“

”بهتر انسان بڻائڻ!“ شيرخان اهي لفظ دهرائي، انسان ذات جي آئينده جو عاليشان مشاهدو تصور ۾ ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي. ”ڪهڙو نه اعليٰ مقصد! جي خدا جي پاسي آهن، جي ڌرتيءَ سان سهڪار ڪرڻ ٿا گهرن، تن لاءِ الهيءَ کانسواءِ ٻيو ڪو به ڪم ٿي نٿو سگهي. بهتر انسان بڻائڻ! — بهتر مرد ۽ عورتون، بهتر

قادر جي گهر جي آڳنڌ ۾ اڄ پنجويهه ٽيهه هاري اچي گڏيا هئا. رمضوءَ جو منجهند واري گاڏيءَ ۾ ڪراچيءَ موٽڻو هو سو ٽيشن تي ٽي منٽ دير سان پهتو. گاڏي ڇٽي ويئي هئي. هو البت نراس ٿيو. قادر جو ڪيس اماڻڻ آيو هو تنهن چيس، "هاڻ ته اڄوڪو ڏينهن رهڻ ڪانسواءِ ٻيو چارو ڪونهي. هيڪاري رات جو اسان هارين جو سماع ٻڌندا وڃجو." رمضوءَ وراڻيو، "رات جو ٻي بجي واري گاڏي ئي پڪڙڻي پوندي. آءٌ هت ٽيشن تي ئي ترسان ٿو." قادر چيس، "ادا رمضان، ائين ڪين ٿيندو. هينئر مون سان گڏجي هلو. رات جو هڪ بجي جي اندر ٽيشن تي پهچائڻ جو انجام آءٌ ڪريان ٿو."

رمضو موٽي قادر جي گهر آيو.

رمضو قادر جي پڙ ۾ وينو هو. سندن سامهون هڪ سرلدانيءَ سرندي جون تندون تاڻي، رُون رُون جون دل سوز مرڪوُن منجهانئس پئي ڪڍيون. سرندي جو سر فضا کي لرزائيندو، دل جي باريڪ گهرائين ۾ گهڙندو

سپنو ڏٺي لڌو آهي ۽ انهيءَ جي خوش تصوير اسان
جي اڳيان رکي آهي. هيءَ صدي اُنهيءَ سپني جي
ساڀيا ٿيڻ جي صدي آهي. هن صديءَ ۾ ئي دنيا
مان غربت ۽ غلاظت، ڪنياءُ ۽ ڪدورت، جائداد تي
ٻڌل فرقا ۽ فوقيت، راهه عدم جي ونندا، ۽ سچي
انساني فهم تي ٻڌل سماجواد جو شاندار يوُم وجود
۾ ايندو.“

"تن من منجھہ تنوار، هو يار! سدا آهي سڪ جي؛
تڏهن چٽڪن چت ۾، جڏهن سا گھنڊيءَ لار،
هو يار! سدا آهي سڪ جي.
تن من منجھہ تنوار ......"

ڪنهن وچ ۾ لوڙائو ڏنو:

"موٽي مران نہ ماءُ! موٽڻ ڪان اڳہ مران!
ليکي لالن لاءِ، شال هنديس پيرن تي!"

پرسان ٻي ٻڌي هڪ اُتيو: "پلو، ڙي، پلو.

"سختي شهادت جي، سڻ شاديءَ جو ڏينهن،
ذرو ناهي يزيد کي، اي نسورو ٻي نينهن،
محبت اُنو مينهن، عليءَ جي اولاد تي.
سختي شهادت جي، نسوروئي ناز،
کي رند پروڙين راز، قضئي ڪربلا جو.
تن من منجھہ تنوار........."

اَصلي ڳائڻي تند پڪڙي، ڳائڻ شروع ڪيو:

"هو يار! سدا آهي سڪ جي.
لڳي اُج اَکين کي، سگھو موٽ سنار!
هو يار! سدا آهي سڪ جي.
تن من منجھہ ............
او الله! او الله!
مر نہ موچاري تڏهين، جڏهن آڏو جت؛
هاري! ڪر همت، تہ ڏيئي دم دوس لهين.

ويو. چنڊ جي چانڊاڻ جي چيٽڪ هيٺ دليون ترقي رهيون هيون، نه ڪنهن گلبدن ماهرو جي آغوش جي ڪوساڻ لاءِ، پر ڪنهن الک، اَبدي، اَبناسي وَٿ لاءِ، جا نه زمان وهيڻي آهي ۽ نه مڪان وهيڻي، جنهن کي نه آڪار آهي نه تصور ۾ ايندڙ وصف، جا خيال جي دائري مان ائين اَلوُپ ٿيو وڃي جئن پارو آڱرين جي وِٿن مان، فقط جنهن ڏانهن دل ڪڏهن بيحد ڪشش سان ڇانگهي ٿي. سر جون لرزشون دل جي تندن کي تاڻي، تاڻي رهيون هيون. نيٺ، سر ڇوٽ رسيو. سڀ دليون نُڪتَ جي امڪان کي ڇهي، مها سانت، عظيم خاموشيءَ جي مانيٺي، بالڪل مانيٺي، مهراڻ ۾ غرق ٿي ويون.

هيءَ صوفين جو حال آهي، جنهن ۾ انسان جو روح ڪائنات جي ڪثافت* کان آجو ٿي، وجود جي باريڪ گهرائين ۾ اُها مات ماڻي ٿو جا اَبدي وصال جو مهاڳ آهي.

وقت جو پکي مانيٺن پرن سان پرواز ڪندو ويو. آخر ڪنهن يڪتاري جي تار ڇيڙي. ڪنهن دلي تي هلڪو هٿ هنيو. فضا ٿڙي. ڳائڻي سر آلاپيو. سر ڪلام جي صورت ورتي.

---

*سرشتيءَ جي اِستولتا

آهــي عبداللطيف کي، تنهنجي، پيءُ! پيار،
هـو يار! سدا آهي سڪ جي......"

ڪافي ختم ٿي. سڀني پاسن کان "واهه! واهه!" جي ورڪا ٿي. هاڻ سرندائيءَ پنهنجي سرندي جـون تارون تاڻيون. چوڌاري چپ ٿي ويئي. ٿورو کنگهي، هن سرندي تي ڳايو:

"جيڪي ڏنو هــو مون، ري جيڏيون،
اوهان ڇا ڏنو هو؟
سج، چنڊ، تارا ۽ ڪتيون،
تنهنکون بہ تاب ٿـکو هـو،
اوهان ڇا ڏنو هو؟......
مکڻ، ماکي ۽ مصري،
تنهنکون پـيِ مٺب منو هو،
اوهـان ڇا ڏنو هو؟
اديون! عبداللطيف چئي،
مون کـي قرب ڪنو هو،
اوهان ڇا ڏنو هو؟......"

قادر پنهنجي واچ کڍي ڏٺو تہ رات جا ٻارهن اچي ٿيا هئا. هــن مجلس بـرخواست ڪئي. رمضوءَ سڀني کي مخاطب ٿي چيو: "هــيءَ اسان سنڌين جو املهه ورثو آهي. دنيا جــي دورن ۾ ڪهڙيون بــ تبديليون اچن، ڪهڙا بہ تفرقا ٿين، پر اسانکي ڪڏهن

مر ته موچاري ٿئين، وڃي جيءُ مر، جوءِ!
منڊ! مرڻان پوءِ، پڇنديئن پڇوءِ ڪري.
اڄهان اڳي سڀئي، منڊ جهُريائي مر،
ٽوليان تنهن مڙُو، جنهن روح وڃايو راهه ۾."

ڀڙئين لوڙائو ڏيندڙ، "او او" آلاپيندي، هيٺيون بيت ڏنو:

"مرڻان اڳي جي مئا، سي مري ٿين نه مات،
هوندا سي حيات، جيئڻان اڳي جي جيا.
جيئڻان اڳي جي جيا، جڳ جڳ سي جيئن،
او موٽي ڪين مرن، مرڻان اڳي جي مئا."

هن ٻئي تنهنتي چيو:

"مري، جيءُ ته ماڻئين، جانب جو جمال؛
ٿئين هوند حلال، جي پند اِها پارئين."

بس، پوءِ ته وائي لس ڳائڻي ويئي:

"تن من منجهه تنوار، هو يار! سدا آهي سڪ جي.
آءٌ بنديائي بند ۾، آهيان اوهان ڌار،
هو يار! سدا آهي سڪ جي......
موٽ ڪي چڙ م ڇيڙين، آريائي! آذار!
هو يار! سدا آهي سڪ جي......
آئي ڏي عليل کي، معجون موچار!
هو يار! سدا آهي سڪ جي......

* * *

"آءٌ توهان کي پنهنجن ڏکن جو کڙو ويٺي داستان ٻڌايان؟" حليما لُوري ماءُ ڏانهن منهن ڪري چيو. "ٿوري ئي، مونکي بي هوشيءَ جي حالت ۾ اهي شڪاري ڪتا پڪڙي، زميندار وٽ وٺي آيا. مونکي هڪ ٻوري ۾ ڪٽي قيد ڪيائون. مونکي سڌ ناهي ته مون انهيءَ ٻوري ۾ ڪيترا ورهيه گهاريا. نيم بي هوشيءَ جي حالت ۾ تڏي تي پيئي هوندي هيس. مونکي نه پنهنجي جان جي سڌ ۽ نه ٻاهرئين جهان جو سماءُ رهندو هو. اندر جي پيڙا ۾ بي حس پيئي ڇڪندي هيس. انهيءَ پيڙا ۽ ڳارائي جي عرصي جو اندازو آءٌ اَڄ به لڳائي نٿي سگهان.

انهيءَ بعد ۾ منهنجي قندڙ جوانيءَ ۾ پيرسنيءَ جو سُرو گهڙي آيو. منهنجي تن مان جوڀن جي تازگي موڪلائي ويئي. اندر جي پيڙا منهنجي منهن تي تڪيون رهڪائون ڪيدي ڇڏيون. وَهيءَ جي لحاظ کان مان جوان جماڻ هيس، پر چهري توڙي چت جي لحاظ کان

۽ اهو روحاني ورثو هٿان ڇڏڻ نہ گهرجي. دنيا جون مڙيئي وٿون فنا جي چڪر ۾ آهن؛ رڳو هي ورثو اَبدي سچ جو آهي. اهو ئي اسان کي وڏي ۾ وڏو شرڪ کان بچائيندو جو آهي "جيءَ سڀ ڪنهن جيءَ سين جڙيل نہ ڏسڻ". هي ورثو وصال جو آهي، ميل ميلاپ جو آهي. هن ۾ هڪ ئي پيغام سمايل آهي: ايءَ دنيا جا باشندو! توهين هڪ آهيو. توهان جي نجات پاڻ ۾ ملي وڃڻ ۾، منظم ٿيڻ ۾، آهي. هر انسان ٻئي انسان جو ڀاءُ آهي."

... ... ...

رمضوءَ رات واري گاڏي کان گسائي. قادر ڪيس وقت کان اَڳي ٽيشن تي پهچايو.

هو بيڪس حالت ۾ پنهنجي عمر جا باقي بچيل ڪٽا
ڳڻي رهيو آهي. سندس بيڪسيءَ جو فائدو وٺي،
سندس گهر جي ڪن نوڪرن جي دل ۾ تولاءِ قياس
۽ همدردي پيدا ڪري ته توکي هن جي بند مان آجو
ڪري سگهيو آهيان.' مون تنهنجي چيس، 'جي ائين
آهي ته اسان کي هن مان ڪهڙو ٻپ هڻڻ گهرجي؟'
چاچي چيو، 'ڏيءَ، چاڪاڻ ته هو نستو ٿي ويو آهي،
تنهنڪري ئي ڏاڍو چٽو پڻ ٿي پيو آهي. ڏينهن جا
ڏينهن اگهو ۽ اَسمرٿ پيو هوندو آهي؛ پر جڏهن
ٿوروئي بهتر ٿيندو آهي تڏهن جيڪو به هنجي ويجهو
ايندو آهي تنهن سان چٽي ڪتي وانگر ورتندو آهي.
هن جو ڏاڍ ۽ ستم پڻ وڌي ويندو آهي.'
مون تنهنجي پڇيو، 'پوءِ ڀلا آءٌ ڪيڏانهن وڃان؟'
چاچي نهايت گنڀير نوع ۾ چيو، 'منهنجي صلاح آهي
ته ڪجهه عرصو تون سنڌ ڇڏي هلي وڃ.' مون پڇيو،
'پر به ڪيڏانهن؟ منهنجو نه اوهي نه واهي، جا ڏيهه
۾ پنهنجو سر لڪائي پنهنجي لڄ بچائي ٿي سگهي،
سا پرڏيهه ۾ ڪنهنجو ڀلو پڪڙيندي؟' چاچو ويچارو
ڏاڍيءَ فڪرات ۾ پئجي ويو. نيٺ، هڪ ڏگهو ساهه
کڻي چيائين، 'ڏيءَ، مان سڀ سمجهان ٿو. پر انهيءَ
کان سواءِ مون کي ٻيو ڪو چارو ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو
اچي.'

آءٌ جوانيءَ جي مهڪ ۾ موهنيءَ، ڇمڪ ۽ چستيءَ، وڃائي، گويا ٻڍاپي ۾ داخل ٿيس.“

حليما جو آواز ڪا مهل بند ٿي ويو. اکيون ٻوري، ڪجهه ياد ڪري رهي هئي. ٿوري دير ڪان پوءِ شروع ڪيائين: ”هڪ رات، منهنجي ٻهري ۾ رحمان جو چاچو لالٽين هٿ ۾ کڻي لنگهي آيو. ساڻس ٻه چار سنڌس ساٿي پڻ هئا. مونکي ننڊ مان اُٿاري، ٻاهر وٺي آيا. هڪ بيل گاڏيءَ ۾ چاڙهي، هو مون کي چاچي جي جهوپڙيءَ ۾ وٺي آيا — اُهائي جهوپڙي جنهن ۾ مون رحمان سان لائون لڌيون هيون.

مونکي سڌ ڪانهي ته چاچو مونکي زميندار جي بند مان کهڙيءَ ريت ڇڏائي پنهنجي گهر وٺي آيو. پر هو مونکي پنهنجي گهر ۾ رکڻ لاءِ تيار نه هو. ٻن ڏينهن کان پوءِ هن مونکي چيو، 'ڏيءَ حليما، تنهنجي هتي رهڻ ۾ نه تنهنجي سلامتي آهي نه منهنجي.' مون بي حس نوع ۾ کيس چيو، 'پوءِ مون کي وٺي ئي ڇو آيا؟ هاڻ ٻه ڇڏو ته مان واپس زميندار وٽ هلي وڃان.' هن چيو، 'نه ڏيءَ. توکي واڳهوءَ جي وات ۾ واپس وڃڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. زميندار سلهه جي وگهي مري رهيو آهي. عيش ۽ شراب خوريءَ هن کي اهڙو ضعيف ڪري ڇڏيو آهي، جو ڪير به نٿو ڀانئي ته هو ڪو انهيءَ مرض مان ڇٽي وري نئوبنو ٿيندو.

۽ خوش-خلق پڻ ڏٺا. هن مونکي هڪ ڪنڊ ۾ پنهنجي ئي پيڙا ۾ اڪيلو ئي اڪيلو غرق ويٺل ڏٺو، شايد عجب لڳو. هن دج مڙس جي عورت مون سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ مونکي ڪجهه کائڻ پيئڻ لاءِ پڻ چيو. هن جي انسانيت تي منهنجيون اکيون ۾ لڙڪ مڙي آيا ۽ ٺاهه ٺاهه ڪري منهنجن ڳلن تان وهڻ لڳا. تنهنني هوءَ استري منهنجي پر ۾ اچي ويٺي ۽ مون کي ڳراهڙي پائي، چيائين، 'پيڻ، هن پاڻ کي بيحال ڪرڻ مان ڪهڙو سود؟ دنيا ۾ هرڪنهن جي سر تي آپدائون اچن ٿيون. اسان کي صبر ۽ سنتوک سان انهن کي منهن ڏيڻ گهرجي.' آءٌ تهانئي وڌيڪ اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳيس. هن استريءَ مون کي زوريءَ پاڻيءَ پيارڪ پيارڻ ۽ پنيءَ ۽ سر تي هٿ ڦيرائي مون کي دلداري ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي چيائين، 'پيڻ، هيءَ ڇا؟' مون اُت پيڙا مان چيو، 'اي ستداري عورت، تو مونکي پيڻ سڏي پنهنجا پال پلايا آهن؛ پر مان ڏاڍي دکياري آهيان. هن جهان ۾ مون جهڙو ڏُرڀاڳي ۽ دکي ٻيو ڪو نه هوندو.'

"هن منهنجو هيانءُ ونددي چيو، 'پيڻ، تون دل نه لاهه، تون مونکي پنهنجو حال پائي ٻڌاءِ. مان ۽ منهنجو گهوٽ گڏجي تنهنجي دک نوارڻ جو ڪو جتن ڪنداسين.' مون سندس اکين جي گهرائين ۾

"چاچي جي آواز ۾ منهنجي لاءِ اُسيم همدردي، منهنجي سلامتيءَ جو ڀؤ ۽ ٻيڪسي سمايل هئا. مون اُنهيءَ دم پنهنجيءَ دل ۾ فيصلو ڪري ڇڏيو. چاچي کي ڪجهه به نه ٻڌايم.

"ٻئي ڏينهن، سج ٻاڪون ڪڍيون تنهنکان اڳـي، مون اُٿـي غسل ڪيو ۽ نماز پڙهي. چاچو پـــر واري ڪمري ۾ سمهيو پيو هو. مون دل ئي دل ۾ سندس شڪرانا مڃيا ۽ آهستي آهستي جهوپڙيءَ جو ٻاهريون در کولي، مون اسٽيشن ڏانهن رخ رکيو.

"اُهڙوئي سهانو سمو هو جهڙو اُنهيءَ ٻره ڦتيءَ جو هو جڏهن مان رحمان سان سندس نوڙاني ڪنوار جي ويس ۾ اسٽيشن ڏانهن ويـي رهـي هيس. پر اُنهيءَ وقت جا منهنجي اندر ۾ خوشي هئي سا اڄ منهنجي دل ۾ ڳولئي بـــ نئي لڌي. اَڄ منهنجي دل پيڙا، نراسائيءَ ۽ بيوسيءَ کان ڳوڙي هئي. هڪ الله جو ئي اڌ لڪو آسرو هوم.

"اسٽيشن تي پهچي جيڪا به گاڏي پهرين آئـي تنهن ۾ آءٌ بنا ٽڪيٽ چڙهـي ويس. اُنهيءَ گـاڏيءَ مون کي سنڌ ۽ ملتان لتاڙائي اچـي لاهور ۾ لاٿو. آءٌ گاڏي ۾، ڪاڏي پهچي کان سواءِ، هڪ ڪنڊ وٺي ويٺي هيس. پرسان هڪ رج مڙس پنهنجن ٻـارن ٻچن سان ويٺو هو. هن جي زال ٽوڙي ٻار سڀ نهايت خوشحال

هئي، هن جي همٿ افزائيءَ ۽ اُتساهه ڏيارڻ سان آءٌ به پڙهڻ لکڻ سکيس، ۽ سندن گهر جي چڱي خاصي لئبرريءَ، اڪون جي جاڻ ڏوارن، منهنجي لاءِ هڪ نئين، وسيع دنيا جا دروازا کولي ڏنا.

"ورهيه لنگهي ويا. مان هنن جي گهر جو ڀاتي ٿي پيس. هنن ڪڏهن به مون کي اهڙو لکاءُ نه ڏنو ته مان سندن وچ ۾ ڪا سنڌاري هيس. مان هاڻ اڪيلي ٻاهر وڃي سگهندي هيس.

"هڪ ڏينهن مون ٿياسافيڪل سوسائٽيءَ جي پريزيڊنٽ ڊاڪٽر اني بيسنٽ جو لکيل ڪتاب سوشلزم تي پڙهيو. بس، اُنهيءَ ڪتاب منهنجي زندگيءَ ۾ هڪ نئين تبديل آڻي ڇڏي. منهنجو هنيانءُ دنيا جي اُڌر، نڌر، اَيرن لاءِ ڪرڪڻ لڳو. آءٌ اُنهن جي حالت ۾ سڌاري آڻڻ لاءِ تڙڦڻ لڳيس. رات ڏينهن منهنجي هردي ۾ هڪ ئي رٽ لڳي رهندي هئي ته هنن مظلومن، هنن ستم جي ستايلن، هنن بي وارثن جي نجات جو ڏينهن ڪڏهن ايندو؟

"مون لاهور جي لئبررين ۾ سوشلزم تي جيڪي به ڪتاب هئا، اُهي غور سان مطالع ڪيا.

"هڪ رات، مون ائين محسوس ڪيو ته زندگيءَ جو اهم ڪارج مون کي سڏي رهيو هو. اُنهيءَ رات مون فيصلو ڪري ورتو. هتي موٽڪي سؤ سڪ هئا.

نهاريو. انهن ۾ پيلائيءَ جي پيرن ڳان سواءِ ٻيو ڪجهه نه هو. مون چيو، پنهنجي جيون ڪهاڻي ڪين ٻڌائي ڇڏي.

"هن استريءَ جي گهوٽ منهنجي رقت آميز ڪهاڻي سڻي، پنهنجين اکين مان ٻه لڙڪ پنهنجي رومال سان اگهيا، ۽ ڀريل آواز سان مون کي مخاطب ٿي چيائين، 'اسين جنم ڪري هندو آهيون، پر آءٌ ٿياسافسٽ آهيان، جنهن ڪري سڀني ڌرمن ۽ مذهبن کي عزت ۽ سنمان سان ڏسندو آهيان. ائين ڪٿي چئجي ته مان سرو ڌرمي آهيان. منهنجو هر ڪنهن دين جي سچائيءَ ۾ ايمان آهي. تون جي چاهين ته اسان سان گڏجي هل. منهنجي گهر ۾ توکي ڪا به تڪليف ڪانه ٿيندي. تون مسلمان ٿي رهج. مان توکي پنهنجي مسلمان پٽ ڪري سمجهندس.'

"دنيا ۾ اهڙا فرشتن جي سيرت رکندڙ انسان به ٿيندا آهن. هنن کي مذهبن جا ڀيد تعصبي نه بڻائي سگهندا آهن. هو اڪبر وانگر صلح ڪل جا حامي آهن. هو سڀني ڌرمن ۽ دينن کي رب ڏانهن ويندڙ جدا جدا راهون ٿا سمجهن. هو ائين وسهن ٿا ته 'سڀئي مارڳ مت ڳالهه ڪرن ٿا هيڪڙي.' اهڙا انسان خدا جا خاص خليل آهن.

"قصو ڪوتاهه، آءٌ لاهور ۾ هنن سان گڏ رهڻ لڳس. هن جي زال ڪنهن سڪول جي هيڊ ماسترياڻي

ڳوڙها ڳڙي آيا. هن منهنجي مٿي تي آسيس جو هٿ
رکي چيو، 'حليما، توکي تنهنجو ارادو مبارڪ هجي.
شل تون ستايلن ۽ لسٽن جو آڌار ڪرين. پر هڪ ڳالهه
سدائين ياد رکجانءِ. هن گهر جا دروازا تنهنجي لاءِ سدائين
کليل رهندا. جڏهن به چاهين بنا هچڪ پنهنجن جي
پناهه ۾ هلي اَچج.'

"سندس وهين جون ڀلايون ياد ڪري، سندس
سنيهه ۽ نيڪي ويچار ۾ ايندي ئي، منهنجن نيڻن مان
به جهر جهر ڪري نير وهڻ لڳو.

"آخرين موڪلاڻيءَ جي گهڙيءَ هن موڪلي چيو،
'ڌيءَ حليما، اسين عورت کي سڏيندا 'ابلا' آهيون پر
هوءَ شڪتيءَ جو سروپ آهي. جڏهن هن ۾ ستل
شڪتي جاڳي اٿندي تڏهن ئي انسان ذات جو ڪلياڻ
ٿيندو. توکي ڪهڙيون به حالتون درپيش اَچن، ڪڏهن
پلجي به ڪنهن انسان کي نه ڌڪارج. انسان کي جو
نئون نظام اَڏڻو آهي سو ڌڪار ۽ وير جي بنياد تي
اَڏي نه سگهبو. نئين سماج پيار ۽ برادري ڀاءُ جي
بنياد تي ئي اَڏي سگهبي.'

"اهو پيار ۽ برادري ڀاءُ جو سنيهو دل ۾ ڌاري،
آءٌ موٽي سنڌ ۾ آيس."

هٿ آءٌ پناھ واري سکي زندگي گھاري رهيو هيس، ليڪن اندر جو سڏ اڻ ٽر هو. آءٌ اڳ ۾ ٽپو ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويس. مون اهو ٽپو ڏنو ۽ ڪڏهن به ائين ڪرڻ ڪرڻ تي ارمان نه ٿيو اٿم. اڄ وري آءٌ بي گھر آهيان، موجوده نظام جا جاسوس منهنجو پيڇو ڪندا ٿا رهن. انهيءَ هوندي به مون کي ڪو به ارمان ڪونهي، هر هڪ بي وارث جو گھر منهنجو گھر آهي، هر هڪ پيڙيل منهنجو جان جگر ساٿي آهي. هڪ عظيم الشان مقصد جي جھلڪ مون کي پاڻ ڏانهن ڇڪي، اُتساهت ڪري رهي آهي.

”ٻئي ڏينهن، مون پنهنجي ڌرم جي ڀاءُ جنهنجي همدرد سايي هيٺ مون هيترا سال گھاريا هئا، تنهنکي پنهنجي ارادي کان واقف ڪيو. ڪجهه وقت ته هو سوچ ويچار ۾ پئجي ويو. 'حليما ڀيڻ، تنهنجي دل ۾ خلق جي خوشحاليءَ لاءِ تڙپ پيدا ٿئي سا سڀاويڪ ۽ مبارڪ آهي. پر جنهن ڪاريه ۾ تون ٽپي پوڻ ٿي چاهين سو نهايت ڪٺن آهي. تون هڪ ٻه ڏينهن انهيءَ تي وري سوچ ويچار ڪر. جي پاڻ ۾ ايترو ٻل سارين جو دنيا سان پاڻ ٽڪرائي سگھين ته پوءِ توکي ڪير به روڪي ڪين سگھندو.' ٻن ڏينهن کانپوءِ مون کيس چيو ته 'منهنجو اٽل ارادو آهي. توهين مونکي پنهنجي آسيس ڏيئي موڪل ڏيو.' هن جي اکين ۾

۾ ناهي. هوءَ اَزحد سنتوک ۽ شانت ۾ آهي. ٻر من جي اَندرئي اندر سندس ٻيڙا اهڙي ته اَسهه آهي جو جو هوءَ اوچتوئي اوچتو "بچايون، بچايون" پڪاري اوچنگارن ۾ اَچيو ڇڏڪي."

نوروءَ پڇيو، "انهيءَ ٻيڙا جي ڪارڻ جو ڪو پتو پوي ٿو؟"

رمضوءَ ڪنڌ سان ها ڪئي ۽ چيو، "ملڪ جي ورهاڱي هن جي دل کي وڏو ڌڪ ڏنو آهي. هوءَ روحاني ترقيءَ جي اُنهيءَ اعليٰ منزل تي پهتل آهي جتي ڌرم ۽ ديس جا ڀيد ٽيٽين ٿي ڪونه. هوءَ عالمگير برادريءَ جي قائل آهي. هن لاءِ انسان اِنسان آهي ۽ نه هندو، مسلمان يا ڪرستان. ملڪ جو ورهاڱو مذهبي بنياد تي ڪيو ويو آهي. ڀاءُ ڀاءُ کان جدا ڪيو ويو آهي. اَئين صدين جي پاليل تعصبن اَڄ خانه خرابيءَ جي صورت اَختيار ڪئي آهي. هندو، هندو آهي ۽ نه انسان. مسلمان، مسلمان آهي نه انسان. هو ٻئي هڪ ٻئي جي تباهيءَ ۾ ئي پنهنجو ڪلياڻ سمجهن ٿا. اَڄ انسانيت حيوانيت ۾ بدلجي رهي آهي. اَڄ انسان انسان کي مارڻ لاءِ تيار ٿي اُٿيو آهي صرف انهيءَ لاءِ جو هنن جا مذهب نرالا آهي. مسلمان وساري ويٺا آهن ته 'مذهب نهين سکاتا آپس ۾ بير رکنا'، ۽ هندو پنهنجي ويدانت جي سکيا وساري ويٺا آهن.

نُورو اَڄ رمضوءَ سان گڏجڻ آيو هو. هن جو منهن مايوس ۽ ملول هو، ۽ سندس هلڻ جي چال ۾ به چستي ڪانه ٿي ڏٺي. ”سلام عليڪم!“ ڪري، هو رمضوءَ جي اڳيان اچي ويٺو.

صبح جا اَٺ لڳا هئا. رمضوءَ جو چهرو ڏاڍو گنڀير پئي لڳو. هن پنهنجيءَ هوٽل تي وڃڻ جي تياري پئي ڪئي. نوروءَ ڪي وهڻ جو اشارو ڪري چيائين، ”اَدا، خبر خيريت جي ڪانهي. ڪالهه حليما سان اسپتال ۾ ملاقات ٿي. هن جي سڄي شڪل ڏسي منهنجو ته هنيانءُ ئي ڇڄي پيو.“

نوروءَ اَڏير ٿي پڇيو، ”ڪڏهن ڇٽندي؟“

رمضو جنهن جي اکين ۾ سدائين مچلائيءَ جي چمڪ هوندي هئي، تنهن نهايت گنڀير نظرن سان نوروءَ جي اکين ۾ نهاريو ۽ چيو، ”ڪڏهن ڇٽندي؟ ملڪ جي سياسي ۽ اقتصادي حالتن هن جي من جو ڪنول ڦيري ڇڏيو آهي. ڊاڪٽر چون ٿا ته هوءَ سئوَن جي قطار

مسلمان سرمايه دار ۽ شاهوڪار سڀ ڇڏي پاڪستان جي راڄڌانيءَ ڪراچيءَ ۽ سنڌ ۾ آيا آهن. پاڪستان ۾ گهڻو وقت راڄ سرمايه دارن جو ئي هلندو. سماجواد ۽ اشتراڪيت جي هلچل ڪجهه وقت زور نه وٺندي. اُنهن جي سرڪردن ۽ ڪم ڪندڙن کي جيل ۾ تُوسيو ويندو.

"اَسين جيسين ڏُون پُوم آٽڻ جي شغل ۾ رڌل هئاسين، تن لاءِ ٻه رستا کليل آهن: پنهنجا خواب ۽ خواهشون اندر ۾ ئي سانڍي رکون ۽ صرف پنهنجي گذران جو ڪم ڪندا اچون؛ يا نه ڪلم ڪلو موجوده نظام سان پاڻ ٽڪرائي، پاڻ کي صفحه هستيءَ تان ميٽي ڇڏيون.

"حليما، گدو بندر جي ماڻڪ اسپتال ۾ پڻ هڪ چراغ ٿي، پاڪستان جي مڙني جوانن کي سڏي چئي رهي آهي: اي هم وطنيو! جي توهان ڪڏهن به انسان جي برادريءَ ۽ برابريءَ جو سپنو لڌو آهي ته پوءِ دل نه لاهيو. انهيءَ سپني کي مرڻ نه ڏيو. اهو سپنو ئي ته جيئڻ لاءِ واجبي سبب آهي."

نُوروءَ جي وات مان ازخود نڪري ويو، "آمين!"

سڄي هندستان ۾ — يارت توڙي پاڪستان ۾ — آگ لڳي رهي آهي. لکاهه بيگناهه، بيقصور انسان تباهه ٿي رهيا آهن، رڳو انهيءَ ڪري جو هنن جو دين علحدو آهي. ڪهڙو نه پاڳلپڻو!“

ڏُوروءَ اَڏير ٿي پڇيو، ”پر حليما نه انهيءَ پاڳلپڻي کان آجي هئي.“

رمضوءَ ڪنڌ ڌوڻي ها ڪئي، ۽ چيو، ”هوءَ انسان جي ڀلي جي ڳالهين ۾ اهڙي ته ڏڪڻي آهي، جو هن کي انهيءَ خونخوار نظاري ڀاري چوٽ رسائي. هوءَ انهيءَ باهه کي ٽڏي ڪرڻ لاءِ پنجاب ويئي. لاهور ۾ هن ڪيترن ئي هندو ڪٽنبن کي رهزنن جي حملن کان بچايو؛ پر اهو ڪٽنب جنهن کيس پنهنجي گهر جو ڀاتي بڻائي، سندس هوش ۽ ذهن کولي، کيس هن ڪڙيءَ تي رسايو هو، تنهن کي ڪمنصيبا هوءَ بچائي نه سگهي. انهيءَ ڪٽنب جا سڀ ڀاتي گوندن جي هٿان تباهه ٿي ويا. ڇا، اها حيوانيت انسان جي سڌوائيءَ جي ميزان لوڏڻ لاءِ ڪافي ناهي؟ هوءَ موٽي هت آئي پر هوءَ بدلجي چڪي هئي. رات جي اونداهي ۾ هوءَ ڪيڪون ڪري اُٿندي هئي.

”يا الله! هن ڪهڙا نه خوش خواب لڌا هئا، انسان جي بهتريءَ، بهبوديءَ ۽ خوشحاليءَ جا! اَج اُهي سندر سپنا ڪٿي آهن؟ هندستان جي جدا جدا پرڳڻن جا

هيءُ ناول
اُوهانکي ڪيئن لڳو؟
پنهنجي راءِ کان
پبلشر کي يا
ليکڪ کي
ضرور واقف ڪريو.

ليکڪ جو پتو آهي:
آسانند مامتورا
ڪليڪٽرس ڪالوني،
چمبور، بمبئي-٤٠٠٠٧٤

پبلشر: ڪوُنج پبليڪيشن، فورٽ، بمبئي-٠٠٠١

CS 49 Mam

[illegible] Sindhi Day Issue Regd. No. MH
[illegible] April 1977 by/South 400
[illegible] Newspaper in India No. R. N. 11551/61

جھولي لال ڀيڙائي پار

سڀني سنڌي ڀائرن ۽ ڀينرن کي
چيٽي چنڊ ۽ سنڌيت ڏينهن جون
لک لک واڌايون

## رام داد لاٽي
(ايسٽيٽ ايجنٽ)

٥٠٦، ڪامرس هائوس، ميڊوز اسٽريٽ،
بمبئي-٤٠٠٠٠١

فون : آفيس 273066، 273009، 270130،
270941، 272367
سائيٽ :- 273192، 361661
ريسيڊنس : 365939، 384518